ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 03 فيبروري 2026ع 14 شعبان المعظم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (172)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وزير دفاع بلوچستان ۾ وڏي پيماني تي فوجي جوانن جي مقرري اٽڪل قرار ڏئي ڇڏي

پاڪستان جو 40 سيڪڙو کان وڌيڪ علائقو بلوچستان تي ٻڌل آهي، جتي هر 35 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هڪ ماڻهو آباد آهي، جنهن کي ڪنٽرول ڪرڻ انتهائي ڏکيو عمل آهي: خواجه آصف

صوبي ۾ اسان جي فوج اڳ ئي موجود آهي، پر وڌيڪ وڏي پيماني تي مقررين جي ضرورت آهي. گڏيل حڪومتن بيوروڪريسي سان ملي ڪري وسيلن جي درست ورچ نه ڪئي آهي

بلوچستان ۾ قبائلي سردارن، ڏوهاري عنصرن ۽ بيوروڪريسي جو ڳنڍ جوڙ موجود آهي، انهن تنظيمن کي ڏوهاري ماڻهو تحفظ فراهم ڪري رهيا آهن. صوبي ۾ امن متاثر ٿي رهيو آهي

ڪجهه شڪايتون هيون. ان ڳالهه ۾ وڃڻ ڪانسواءِ ته اهي درست هيون يا غلط، پر ڪجهه شڪايتن ۾ قوم پرستي جو رنگ به شامل هو. دهشتگردن کي افغانستان وٽان مدد ملي ٿي

پارٽي حمايت يافته عنصر بلوچستان ۾ پراڪسي طور سرگرم آهن ۽ افغان سرزمين کي به صوبي ۾ دهشتگردي ڦهلائڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. دهشتگردن جي قيادت افغانستان ۾ آهي

هڪ راءِ اها به آهي ته دهشتگردن يا قومي تحريڪ جي ميمبرن سان ڳالهيون ڪيون وڃن، ٻين ملڪن ۾ به سياسي جماعتن سان ڳالهيون ڪيون وينديون آهن. جيڪي پرتشدد ٿي وڃن ٿيون: قومي اسيمبلي ۾ خطاب

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بچاءَ واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته بلوچستان جي | جغرافيائي صورتحال سبب اتي وڏي پيماني تي فوجي اهلڪارن جي مقرري اٽڪل آهي | پاڪستان جو 40 سيڪڙو کان وڌيڪ علائقو بلوچستان تي ٻڌل آهي، جتي هر35 | ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هڪ ماڻهو آباد آهي جنهن کي ڪنٽرول ڪرڻ انتهائي | ڏکيو عمل آهي. سومر ڏينهن قومي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڻيءَ کي جنگي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ڪوشش عالمي قانون جي سنگين خلاف ورزي آهي: وزيراعظم

پاڪستان عالمي قانونن جي پاسداري ڪندي 1960ع جي سنڌ طاس معاهدي جي مڪمل ۽ منصفاڻي عملدرآمد تي يقين رکي ٿو پاڪستان 1971ع جي عالمي پاڻي وسيلن جي معاهدي جو ميمبر آهي

قابل اعتماد پاڻي جا وسيلا ڪنهن به ملڪ جي سخت ماحولياتي ۽ معاشي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ذخيرا هاڃيڪار اثرن کان بچاءَ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا

اسان جا پاڻي جا وسيلا، جن ۾ ٻنيون ۽ گليشيئر، مقامي پاڻي جا ذخيرا ۽ ساحلي ۽ نمي جي حياتياتي تنوع جي تحفظ ماحولياتي تبديلي ۽ پاڻي جي انتظام جو سبب ۽ روزمره جي زندگي جو لازمي حصو آهن

پاڻي جي حفاظت لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين. عالمي سطح تي پاڪستان ملڪن جي وچ ۾ پاڻي جي وسيلن جي منصفاڻي، قانوني ۽ پرامن استعمال جي فروغ لاءِ آواز بلند اٿاريندو رهندو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان عالمي | قانونن جي پاسداري ڪندي 1960ع جي سنڌ طاس معاهدي جي مڪمل ۽ منصفاڻي | عملدرآمد تي يقين رکي ٿو ۽ پاڻي کي جنگي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي | ڪوشش کي عالمي قانون جي سنگين خلاف ورزي سمجهي ٿو. سومر ڏينهن | ملهائجندڙ دنيا جي پاڻي وسيلن جي عالمي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ معياري فلمن جي پروڊڪشن لاءِ ڀرپور قدم کڻي پيا: عطاءُ الله تارڙ

سينمڙل مانيٽرنگ پروجيڪٽ جي شروعات جنوري 2023ع ۾ ٿي: وفاقي وزير اطلاعات

پاڪستان جي سئنيما صنعت کي عالمي سطح تي فروغ ڏيڻ جي لاءِ قدم کڻيا وڃن ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته | پاڪستان ۾ معياري فلمن جي پروڊڪشن بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

فنوم فيهه: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني کي ويتنام جي دوري تي پهچڻ وقت عملدار گلسٽو ڏئي رهيا آهن

سعودي عرب جي حج ۽ عمري واري وزارت 1800 پرڏيهي عمره ٽريول ايجنسين جا معاهدا ملتوي ڪري ڇڏيا

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي حج ۽ عمري واري وزارت مختلف قسمن جي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ايران يورپي فوج کي دهشتگرد گروپ قرار ڏئي ڇڏيو

تهران (اي پي پي) ايران اڄ جي سي جي نامزدگي کانپوءِ يورپي فوج کي دهشتگرد گروپ قرار ڏئي ڇڏيو پرڏيهي ميڊيا مطابق بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سمورا والدين پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارين: آصفه ڀٽو

صحت جا ڪارڪن گهر گهر وڃي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري رهيا آهن

والدين پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارين ۽ اهو ئي موثر طريقو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو آهي ته 2026ع جي پهرين ملڪ گير پوليو ويڪسينيشن مهم | جاري آهي جنهن تحت صحت جا ڪارڪن گهر گهر وڃي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2


ملتان: وفاقي وزير سيد عمران حيدر شاه نيشتر اسپتال ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي

آرمي چيف سان ليبيا جي عرب هٿياربند فوج جي ڪمانڊر ان چيف جي ملاقات

سيڪيورٽي جي صورتحال ۽ پيشيورائي تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

فيلڊ مارشل معزز مهمانن جي آجيان ڪئي ۽ ليبيا سان ٻطرفي مامرن تي ڳالهايو

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز (سي ڊي ايف) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان | ليبيا جي عرب هٿياربند فوج جي ڪمانڊر ان چيف فيلڊ مارشل ابو القاسم حفتر ليبيا بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ورلڊ بئنڪ جو صدر اجئه بنگا وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

وزيراعظم سان يونيسڪو جي ڊي جي جي ملاقات، قانون جي پاسداري لاءِ يقين ڏياريو

حڪمت عملي کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ يونيسڪو جي بنيادي قدرن جي پاسداري جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

وزيراعظم پنجاب جي وڏي وزير طور تعليم جي شعبي ۾ حاصل ڪيل تجربن، بهترين طريقن ۽ ڪاميابين جو پڻ ذڪر ڪيو

وزيراعظم شهباز شريف يونيسڪو کي کيوڙه سالٽ مائنز جهڙين وڌيڪ جاين کي ثقافتي ورثي ۾ شامل ڪرڻ جي دعوت ڏني

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جامع ۽ معياري تعليم جي | فروغ، ثقافتي ورثي جي تحفظ ۽ عالمي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي حڪمت عملي | کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ يونيسڪو جي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

جنگ جي حالت ۾ آهيون، خطرن جو جائزو وٺي رهيا آهيون: ايران جو سربراهه

ايٽمي هٿيارن جي ضرورت ناهي، هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون صلاحيتون رکون ٿا

تهران (اي پي پي) ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ دوران ايران جي ايٽمي توانائي | تنظيم جي سربراهه محمد اسلامي چيو آهي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ شهر ۾ شديد سيءَ سبب 14 ڄڻا فوت

نيويارڪ (اي پي پي) نيويارڪ شهر ۾ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پوليو فري سنڌ اسان جو مشن آهي ۽ غفلت خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي عمل ڪيو ويندو: وڏو وزير

موجوده مهم دوران هڪ ڪروڙ پنجاهه لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياريا ويندا

مهم لاءِ 80 هزار کان وڌيڪ پوليو ورڪر مقرر ڪيا ويا آهن. يوسي سطح تي سخت نگراني ڪئي ويندي

گل پلازه سانحي جي عدالتي جاچ شروع ڪئي وئي آهي، سياسي ڌرين احتجاج بدران چونڊن ۾ حصو وٺن

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ جي | وڏي وزير سيد مراد علي شاه چنيسر ڳوٺ | ۾ قائم گورنمينٽ گرلز اينڊ بوائز پرائمري، سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن کي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير چنيسر ڳوٺ جي اسڪول ۾ پوليو مهم جي افتتاح کان اڳ ٻارڙن سان ڪچهري ڪري رهيو آهي

قومي اسيمبلي جو هلندڙ اجلاس 12 فيبروري تائين جاري رهندو

قومي اسيمبلي جي هائوس بزنس ايڊوائزري اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو

قومي اسيمبلي جو موجوده اجلاس کي 12 فيبروري 2026ع ضميمه تائين جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي هائوس بزنس ايڊوائزري ڪميٽي جو اجلاس قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار | اياز صادق جي صدارت ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ قومي اسيمبلي جي 24هين اجلاس جي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪشمير ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا، ماڻهن ۾ خوف

فوري طور ڪنهن جاني يا مالي نقصان جو ڪو اطلاع ناهي مليو

سرينگر (اي پي پي) ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ گذريل | ڏينهن صبح جو وچولي درجي جو زلزلو بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

حڪومت پائيدار اقتصادي استحڪام لاءِ جامع، گهڻ رخي سڌارن تي ڌيان ڏئي رهي آهي: شهباز شريف

وزيراعظم عالمي بئنڪ گروپ جي صدر جي حيثيت سان اجي بنگا جي پهرين پاڪستان جي سرڪاري دوري تي سندس آجيان ڪئي

وزيراعظم 10 سالن لاءِ عالمي بئنڪ گروپ ڪنٽري پارٽنرشپ فريم ورڪ (سي پي ايف) تحت تعاون کي ساراهه جوڳو قرار ڏنو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان سان عالمي بئنڪ گروپ جي ڊگهي مدي واري حصيداري ۽ ترقياتي ترجيحن جي فروغ جي عزم کي | ساراهيندي چيو آهي ته حڪومت پائيدار اقتصادي استحڪام حاصل ڪرڻ جي لاءِ | جامع گهڻ رخي سڌاراجاتي پروگرام تي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پشاور: پوليو ورڪر هڪ ٻارڙي کي پوليو جا ڦڙا پياري رهي آهي

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن 10 لک شاگردن جي داخلا جو تاريخي انگ پار ڪري ورتو

بورڊ آف گورنرز جي نائب چيئرمين سردار علي شاه پاران سيف جي ڪاميابي قابل فخر قرار

اسڪالرشپ پروگرام تحت گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو اسڪالرشپس ڇوڪرين لاءِ مخصوص ڪيون وينديون

صوبائي وزير پاران مانيٽرنگ ۽ ايوليئيشن نظام جديد ٽيڪنالاجي ذريعي خودڪار بڻائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (سيف) صوبي اندر 10 لک | شاگردن جي داخلا جو اهم ۽ تاريخي انگ پار ڪري ورتو آهي سنڌ جي تعليم ۽ | خواندگي واري وزير ۽ سيف جي بورڊ آف بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

گل پلازا سانحي ۾ لاپرواهي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي: گورنر

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ لاءِ خط موڪليو آهي

شهر جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هر ڪنهن کي پنهنجي ذميواري نڀائڻي پوندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته گل پلازا ۾ پيش ايندڙ واقعو هڪ تمام وڏو ۽ دل | ڏاريندڙ سانحو آهي، جنهن ۾ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيون هن سانحي ۾ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر اندران نوجوان ناري جو ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو، جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ۾ پي اين ٽي سوسائٽي نعمان ريسٽورنٽ جي ويجهو هڪ گهر مان هڪ نوجوان ناري جو ڦاهو لڳل لاش مليو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ڪشميرين سان يڪجهتي جي ڏهاڙي جي حوالي سان وفاقي راڄڌاني ۾ بينر لڳايا ويا آهن

ڪراچي ۾ هلندڙ سمورا ترقياتي منصوبا مقرر وقت اندر مڪمل ڪيا ويندا: ناصر شاهه

اڌورا ۽ دير سان ٿيندڙ منصوبا عوامي تڪليفن سان گڏ لاڳت ۾ واڌ جو سبب بڻجن ٿا

ترقياتي ڪمن جي رفتار، معيار، شفافيت ۽ عوامي افاديت تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ جي هدايتن تحت قائم ڪيل اعليٰ سطحي ڪميٽي جو اجلاس صوبائي وزير بلديات | سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ميئر ڪراچي مرتضيٰ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي معياري تعليم تحقيق ۽ شاگرد جي ڀلائيءَ تي ڌيان رکي ٿي: ڊي سي

انتظاميه شاگردن جي ترقي، جديد سهولتن ۽ تحقيق جي حوصلا افزائي ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي

قومي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسون منعقد ڪرڻ سميت صنعت سان لاڳاپا قائم ڪيا ويندا: مجيب صحرائي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽيءَ جي سينڊيڪيٽ جو 33 هون اجلاس وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب | صحرائيءَ جي صدارت ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ يونيورسٽيءَ جي مالي تعليمي ۽ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم سان يونيسڪو جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر خالد العناني جي ملاقات، گهڻ رخي تعاون تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان يونيسڪو جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر خالد العناني سومر ڏينهن ملاقات ڪئي اهو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

بلوچستان جي گورنر علي مدد جتڪ کان صوبائي وزير جي عهدي جو حلف ورتو

ڪوئيٽا (اي پي پي) گورنر هائوس ڪوئيٽا ۾ ڪالهه هڪ سادي پر پروقار حلف برداري تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ صوبائي اسيمبلي جي ميمبر علي مدد جتڪ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاه ٻارڙي کي پريفيڪٽ جو بيج لڳائيندي

ڪراچي ۾ ڪاليجي استادن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ سنڌ سيڪريٽريٽ ٻاهران ڌرڻو

پنج درجي فارمولي جي منظوري ۽ استادن جون ترقيون ملتوي ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

صوبا جا ڪاليج تباهه ٿي ويا آهن 12 فيبروري تي بلاول هائوس سامهون ڌرڻو هڻنداسين: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پروفيسر ليڪچرر ايسوسيئيٽ سنڌ صوبائي حڪومت جي پنج درجي واري فارمولي جي منظوري ۾ | ناڪامي ۽ استادن جي ترقين جي ملتوي ٿيڻ خلاف سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڌرڻو هنيو بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ عالمي ڪانفرنس اڄ ٿيندي، پرڏيهي وفد پهچڻ شروع ٿي ويا

ٽرينگانو اسٽيٽ ليجسليٽو اسيمبلي جو وفد ڪوالالمپور، دبئي جي رستي ڪراچي پهتو

ايئرپورٽ تي ايم پي اي محمد آصف موسيٰ ۽ ايم پي اي معاذ محبوب وفد جي آجيان ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي ميزباني هيٺ اڄ 3 فيبروري کان 7 فيبروري تائين ڪامن ويلٿ پارلياماني | ايسوسيئيشن ايشيا ريجن جي ستين سي پي اي ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ريجن بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

بين المذاهب هم آهنگي، امن، رواداري ۽ گڏيل بقا لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين: حافظ طاهر محمود اشرفي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان علماءِ ڪائونسل جي چيئرمين حافظ طاهر محمود اشرفي چيو آهي ته بين المذاهب هم بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ دهشتگرد حملن جي مذمت ڪريون ٿا: روس

اهڙين ڪارروائين جي ذميوارن انصاف جي ڪٽهڙي تائين آندو ويندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۾ روس جي سفارتخاني بلوچستان ۾ 31 جنوري کان 1 فيبروري تائين ٿيل دهشتگرد | حملي جي مذمت ڪئي آهي. ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ روسي سفارتخاني چيو بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: خيبر پختونخواه جو وزير اعليٰ سهيل آفريدي وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

سينيٽ ۾ بلوچستان ۾ دهشتگرد حملن جي شديد مذمت، متفقه قرارداد منظور

وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ ايوان ۾ قرارداد پيش ڪئي جنهن کي سڀني سياسي پارٽين جي مڪمل تائيد حاصل ٿي

پائيدار امن، سماجي ۽ معاشي ترقي، بهتر طرز حڪمراني ۽ آئيني حقن جي احترام ڪانسواءِ ممڪن ناهي: سينيٽرز

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي اجلاس ۾ ڪالهه بلوچستان ۾ هاڻوڪي دهشتگرد | حملن جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪندي متفقه طور قرارداد منظور ڪئي وئي قرارداد | قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ تازي دهشتگردي ۾ ملوث ڌريون پاڪستان جون دشمن آهن: رانا ثناءُ الله

10 پوليس اهلڪار، 6 ايف سي اهلڪار، هڪ ليوي اهلڪار ۽ 33 شهري شهيد ٿي ويا آهن، جن جا جوان شهيد ٿيا آهن

بلوچستان ۾ تشدد جو انداز واضح طور تي منظم دهشتگردي جي نشاندهي ڪري ٿو، نه وري ڌار ڌار ڏوهن جي

تازي دهشتگردي خلاف ڪارروايون کانپوءِ ڪوئيٽا جي اسپتالن مان مارجي ويل دهشتگردن جا لاش زبردستي کنيا ويا

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ هٿياربند فوج جي مڪمل حمايت ڪن ۽ شهيدن ۽ سندن ڪٽنبن جي قربانين جو احترام ڪن

اسلام آباد (اي پي پي) سياسي معاملن بابت وزيراعظم جي خاص مددگار راڻا ثناءُ | الله خان سومر ڏينهن سينيٽ کي آگاهه ڪيو ته بلوچستان ۾ تازي دهشتگردي جي | واقعن ۾ ملوث ڌريون پاڪستان جون دشمن بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ پائيدار امن لاءِ ڪنهن به حد تائين وينداسين: وفاقي گهرو وزير

سيڪيورٽي فورسز ڪارروائي ذريعي بلوچستان ۾ بدامني پکيڙڻ جي پرڏيهي سازش کي پاڙ کان پٽي اڇليو آهي

رياست جي رٽ کي چئلينج ڪندڙ ڌرين لاءِ هاڻي ڪا به جڳهه ناهي، فتنه الهندستان جي سمورن سهولتڪارن جي خاتمي تائين آپريشن جاري

سيڪيورٽي ادارن ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي وقت سر ڪارروائي ڪندي دهشتگردن جي وڏي نيٽ ورڪ کي نشانو بڻايو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز ڪارروائي ذريعي بلوچستان ۾ بدامني پکيڙڻ جي هڪ وڏي پرڏيهي سازش کي پاڙ کان پٽي اڇليو آهي اسان بلوچستان ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ | لاءِ ڪنهن به حد تائين وينداسين. رياست جي رٽ کي چئلينج ڪندڙ ڌرين لاءِ هاڻي | ڪا به جڳهه ناهي. سومر ڏينهن پنهنجي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سڌ سماءَ وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ اي پي پي آفيس ۾ صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

قومي اسيمبلي ۾ معمول جي ڪارروائي معطل ڪري بلوچستان ۽ ڊي آءِ خان ۾ دهشتگردي جي واقعن تي بحث ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ معمولي جي ڪارروائي معطل ڪري بلوچستان ۽ ڊي آءِ خان ۾ دهشتگردي جي واقعن تي بحث ڪيو ويو سومر ڏينهن قومي اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر سردار بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ علماءِ مشائخ ڪنوينشن، غزه پيس آف بورڊ ۾ پاڪ فوج نه موڪلڻ جي آجيان

پاڪ فوج بلوچستان ۾ وطن جي دفاع لاءِ عظيم قربانيون ڏئي ملڪ ۽ قوم جو سر بلند ڪيو آهي: اڳواڻ

چونڊن ۾ ڌانڌلي باوجود اسان ڪڏهن به فوج ۽ اسٽيبلشمينٽ کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي

ڪنوينشن ۾ گل پلازا جو سانحي ذميوار سنڌ حڪومت قرار، اعليٰ سطحي عدالتي جاچ جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فنڪشنل علماءِ مشائخ ونگ سنڌ جي اهتمام هيٺ، فنڪشنل ليگ سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم جي صدارت ۾ ۽ علماءِ مشائخ سنڌ جي صدر مولانا محمد امين انصاري جي ميزباني هيٺ فنڪشنل هائوس | ڪلفٽن ۾ علماءِ مشائخ ڪنوينشن منعقد ٿيو. ڪنوينشن ۾ حڪومت طرفان غزه | پيس آف بورڊ ۾ پاڪ فوج نه موڪلڻ ۽ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مشهور اسپينسر آءِ اسپتال نئين سر سجاوٽ ۽ مرمت جي سلسلي ۾ 31 مارچ تائين بند رهندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهر جو مشهور اسپينسر آءِ اسپتال نئين سر سجاوٽ ۽ مرمت جي سلسلي ۾ 31 مارچ 2026 تائين بند رهندو هن فيصلي جو مقصد مريضن کي جديد طبي سهولتون، بهتر علاج ۽ آرامده ماحول مهيا ڪرڻ آهي مرمت جو ڪم مڪمل ٿيڻ کان پوءِ بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت عالمي مارڪيٽن ۾ سون ۽ چانديءَ جون قيمتون وڌيڪ گهٽجي ويون

ملڪي مارڪيٽ ۾ سون جي في تولو قيمت ۾ 21 هزار 500 رپين جي وڏي لاٿ رڪارڊ

عالمي مارڪيٽ ۾ لاٿ سبب چانديءَ 601 رپيا گهٽجڻ سان في تولو 8 هزار 405 رپيا ٿي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ۽ عالمي مارڪيٽن ۾ سون ۽ چانديءَ جون قيمتون وڌيڪ گهٽجي ويون آهن ملڪي مارڪيٽ | ۾ سون جي في تولو قيمت ۾ 21 هزار 500 رپين جي وڏي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليو مهم دوران فول پروف سيڪيورٽي يقيني بڻائڻ لاءِ جامع پلان تيار

پوليو ٽيمن ۽ ورڪرن جي سيڪيورٽي لاءِ 7 هزار 703 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويا

ليڊي پوليس اهلڪار پڻ شامل، آفيسرن کي سيڪيورٽي انتظامن جي سڌي نگراني ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جي هدايتن تي 02 کان 08 فيبروري 2026 تائين ڪراچي شهر ۾ | جاري پوليو مهم دوران فول پروف سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ جامع بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر پاران ڪي ايم سي عملدار عبدالرب جي والد جي وفات تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد، ڪي ايم سي ڊائريڪٽر ڪائونسل سيڪريٽريٽ عبدالرب جي والد جي وفات تي گهرو ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي آنهن چيو ته هن ڏک جي گهڙي ۾ اهي عبدالرب ۽ سندس بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ موبائل مارڪيٽ کي باهه، ماڻهن محفوظ طور ٻاهر ڪڍيو ويو

صدر جي مصروف علائقي النجيبي موبائل مارڪيٽ ۾ ستين منزل تي باهه لڳي

فائربريگيڊ گاڏين ۽ سنورڪلز طلب ڪري فائل ماڻهن کي ٻاهر ڪڍي باهه تي ضابطو آندو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مصروف علائقي صدر ۾ النجيبي موبائل مارڪيٽ ۾ باهه لڳي وئي، باهه ستين منزل | تي لڳي. فائر برگيڊ جون چار گاڏيون ان کي وسائڻ ۾ مصروف هيون باهه لڳڻ سبب بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز ۽ ايس آءِ يو جو آپريشن، مقابلي بعد 3 زخمي ڏوهاري گرفتار

گاڏين پرسان مقابلي بعد باسط حسين عرف شاه رخ، عبدالصمد ۽ محمد طلحه عرف مايا سوڳيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ ايس آءِ يو پوليس خفيه ڄاڻ جي بنياد تي ڪراچي جي علائقي ڪشمير | مسجد گارڊن پرسان ڀتا خور مافيا خلاف گڏيل آپريشن ڪيو آهي رينجرز ترجمان بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس جي ڪارروائي، رحمان ڊڪيٽ جو پٽ گرفتار، هٿيار هٿ

سٽي پوليس ڪلاڪوٽ ٿاڻي جي حد مان جوابدار جبران کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدار عادي ڏوهاري آهي، جيڪو اڳ به ڪيترن ئي ڪيسن ۾ جيل وڃي چڪو آهي: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ سٽي پوليس ڪارروائي ڪندي رحمان ڊڪيٽ جي پٽ کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس | موجب گرفتار ٿيل جوابدار جي سڃاڻپ جبران ولد عبدالرحمان عرف رحمان ڊڪيٽ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

دبئي: وفاقي وزير چوڌري سالڪ حسين ڪوريٽ جي انساني وسيلن واري ڊائريڪٽر جنرل رباب عبدالله الاسيمي سان گڏ بيٺل آهي

ڪراچي پوليس پاران مبينا مقابلي بعد هڪ زخمي ڏوهاري گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عزيز ڀٽي ٿاڻي جي پوليس موجب عزيز آباد بلاڪ 2 واري علائقي ۾ پوليس ۽ ڦورن جي وچ ۾ مقابلو ٿيو فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ هڪ ملزم ثناءُ الله ولد لعل جان کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ساٿي عبدالله موقعي تان فرار ٿي ويو. زخمي جوابدار کي اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس هڪ پسٽول، لوڊ ميگزين ۽ بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس پاران شب برات تي سيڪيورٽي ۽ ٽريفڪ بابت جامع منصوبو جاري

مسجدن، امام بارگاهن، مزارن، قبرستانن ۽ مذهبي اجتماعن لاءِ فول پروف سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويندا

ڪليل هنڌن تي ٿيندڙ عوامي اجتماعن لاءِ به سخت حفاظتي اپاءَ ورتا ويندا: ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس شب برات جي موقعي تي سيڪيورٽي ۽ ٽريفڪ بابت جامع منصوبو جاري ڪري ڇڏيو آهي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد | عالم اوڊو صوبائي سطح تي امن امان برقرار رکڻ ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ سخت ۽ موثر قدم کڻڻ جون هدايتون بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ شهرين کي لائسنس وارا هٿيار ڳجهي انداز ۾ گڏ رکڻ جي اجازت ملي وئي

ڪمپيوٽرائيزڊ لائسنس رکندڙ شهرين کي هٿيار پاڻ سان رکڻ جي اجازت ڏني وئي

صوبي ۾ هٿيارن جي نمائش سختي سان منع هوندي، نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو کاتي لائسنس وارا هٿيار رکڻ وارن شهرين لاءِ اهم فيصلو ڪري ڇڏيو آهي گهرو کاتي سنڌ پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب | صوبي ۾ ڪمپيوٽرائيزڊ هٿيار لائسنس رکندڙ شهرين کي هاڻي هٿيار پاڻ سان رکڻ جي اجازت ڏني وئي آهي نوٽيفڪيشن ۾ بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ايران سان معاهدي لاءِ پراميد آهيون: آمريڪي صدر

ايران تي آمريڪا جو حملو علائقائي جنگ جو سبب بڻجي سگهي ٿو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته هو ايران سان معاهدي لاءِ پراميد آهي پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ | مطابق اها ڳالهه هن گذريل ڏينهن ايران جي سپريم ليڊر طرفان ان تنبيهه بعد چئي آهي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

آمريڪا حملو ڪيو ته جنگ سڄي خطي ۾ پکڙجي ويندي: ايران

ايران خلاف جنگ شروع ڪئي وئي ته هن ڀيري اها سڄي خطي جي جنگ هوندي

تهران (اي پي پي) ايران چيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا حملو ڪيو ته جنگ سڄي خطي ۾ پکڙجي ويندي پرڏيهي | ميڊيا مطابق نار واري خطي ۾ واشنگٽن طرفان وڏي تعداد ۾ فوج جي مقرري کانپوءِ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسرائيل پاران غزه ۾ امدادي تنظيم ايم ايس ايف کي ڪم کان روڪڻ جو اعلان

تنظيم پنهنجي فلسطيني عملي جي لسٽ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي: اسرائيلي وزير

خطي ۾ ڪم ڪندڙ سمورين انساني تنظيمن لاءِ مقامي ملازمن جون لسٽون جمع ڪرائڻ ضروري آهي

تل ابيب (اي پي پي) اسرائيل چيو آهي ته هو غزه ۾ عالمي خيراتي اداري ڊاڪٽرز وِد آئوٽ بارڊرز (ايم ايس ايف) جون انساني | بنيادن تي ڪارروائيون ختم ڪري رهيو آهي ۽ دعويٰ ڪئي آهي ته تنظيم پنهنجي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ شب برات جي موقعي تي فول پروف سيڪيورٽي يقيني بڻائي وڃي: گهرو وزير

مسجدن، امام بارگاهن، مزارن ۽ درگاهن تي خاص سيڪيورٽي انتظام ڪيا وڃن

مزارن ۽ درگاهن تي ايندڙ زائرين جي سهولت ۽ سيڪيورٽي لاءِ الڳ ۽ جامع پلان ترتيب ڏنو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار شب برات جي موقعي تي سڄي صوبي ۾ امن ۽ امان برقرار رکڻ | ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ يقيني بڻائڻ لاءِ فول پروف سيڪيورٽي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

مڪلي ۾ صوفي بزرگ حضرت عبدالله شاهه اصحابي جو عرس شروع، قافلا پهتل

صوبائي وزير رياض حسين شاهه شيرازي درگاهه تي چادر چاڙهي عرس جو افتتاح ڪيو

سنڌ صوفي بزرگن ۽ درويشن جي ڌرتي آهي، جن هميشه محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو: خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ حضرت عبدالله شاهه اصحابي رحه جو 387 هون ڪن ڏينهن وارو ساليانو | عرس مبارڪ مڪلي ۾ عقيدت ۽ روحاني جوش و جذبي سان شروع ٿي ويو آهي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شب برات جي موقعي تي قبرستانن ۾ صفائي، روشني ۽ پاڻي فراهم ڪيو وڃي: ميئر

رستا همٿار ۽ صاف سٿرا ڪيا وڃن، نيڪال واري پاڻي ۽ گندگي کان پاڪ رکيو وڃي

شهرين کي مناسب سهولتون مهيا ڪرڻ بلدياتي ادارن جي ذميواري آهي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب هدايت ڪئي آهي ته | شب برات جي موقعي تي شهري پنهنجي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڍلجي اسٽيشن ويجهو ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽالي ۽ ڊمپر ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

ڳوٺ الهه آباد اسٽاپ وٽ حادثي ۾ ڊرائيور علي بخش ڪوسو ڏاڍي تي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس ۽ ڳوٺاڻن پهچي ڊمپر ڊرائيور کي سرڪهڙ ڪري لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو

ڍلجي اسٽيشن (ن ع) ڍلجي اسٽيشن ويجهو ڳوٺ الهه آباد اسٽاپ وٽ | نيو پيارو شگر مل ڏانهن ويندڙ ڪمند سان بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

بلوچستان آپريشن دوران 177 دهشتگرد ماريا ويا، 17 اهلڪار ۽ 33 شهري شهيد ٿي چڪا

24 ڪلاڪن دوران بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين دوران 177 دهشتگرد ماريا ويا

ڪارروائين دوران 10 پوليس اهلڪار، 6 ايف سي اهلڪار، هڪ ليوي اهلڪار ۽ 33 شهري شهيد ٿي ويا: خواجه آصف

اسلام آباد (اي پي پي/مانيٽرنگ) دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف چيو | آهي ته بلوچستان آپريشن دوران 177 دهشتگرد ماريا ويا آهن 17 اهلڪار ۽ 33 | شهري شهيد ٿيا آهن سومر ڏينهن قومي بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 — عطاءُ الله تارڙ

جي لاءِ ڀرپور قدم ۽ مدد ڪئي ويندي اها ڳالهه هن ڪالهه سومر ڏينهن ڊائريڪٽوريٽ آف اليڪٽرانڪ ميڊيا اينڊ پبليڪيشنز جي اهتمام هيٺ مختلف منصوبن جي جائزي اجلاس دوران ڳالهائيندي چئي. اجلاس ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير کي سينٽرل مانيٽرنگ پروجيڪٽ جي دائري ڪار ۾ توسيع ۽ ٽيڪنالاجي جي بهتري سميت نيشنل سينٽر آف فلمز (اين سي ايف) قائم ڪرڻ جي حوالي سان بريفنگ ڏني وئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته سينٽرل مانيٽرنگ پروجيڪٽ جي شروعات جنوري 2023ع ۾ ٿي اهو منصوبو هلندڙ سال جون 2026ع تائين مڪمل ڪيو ويندو. اطلاعات واري وفاقي وزير سينٽرل مانيٽرنگ پروجيڪٽ جي وقت سر تڪميل تي زور ڏنو ان موقعي تي ڳالهائيندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته سينٽرل مانيٽرنگ يونٽ جديد گهرجن سان هم آهنگ منصوبو آهي جنهن سان بيانيه سازي بابت ريورس جوڙڻ ۽ موثر حڪمت عملي طئي ڪرڻ ۾ مدد ملندي. هن چيو ته ان منصوبي سان نجي شعبي کي پڻ فائدو ٿيندو جتي هو پنهنجي مواد جو تجزيو ڪرڻ جي سهولت حاصل ڪري سگهندو ان موقعي تي ڊيمپ انتظاميا پي سي ون ۽ منظور ٿيل ورڪ پلانگ موجب منصوبي جي جون 2026ع تائين وقت سر تڪميل کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ سمورن ضروري قدمن جي خاطري ڪرائي. اجلاس ۾ منصوبي جي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ ۽ ڪنهن به رڪاوٽ جي وقت سر نشاندهي ۽ ازالي جي لاءِ باقاعده بنيادن تي جائزه اجلاس منعقد ڪرڻ تي پڻ اتفاق ٿيو اجلاس کي نيشنل سينٽر آف فلمز (اين سي ايف) قائم ڪرڻ جي حوالي سان پڻ آگاهه ڪيو ويو اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۾ معياري فلمن جي پروڊڪشن جي لاءِ ڀرپور قدم ۽ معاونت ڪئي ويندي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته نيشنل سينٽر آف فلمن ڊيمپ جي فلم ونگ جي نئين سر تنظيم سازي جي ذريعي قائم ڪئي وئي. نيشنل فلم پاليسي 2018ع جي آفيشل ڪسٽوڊين جي طور تي نيشنل سينٽر آف فلمز (اين سي ايف) فلم ۽ ڊراما انڊسٽري جي لاڳاپيل ڌرين سان رابطو ۽ هم آهنگي يقيني بڻائي ٿو پاليسي تحت مراعتن جي لاڳو ۾ سهولت جي فراهمي ۽ منظم رابطن، معاهدن ۽ عالمي پليٽ فارمز ۾ شرڪت جي ذريعي پاڪستان جي سئنيما صنعت کي عالمي سطح تي فروغ ڏيڻ جي لاءِ قدم پڻ کنيا وڃن ٿا. اجلاس کي وڌيڪ ٻڌايو ويو ته فلمي صنعت جي بحالي لاءِ اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت پاران سالي مراعتون متعارف ڪرايون ويون آهن. سئنيما کو گرانٽ اوزارن تي ڇوٽ، سئنيما آپريشنز ۽ فيچر فلمز جي تياري جي لاءِ ٽيڪس ريفليف، فلم اينڊ ڊراما فنانس فنڊ تحت ڪارپوريٽ سوشل ريسپانسبلٽي سان واڳيل ٽيڪس ڪريڊٽس شامل آهن اجلاس کي ٻڌايو ويو ته فلم ۽ ڊراما جي شعبي ۾ تعاون جي فروغ جي لاءِ ڪيترن ئي ملڪن سان مفاهمتي ياداشتن تي پڻ صحيحون ڪيون ويون آهن جن جو مقصد مواد جي متاسنا، گڏيل پروڊڪشنز ۽ عالمي فلم فيسٽيولز ۾ شرڪت کي فروغ ڏيڻ آهي.

بقايا 2 — اٽڪ قرار

اسيمبلي ۾ خيالن جو اظهار ڪندي خواجه آصف چيو ته صوبي ۾ اسان جي فوج اڳ ئي موجود آهي پر وڌيڪ وڏي پئماني تي مقررين جي ضرورت آهي هن الزام لڳايو ته گڏيل حڪومتن بيوروڪريسي سان ملي ڪري وسيلن جي درست ورڇ نه ڪئي آهي، ٻين صوبن ۾ به ساڳي صورتحال موجود آهي. خواجه آصف اهو به انڪشاف ڪيو ته بلوچستان ۾ قبائلي سردارن، ڏوهاري عنصرن ۽ بيوروڪريسي جو گٺ جوڙ موجود آهي،انهن تنظيمن کي ڏوهاري ساٿهو تحفظ فراهم ڪري رهيا آهن خواجه آصف اهو خطاب اسپيڪر اياز صادق جي درخواست تي ڪيو جنهن ڪيس بلوچستان جي صورتحال بابت ايوان کي بريفنگ ڏيڻ لاءِ چيو هو خواجه آصف پنهنجي خطاب جي شروع ۾ چيو ته بلوچستان ۾ امن جي بحالي گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن دوران بار بار متاثر ٿي آهي ان باوجود صوبي ۾ ڏگهي عرصي تائين امن قائم رهيو ۽ ترقياتي ڪم پڻ ٿيا بجاءِ واري وزير چيو ته ملڪ ڪهڙ جي شروعاتي ڏهاڪن ۾ هن بدامني جي اثرن کي هڪ قسم جو سياسي رنگ ڏنو ويو هو هن چيو ته ڪجهه شڪايتون به هيون،ان ڳالهه ۾ وڃڻ کانسواءِ ته اهي درست هيون يا غلط، ڪجهه شڪايتون ۾ قوم پرستي جو رنگ به شامل هو" خواجا آصف چيو ته پارٽي حمايت يافته عنصر بلوچستان ۾ پراڪسي طور سرگرم آهن ۽ افغان سرزمين کي به صوبي ۾ دهشتگردي پکڙائڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو دهشتگردن جي قيادت افغانستان ۾ آهي

بقايا 3 — يقين ڏياريو

بنيادي قدرن جي پاسداري جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف سان گڏيل قومن جي تعليمي سائنسي ۽ ثقافتي تنظيم (يونيسڪو) جي ڊائريڪٽر جنرل خالد الاينانِي ڪالهه سومر ڏينهن ملاقات ڪئي تعليم ۽ پيشيوارائي تربيت وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي وارو وفاقي وزير خالد حسين مگسي، قومي ورثي ۽ ثقافت وارو وفاقي وزير اورنگزيب کچي ۽ اعليٰ عملدار پڻ ملاقات ۾ موجود هئا. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف ڊاڪٽر خالد الاينانِي کي ڊائريڪٽر جنرل يونيسڪو چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏيندي جامع ۽ معياري تعليم جي فروغ، ثقافتي ورثي جي تحفظ ۽ عالمي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ حڪمت عملي کي مضبوط بڻائڻ جي حوالي سان يونيسڪو جي بنيادي قدرن جي پاسداري جي پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو وزيراعظم يونيسڪو جي اهم ڪردار کي ساراهيندي ڊاڪٽر خالد الاينانِي جي قابل قيادت ۾ تنظيم سان تعاون جاري رکڻ جي پاڪستان جي خواهش جو اظهار ڪيو وزيراعظم تعليم جي فروغ جي لاءِ پاڪستان حڪومت پاران کنيل مختلف قدمن خاص طور تي "ايجوڪيشن ايمرجنسي" جنهن جو مقصد اسڪول وڃڻ جي عمر جي ٻارن جي داخلائن ۾ اضافي جهڙن قدمن تي روشني وڌي وزيراعظم بطور پنجاب جي وڏي وزير پنهنجي دور ۾ تعليم جي شعبي ۾ حاصل ڪيل تجربن بهترين طريقن ۽ ڪاميابين جو پڻ ذڪر ڪيو ملاقات دوران وزيراعظم پاڪستان ۾ ثقافتي ورثي جي 6 جاين جي تحفظ ۽ ان ڳالهه ۾ يونيسڪو جي تعاون تي پڻ اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ يونيسڪو کي کيوڙا سالٽ مائنز جهڙين وڌيڪ جاين کي ثقافتي ورثي ۾ شامل ڪرڻ جي دعوت ڏني ڊائريڪٽر جنرل يونيسڪو شاندار استقبال تي وزيراعظم جا ٿورا مڃيا ۽ چيو ته هن پنهنجي مختصر دوري ۾ مختلف اسڪولن ۽ ثقافتي جاين جو دورو ڪيو هن تعليم جي شعبي ۾ پاڪستان جي ڪاميابين کي ساراهيو ۽ تعليم سائنس ۽ ثقافت جي شعبن ۾ پاڪستان جي ڪوششن جي حمايت جي لاءِ پنهنجي مسلسل عزم تي زور ڏنو

بقايا 4 — فوت

شديد سيءَ سبب هڪ هفتي دوران 14 ڄڻا فوت ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق ان ڳالهه جي تصديق گذريل ڏينهن نيويارڪ جي ميئر زهران ممداني ڪئي هن چيو ته هن وقت تائين 6 ڪروڙ 70 لک پائونڊ برف پگهري چڪي آهي جڏهن ته برف صاف ڪرڻ لاءِ 18 ڪروڙ 80 لک پائونڊ لوڻ استعمال ڪيو ويو آهي مقامي ميڊيا مطابق شروعاتي جاچ مان خبر پئي آهي ته 8 ڄڻن جي فوتگي هائيپوٿرميا (شديد ٿڌ سبب جسماني گرمي پد ۾ خطرناڪ حد تائين گهٽتائي) سبب ٿي آهي ٿڌي موسم ۾ بي گهر ماڻهن جي مدد لاءِ به قدم کنيا پيا وڃن بي گهر ماڻهن لاءِ سنگل روم شيلٽر يونٽس کوليا پيا وڃن جڏهن ته نيويارڪ شهر جي 5 بوروز ۾ قائم وارمنگ شيلٽرز هر شخص لاءِ کليل رهندا ان کانسواءِ سڄي شهر ۾ 20 وارمنگ بسون به مقرر ڪيون ويون آهن

بقايا 5 — ايران جو سربراهه

ته ايران هاڻي جنگ جي حالت ۾ آهي خطرن جو سنجيدگي سان جائزو وٺي رهيا آهيون پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽن مطابق هن گذريل ڏينهن پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته اسان کي دفاعي مقصدن لاءِ ايٽمي هٿيارن جي ضرورت ناهي ۽ اسان ان هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون صلاحيتون رکون ٿا. اهو بيان اهڙي وقت سامهون آيو آهي جڏهن آمريڪا وچ اوڀر ۾ پنهنجي فوج کي مضبوط ڪيو آهي خاص طور تي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان ايران تي فوجي حملي جي ڌمڪي بعد جهاز بردار سامونڊي بيڙو يو ايس ابراهم لنڪن جي قيادت ۾ سامونڊي بيڙن جي مقرري ڪئي وئي آهي

بقايا 6 — وڏو وزير

پوليو جا ڦڙا پيارينڊي صوبي ۾ پوليو خلاف مهم جو باقاعده افتتاح ڪيو هڪ هفتي تي ٻڌل هي مهم 2 فيبروري کان 8 فيبروري تائين سڄي صوبي ۾ جاري رهندي اسڪول پهچڻ تي وڏي وزير جو پليڪار وزير محنت سعيد غني وزيرتعليم سردار علي شاه ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي سيڪريٽري صحت طاهر سانگي ۽ ايمرجنسي آپريشنز سينٽر (اي او سي) جي ڪوآرڊينيٽر شهريار ميمن ڪيو ان موقعي تي عالمي صحت اداري (ڊبليو ايڇ او)، يونيسيف، روٽري انٽرنيشنل سميت عزيز ميمن ۽ ٻين پائيوار ادارن جا نمائندا پڻ موجود هئا افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته سنڌ مان پوليو جو خاتمو اجتماعي ذميواري ۽ صوبائي حڪومت جي مضبوط عزم جو اظهار آهي هن چيو پوليو فري سنڌ اسان جو مشن آهي ۽ هر سطح تي غفلت خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي عمل ڪيو ويندو سيد مراد علي شاه ٻڌايو ته موجوده مهم دوران پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن هڪ ڪروڙ پنجاهه لک کان وڌيڪ ٻارن کي گهر گهر وڃي پوليو جا ڦڙا پياريا ويندا ان مقصد لاءِ سنڌ جي 30 ضلعن ۾ 1490 يونين ڪائونسلن جي حدن اندر 89 لک گهرن جو دورو ڪيو ويندو مهم لاءِ 80 هزار کان وڌيڪ پوليو ورڪر مقرر ڪيا ويا آهن وڏي وزير انتظاميا کي هدايت ڪئي ته يونين ڪائونسل سطح تي مهم جي سخت نگراني يقيني بڻائي وڃي ۽ ويڪسينيشن ٽيمن سان تعاون نه ڪندڙ ماڻهن يا گهرن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي هن زور ڏنو ته پوليو خلاف جدوجهد ۾ والدين جو تعاون فيصلائتو آهي ۽ ڪو به ٻار ويڪسينيشن کان محروم نه رهڻ گهرجي فرنٽ لائين ورڪرن جي سيڪيورٽي بابت وڏي وزير چيو ته پوليو ٽيمن جي تحفظ لاءِ 21 هزار کان وڌيڪ پوليس ۽ رينجرز اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن هن چيو پوليو ورڪر اسان جا هيرو آهن انهن جي حفاظت حڪومت جي ذميواري آهي. دوري دوران وڏي وزير ڪلاسن ۾ پڻ ويو جتي هن پاڻ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياريا ۽ انهن کي "پوليو ايمبيسڊر" قرار ڏيندي ساڻ ٻهرايا. شاگردن کي خطاب ڪندي هن ڪين پنهنجي علائقن ۾ پوليو بابت آگاهي ڦهلائڻ جي تلقين ڪئي سيد مراد علي شاه چيو ته هن وقت دنيا ۾ صرف ٻه ملڪ پاڪستان ۽ افغانستان اهڙا آهن جتي پوليو موجود آهي جيڪو قوم لاءِ شرم جوڳي ڳالهه آهي هن چيو پوليو ويڪسين جا ٻه ڦڙا اسان جي ٻارن کي عمر ڀر جي معذوري کان بچائي سگهن ٿا. واحد حل وائرس جو پاڙ کان خاتمو آهي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه: بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏي وزير والدين تي زور ڏنو ته گهرن ۾ ايندڙ ويڪسينيشن ٽيمن سان مڪمل تعاون ڪن هن هدايت ڪئي ته جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ پوليو ٽيم نه پهچي ته والدين ويجهي بنيادي صحت مرڪز سان رابطو ڪن يا مقامي انتظاميا کي اطلاع ڏين ته جيئن ٻارن جي ويڪسينيشن يقيني بڻائي سگهجي وڏي وزير چيو ته پوليو جي خاتمي جون ڪوششون ان وقت تائين جاري رهڻ گهرجن جيستائين ماحولياتي نمونا وائرس کان پاڪ ثابت نه ٿين هن ڊبليو ايڇ او جي تصديق جو حوالو ڏيندي واضح ڪيو ته پوليو جا ڦڙا ڪنهن به بيماري جو سبب ناهن بڻجندا ۽ مذهبي عالمن، استادن، چونڊيل نمائندن، سياسي اڳواڻن ۽ سماجي شخصيتن کي اپيل ڪئي ته والدين کي ٻارن جي ويڪسينيشن لاءِ قائل ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن هن ٻڌايو ته هن ميڊيا هائوسز جي مالڪن کي خط لکي درخواست ڪئي آهي ته هر ڪلاڪ ۾ پنج کان ڏهه سيڪنڊ پوليو آگاهي لاءِ مختص ڪيا وڃن

بقايا 7 — انگ پار ڪري ورتو

گورنرز جي نائب چيئرمين سيد سردار علي شاه اهڙي ڪاميابي کي "قابل فخر" قرار ڏيندي سيف جي پوري ٽيم کي مبارڪباد ڏني. سيد سردار علي شاه چيو ته سيف هزارين ٻارن کي اسڪول کان ٻاهر رهجڻ کان بچايو آهي ۽ پٺتي پيل علائقن تائين تعليم جي رسائي کي وڌايو آهي هن هدايت ڪئي ته سيف سان لاڳاپيل پارٽنر ادارا سبسڊي جي رقم جو گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو استادن جي پگهارن تي خرچ ڪن جيئن تعليم جي معيار ۾ وڌيڪ بهتري اچي سگهي وزير تعليم اهو پڻ اعلان ڪيو ته سنڌ اسڪول ايجوڪيشن اسڪالرشپ پروگرام تحت گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو اسڪالرشپس ڇوڪرين لاءِ مخصوص ڪيون وينديون جنهن سان تعليم ۾ صنفي برابري بابت حڪومت جي عزم کي وڌيڪ هٿي ملندي ڪراچي ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي هيڊ آفيس جي دوري کان پوءِ ٿيل اجلاس جي صدارت ڪندي وزير تعليم چيو ته سنڌ جي تعليمي پاليسين تي عملدرآمد لاءِ سمورا وسيلا استعمال ۾ آندا ويندا. هن ٽيڪنالاجي تي ٻڌل مانيٽرنگ، ڇوڪرين لاءِ سهولتن ۾ واڌ ۽ ڪوالٽي اشورنس جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جون به هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مينيجنگ ڊائريڪٽر گهنور علي لغاري، وزير تعليم کي فائونڊيشن جي جاري ۽ ايندڙ منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني هن مانيٽرنگ اينڊ ايوليئيشن جي مضبوط نظام بابت ٻڌايو جنهن ۾ فيلڊ وزٽس جي تعداد وڌائڻ ۽ اسڪول سطح تي بهتري تي خاص ڌيان شامل آهي هن SSESP تحت پڙهندڙ قابل شاگردن لاءِ ڪرايل "وينليس سروي" بابت به آگاهه ڪيو هڪ منفرد سرگرمي طور وزير تعليم سيد سردار علي شاه وڊيو لنڪ ذريعي لاڙڪاڻي جي ڏورانهين علائقي ۾ هلندڙ ڪلسٽر بيسڊ ٽيچر ٽريننگ سيشن سان سڌو رابطو ڪيو جتي سيف حڪومتي پاليسي مطابق ارلي لرننگ ۽ فائونڊيشنل لرننگ ۾ 100 سيڪڙو استادن کي تربيت ڏئي رهيو آهي وزير تعليم استادن سان سڌي ڳالهه ٻولهه ڪئي تربيت جي معيار جو جائزو ورتو ۽ شرڪت ڪندڙن کان سڌي راءِ پڻ ورتي سيف جي پريزنٽيشن تي پنهنجا خيال ونڊيندي وزير تعليم مانيٽرنگ ۽ ايوليئيشن نظام کي جديد ٽيڪنالاجي ذريعي مڪمل طور خودڪار بڻائڻ جي هدايت ڪئي جنهن ۾ فيشل ريڪگنيشن بائيو ميٽرڪس ۽ جيو فينسنگ/جيو ٽيگنگ شامل آهن ته جيئن شفافيت ۽ ڪارڪردگي ۾ واڌ آڻي سگهجي شاگردن جي فلاح ۽ بهبود بابت ڳالهائيندي وزير جو اظهار ڪندي هن هدايت ڪئي ته ٻارن ۾ نظر جي ڪمزوري جهڙن مسئلن جي حل لاءِ شاگردن جي اکين جي مفت جانچ لاءِ معياري آپريٽنگ طريقيڪار (SOPs) تيار ڪيا وڃن جيڪي پارٽنر ادارن ذريعي مهيا ڪيا وڃن وزير تعليم ٻڌايو ته سنڌ ۾ 200 کان وڌيڪ يونين ڪائونسلون اهڙيون آهن جتي پوسٽ پرائمري تعليمي سهولتون موجود ناهن ۽ تجويز ڏني ته نون اسڪولن جي قيام وقت انهن علائقن کي ترجيح ڏني وڃي هن اها پڻ خاطري ڪرائي ته هو ايندڙ مالي سال ۾ سيف جي بجيٽ ۾ واڌ جي پڻ سفارش ڪندو آخر ۾ هن پارٽنر اسڪولن وچ ۾ "پير ريويو ميڪنزم" متعارف ڪرائڻ جي تجويز ڏني جنهن تحت هڪ اسڪول جا استاد ٻئي اسڪول جو جائزو وٺندا. سنڌس چوڻ موجب اهڙي نظام سان تعميري موٽ، لڳاتار بهتري ۽ اسڪولن وچ ۾ صحتمند مقابلي کي هٿي ملندي

بقايا 8 — جاچ شروع

فوتي جي لاش کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪورنگي انڊسٽريل ايريا جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر ناصر محمود چيو ته فوت ٿيل ڇوڪري جي سڃاڻپ 15 سالن جي اقرا ڌي رشيد جي نالي سان ٿي آهي شروعاتي جاچ موجب فوتيءَ پاڻ کي ڳچي ۾ اسڪارف سان ڦندو ٻڌي خودڪشي ڪئي فوتيءَ جو پيءُ محنت مزدوري ڪندو آهي واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون پوسٽ مارٽم ٿيڻ کان پوءِ حقيقتون سامهون اينديون

بقايا 9 — گورنر

لاپرواهي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي هن اهڙن خيالن جو اظهار چيمبر آف ڪامرس جي اڳوڻي صدر جاويد بلواڻي سان ملاقات دوران ڪيو سنڌ جي گورنر چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي هڪ باضابطه خط موڪليو ويو آهي ته جيئن شفاف ۽ غير جانبدار جاچ کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن ذميوارن جي سڃاڻپ ڪري قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي. هن چيو ته چيمبر آف ڪامرس جا نمائندا متاثرين سان سنڌ حڪومت جي تعاون تي مطمئن آهن چيمبر جي اڳوڻي صدر جاويد بلواڻي موجب متاثرين کي مالي امداد جا چيڪ ملڻ شروع ٿي ويا آهن جنهن تي مان سنڌ حڪومت جي هن قدم تي مطمئن آهيان ڪامران خان ٽيسوري واضح ڪيو ته سنڌس تنقيد جو مقصد سياست نه پر اصلاح آهي ڪنهن به سٺي ڪم جي تعريف ڪئي ويندي پر مستقبل ۾ اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ اڳرائتا قدم کڻڻ گهرجن سنڌ جي گورنر افسوس جو اظهار ڪيو ته هڪ گهر مان ڇهه لاش کنيا ويا آهن پر اڃا تائين پي ٽي آءِ جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر متاثر خاندان جي گهر به نه وئي هن چيو ته جماعت اسلامي يوسي ۽ ٽائون ناظمين جي غلطين جي به نشاندهي ڪئي وئي آهي چاڪاڻ ته شهر جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هر ڪنهن کي پنهنجي ذميواري نڀائڻي پوندي هن زور ڏنو ته گل پلازه واقعي جي شفاف جاچ کان پوءِ ذميوار عنصرن کي قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن سانحن کي روڪي سگهجي

بقايا 10 — ڳالهيون

عهدو سنڀالڻ کانپوءِ سنڌس پهريون ٻطرفو دورو هو ڪالهه سومر ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڊاڪٽر خالد العناني کي يونيسڪو جو ڊائريڪٽر جنرل چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ يونيسڪو جي مقصدن جي فروغ جي لاءِ سنڌس ويجهي تعاون جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو هن يونيسڪو جي قدمن جي لاءِ پاڪستان جي حمايت جو اظهار ڪيو ۽ تعليم ثقافت ۽ گهڻ رخي تعاون جي شعبن ۾ مسلسل حصيداري تي زور ڏنو

بقايا 11 — حلف ورتو

صوبائي وزير جي عهدي جو حلف کنيو بلوچستان جي گورنر جعفر خان مندوخيل، علي مدد جتڪ کان حلف ورتو تقريب ۾ بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي، بلوچستان اسيمبلي جي اسپيڪر ڪيپٽن ريٽائرڊ عبدالخالق اڇڪزئي، صوبائي وزيرن، صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن، بلوچستان جي چيف سيڪريٽري شڪيل قادر خان، صوبائي سيڪريٽريز ۽ سياسي شخصيتن شرڪت ڪئي

بقايا 12 — ناصر شاه

وهاب، ڪمشنر ڪراچي محمد حسين نقوي، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري بلديات وسيم شمشاد، چيئرمين چيف منسٽر انسپيڪشن ٽيم بلال احمد ميمڻ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جي نمائندي سميت لاڳاپيل کاتن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ڪراچي انفرااسٽرڪچر ڊولپمينٽ پاليسي تحت ڪي ايم سي جي جاري ۽ تجويز ڪيل ترقياتي منصوبن ۽ اسڪيمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ ترقياتي ڪمن جي رفتار معيار شفافيت ۽ عوامي افاديت تي خاص ڌيان ڏنو ويو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته اعليٰ سطحي ڪميٽي ڪي ايم سي جي ترقياتي منصوبن جي سڌي نگراني ڪندي، منصوبن جي ترجيحن جو تعين ڪيو ويندو ۽ پيش رفت بابت وزيراعليٰ سنڌ کي ماهوار رپورٽ پيش ڪئي ويندي، اجلاس ۾ پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن مطابق شهرين کي جلد کان جلد رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ترقياتي منصوبن کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ تي زور ڏنو ويو صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سمورا ترقياتي منصوبا مقرر مدي اندر مڪمل ڪيا ويندا ۽ اسڪيمن کي ايندڙ بنيادن تي مڪمل ڪيو ويندو جو ته اڌورا ۽ دير سان ٿيندڙ منصوبا عوامي تڪليفن سان گڏ لاڳت ۾ واڌ جو سبب بڻجن ٿا جيڪي ڪنهن به صورت قبول نه ڪيا ويندا، اجلاس ۾ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جي نمائندي کي ڪميٽي ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو ته جيئن منصوبابندي ۽ عملدرآمد ۾ ڀرپور هم آهنگي پيدا ٿي سگهي اجلاس دوران شهر جي مختلف اهم شاهراهن ۽ روڊن جي بيوٽي فيڪيشن بابت ترجيحن تي به تفصيلي بحث ڪيو ويو ۽ شديد ٽريفڪ دٻاءَ وارن روڊن کي اوليت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو صوبائي وزير 26 اهم روڊن بابت سمورا پراسيس جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته عوامي پريشانين کي نظر ۾ رکندي تيز ۽ مؤثر فيصلا ڪيا ويندا ۽ سمورا ترقياتي ڪم قانوني گهرجن کي پورو ڪندي مڪمل شفافيت ۽ ميرٽ تحت ڪيا ويندا. اجلاس جي پڇاڙي تي ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته ڪراچي جي انفرااسٽرڪچر جي بهتري، ٽريفڪ جي رواني ۽ شهري سهولتن جي فروغ لاءِ سمورا وسيلا استعمال ڪيا ويندا.

بقايا 13 — وي سي

انتظامي معاملن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو ۽ اهم فيصلا ڪيا ويا. سينڊيڪيٽ، اڪيڊمڪ ڪائونسل فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي سليڪشن بورڊ ۽ فيڪلٽيز جي بورڊن جي منٽس جي منظوري پڻ ڏني اجلاس ۾ 17 جولاءِ 2025 تي منعقد ٿيل يونيورسٽيءَ جي ڇهين ڪانووڪيشن جي رپورٽ پڻ پيش ڪئي وئي ۽ ٻڌايو ويو ته گريجوئيشن ڪندڙ 376 شاگردن کي ڊگريون ڏنيون ويون ان ڪانووڪيشن ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه ۽ سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري شرڪت ڪئي هئي اهو پڻ ڄاڻايو ويو يونيورسٽيءَ جي پهرين پي ايڇ ڊي ڊگري پڻ ڏني وئي سينڊيڪيٽ جي اجلاس ۾ ڪجهه نظم و ضبط جا فيصلا پڻ ڪيا ويا سينڊيڪيٽ کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ چيو ته سنڌ مدرسۃ الاسلام يونيورسٽي معياري تعليم ۽ تحقيق ۽ شاگرد جي بهتريءَ وارين پاليسين تي يقين رکي ٿي انتظاميه شاگردن جي ترقي انهن کي جديد سهولتون فراهم ڪرڻ تحقيق جي حوصلا افزائي ڪرڻ قومي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسون منعقد ڪرڻ ۽ صنعت سان لاڳاپا قائم ڪرڻ لاءِ پڻ پرعزم آهي هن ڊسمبر 2025 تي منعقد ٿيل ٽئين گلوبل ريسرچ ڪانگريس جو به ذڪر ڪيو ۽ وڌيڪ چيو ته سنڌ مدرسه يونيورسٽي پنهنجي اسٽيچوئري باڊيز جون باقاعدي گڏجاڻيون منعقد ڪري ٿي ۽ انهن ئي فورمز تان اهم فيصلا ڪيا وڃن ٿا اجلاس ۾ اڳوڻي وفاقي وزير حاجي محمد حنيف طيب، مهراڻ يونيورسٽي جي وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي انچارج/ڊائريڪٽر ايڇ اي سي، ريجنل سينٽر (ايڇ اي سي) اسلام آباد پاران نامزد ڪيل) سليمان احمد، اسپيشل سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊس ڊاڪٽر سهيل انور بلوچ ۽ سينڊيڪيٽ جي ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي

بقايا 14 — ڌرڻو

ان موقعي تي ايس پي ايل اي جي مرڪزي صدر منور احمد عباس 12 فيبروري تي بلاول هائوس تي احتجاج جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته تعليم کاتو ڪاليج جي تعليم کاتي تي ڪو به ڌيان نه ڏئي رهيو آهي هن چيو ته اهو ڌرڻو ڪاليجن جي خراب حالت ۽ استادن جي ترقين جي ملتوي ٿيڻ خلاف ڪيو پيو وڃي ياد رهي ته مرڪزي صدر منور عباس چيو هو ته سردار شاهه سنڌ اسيمبلي ۾ ڪاليج جي استادن کي فائيو ٽائير ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو هن چيو ته سنڌ جا ڪاليج تباهه ٿي ويا آهن جيڪڏهن مسئلا حل نه ٿيا ته سڄي سنڌ ۾ ڪاليج جا استاد 12 فيبروري تي بلاول هائوس تي ڌرڻو ڏيندا. منور عباس وڌيڪ چيو ته هزارين خالي پوسٽن تي ليڪچرارن، بورڊ ون ۽ بورڊ ٽو جي ڊي پي سي نه ٿيڻ سبب ڪاليج جا استاد مايوس آهن جڏهن ته ڪاليجن ۾ سويپر، واچ مين ۽ چپڙاسي وارن جون هزارين سيٽون خالي آهن ڪاليجن مان ڪيترن معمول بڻجي ويون آهن ۽ ڪاليجن ڪچري جي ڍير جو منظر پيش ڪرڻ شروع ڪيو آهي سپلا چيو ته پنهنجي قيام کان وٺي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ انٽرميڊيئيٽ ڪمپيوٽر سائنس ۽ ڪامرس جون ڪتاب شايع نه ڪري سگهيو آهي جڏهن ته سنڌ جي اڌ کان وڌيڪ ڪاليجن ۾ ڪاليج جي پرنسپلن ۾ مستقل پرنسپل نه آهن هائوس رينٽ، ڪنوينس ۽ ميڊيڪل الائونس 2008 کان منجمد آهن جنهن کي مهانگائي جي شرح سان وڌائڻ گهرجي

بقايا 15 — شروع

جي بي گڏيل پارلياماني ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ وفدن جي آمد جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ ٽرينگانو اسٽيٽ ليجسليٽو اسيمبلي جو وفد ڪراچي پهتو جيڪو ڪوالالمپور دبئي جي رستي ڪراچي آيو وفد ۾ ڊپٽي اسپيڪر حاجي خزان بن چي مت، سيڪريٽري حاجي زوبسلان بن آرانگ ۽ ميمبر انجنيئر حاجي سيڊل ازمي بن سهائيلي شامل آهن ڪراچي ايئرپورٽ تي وفد جي آجيان ايم پي اي محمد آصف موسيٰ ۽ ايم پي اي معاذ محبوب پاران ڪئي وئي ترينگانو اسيمبلي وفد جا ميمبر مختلف تاريخن تي ڪراچي کان واپس روانا ٿيندا

بقايا 16 — روس

آهي ته "اسان زور ڏيون ٿا ته دهشتگردي جي هر شڪل ۽ هر قسم جو مقابلو لازمي آهي، اسان کي اميد آهي ته اهڙن ڪارروائين جي ذميوارن جي نشاندهي ڪري ڪين انصاف جي ڪٽهڙي تائين آندو ويندو" سفارتخاني وڌيڪ لکيو آهي ته "اسان جون دليون متاثرن جي پونئرن ۽ دوستن سان آهن ۽ اسان زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيون"

بقايا 17 — طاهر

آهنگي بحث، امن رواداري ۽ گڏيل بقاءُ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندا سين بين المذاهب هم آهنگي جي عالمي هفتي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته عالمي هفتو پهرين کان 7 فيبروري 2026ع تي ملهايو پيو وڃي، ان موقعي تي اسان ان عزم جو اظهار ڪريون ٿا ته بين المذاهب هم آهنگي بحث، امن رواداري ۽ گڏيل بقاءُ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندا سين

بقايا 18 — منظور

اعظم نذير تارڙ ايوان ۾ پيش ڪئي جنهن کي سڀني سياسي پارٽين جي مڪمل تائيد حاصل ٿي ايوان دهشتگرد حملن ۾ مارجي ويلن جي وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي سينيٽ ملڪ جي دفاع ۽ شهرين جي تحفظ دوران جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي جرئت، بهادري ۽ قربانين کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو قرارداد ۾ بلوچستان ۾ امن ترقي ۽ سياسي شموليت لاءِ سينيٽ جي پختي عزم کي ورجايو ويو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته پائيدار امن، سماجي ۽ معاشي ترقي، بهتر طرز حڪمراني ۽ آئيني حقن جي احترام کانسواءِ ممڪن ناهي ايوان واضح ڪيو ته دهشتگردي کي ڪنهن به صورت ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو ۽ هي ته رياست جي وحدت ۽ عوام جي قوت آزادي تشدد، انتهاپسندي ۽ دهشتگردي جي سمورن سازشن کي ناڪام بڻائيندي ايوان مطالبو ڪيو ته دهشتگردي ۾ ملوث ڌرين انهن جي سهولتڪارن، مقامي ۽ عالمي طور تي سرپرستن کي قانون موجب انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي قرارداد ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن تي زور ڀريو ويو ته خاص ڪري بلوچستان ۾ ڳجهي اطلاع جي گڏيل سهڪار سرحدي سلامتي ۽ دهشتگردي جي خاتمي جي نظام کي وڌيڪ مضبوط ۽ موثر بڻايو وڃي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن واقعن کي روڪي سگهجي

بقايا 19 — فوت

پريل ٽيڪٽر ٽالي ۽ ڊمپر وچ ۾ ٽڪر سبب ڪمند سان پريل ٽيڪٽر ٽالي ڪاهي ۾ ڪري پئي جنهن سبب ٽيڪٽر ٽالي ۾ ويٺل ڊرائيور علي بخش کوسو هيٺان اچي چيڀاڄجي فوت ٿي ويو جڏهن ته واقعي واري هنڌ ڦلجي پيارو روڪڻ پوليس پهچي ڪري ڊمپر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو واقعي واري هنڌ ڳوٺاڻا وڏي تعداد ۾ پهچي ويا پوليس ۽ ڳوٺاڻن ڪوشش ڪري فوت ٿي ويل ڊرائيور جي لاش کي ڪمند سان پريل ٽالي کي پري ڪري ڪڍي ورتو جنهن جي سڃاڻپ علي بخش کوسو طور ڪئي وئي آهي سنڌس مورو شهر سان تعلق ٻڌايو وڃي ٿو جڏهن ته پوليس پاران اهڙي قسم جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 20 — ميئر

عزيزن جي قبرن تي فاتح پڙهڻ دوران ڪنهن به قسم جي ڏکيائي يا رڪاوٽ جو شڪار نه ٿين هن چيو ته قبرستان تائين پهچندڙ رستا هموار ۽ صاف سٿرا ڪيا وڃن، قبرستان کي نيڪالي واري پاڻي ۽ گندگي کان پاڪ رکيو وڃي ۽ قبرستان جي اندر ۽ ٻاهر صفائي، روشني ۽ پاڻي جون مناسب سهولتون مهيا ڪيون وڃن ميئر ڪراچي وڌيڪ چيو ته شب برات جي ڏينهن سمورو ميونسپل عملو قبرستان ۾ موجود رهندو جيئن شهري ڪنهن به قسم جي پريشاني کان بچي سگهن ۽ انهن جا مسئلا فوراً حل ڪيا وڃن جتي ضرورت هجي اتي اضافي قدم کنيا ويندا، خاص ڪري انهن علائقن ۾ جتي نيڪالي واري پاڻي يا گندگي جا مسئلا موجود آهن مرتضيٰ وهاب چيو ته شب برات جي موقعي تي شهري وڏي انگ ۾ قبرستان جو دورو ڪندا آهن ان ڪري انهن کي مناسب سهولتون مهيا ڪرڻ بلدياتي ادارن جي ذميواري آهي ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (KMC) پنهنجي نگراني هيٺ قبرستانن ۾ شب برات لاءِ مڪمل انتظامات ڪري رهي آهي ۽ مڪمل ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته شهري کي بهترين سهولتون دستياب ٿي سگهن

بقايا 21 — قافلا پهتل

اوقاف، مذهبي معاملا زڪوات ۽ عشر واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي درگاهه تي چادر چاڙهي عرس مبارڪ جو باقاعدي افتتاح ڪيو چادر چاڙهڻ کانپوءِ ملڪ جي سلامتي، استحڪام خوشحالي ۽ امن لاءِ خصوصي دعا گهري وئي ان موقعي تي مئنيجر اوقاف گل حسن چوهان حنيف ميمڻ ۽ ٻيا آفيسر پڻ صوبائي وزير سان گڏ هئا. عرس جي شروعات سان گڏ ئي ملڪ جي مختلف حصن مان زائرين ۽ عقيدتمندن جي درگاهه تي آمد جو سلسلو جاري آهي ان موقعي تي ڳالهائيندي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته سنڌ صوفي بزرگن ۽ درويشن جي ڌرتي آهي جن هميشه محبت، امن ۽ پائيداري جو درس ڏنو انهن بزرگن جون تعليمات اڄ به اسان لاءِ رهنمائي جو ذريعو آهن ۽ انهن تي عمل ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي هن وڌيڪ چيو ته درگاهون روحاني سڪون جا مرڪز هجڻ سان گڏ اسان جو قيمتي مذهبي ۽ ثقافتي ورثو پڻ آهن جتي هر سال لکين زائرين حاضري ڏين ٿا. صوبائي وزير ٻڌايو ته جيئن ته ضلعو ٺٽو هڪ پرامن علائقو آهي پر ان باوجود عرس مبارڪ جي موقعي تي فول پروف سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن. واڪ ٿرو گيٽس، سي سي ٽي وي ڪيمرائون ۽ ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي ته جيئن زائرين جي حفاظت ۽ نگراني کي يقيني بڻائي سگهجي سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته اوقاف کاتو زائرين ۽ عقيدتمندن کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪري رهيو آهي ميڊيڪل ڪيمپس، پيئڻ جو صاف پاڻي، وضو جا انتظام واش رومز مسافر خانه ۽ لنگر سميت تمام بنيادي سهولتون عرس دوران دستياب آهن هن واضح ڪيو ته درگاهن جو تقدس هر صورت ۾ برقرار رکيو ويندو ۽ ڪنهن به قسم جي غلط استعمال جي اجازت نه ڏني ويندي بعد ۾ صوبائي وزير اوقاف کاتي پاران قائم ڪيل سي سي ٽي وي ڪنٽرول روم جو پڻ معائنو ڪيو ۽ سيڪيورٽي انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪيو

بقايا 22 — گهرو وزير

انتظامن بابت هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. گهرو وزير پنهنجي هدايتن ۾ چيو آهي ته سڀني ضلعن جي ڊي آءِ جيز ۽ ايس ايس پيز مسجدن، امام بارگاهن، مزارن ۽ درگاهن تي خاص سيڪيورٽي انتظامن کي يقيني بڻائين. مذهبي اجتماعن شب برات جي محفلن ۽ کليل هنڌن تي اضافي نفري مقرر ڪرڻ سان گڏ موبائل گشت ۾ نمايان اضافو ڪيو وڃي. ضياءُ الحسن لنجار هدايت ڪئي آهي ته ممڪن طور حساس مسجدن ۽ امام بارگاهن تي اسنيپ چيڪنگ، واڪ ٿرو گيٽس ۽ ميٽل ڊيٽيڪٽرز جو مؤثر استعمال يقيني بڻايو وڃي. جڏهن ته مزارن ۽ درگاهن تي ايندڙ زائرين جي سهولت ۽ سيڪيورٽي لاءِ الڳ ۽ جامع پلان ترتيب ڏنو وڃي. گهرو وزير چيو آهي ته کليل ميدانن ۽ قبرستانن ۾ عبادت دوران به مؤثر سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي ته جيئن عوام پرامن ماحول ۾ مذهبي فرض ادا ڪري سگهي. ان سان گڏ پوليس، سنڌ رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن وچ ۾ مڪمل رابطي ۽ ڪوآرڊينيشن برقرار رکڻ تي زور ڏنو ويو آهي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي آهي ته شب برات دوران ڪنٽرول رومز 24 ڪلاڪ فعال رکيا وڃن ۽ ڪنهن به مشڪوڪ سرگرمي تي فوري ردعمل ۽ بروقت ڪارروائي کي يقيني بڻايو وڃي. ٽريفڪ پوليس کي مذهبي هنڌن ۽ وڏن اجتماعن جي چوڌاري ٽريفڪ مينيجمينٽ پلان مؤثر نموني لاڳو ڪرڻ جون به هدايتون ڏنيون ويون آهن. گهرو وزير چيو ته ايمرجنسي سروسز ۽ ريسڪيو ادارن کي الرٽ رکيو وڃي ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ فوري مدد فراهم ڪري سگهجي. هن واضح ڪيو ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي. ضياءُ الحسن لنجار عوام کان اپيل ڪئي آهي ته سيڪيورٽي ادارن سان مڪمل تعاون ڪن ۽ ڪنهن به مشڪوڪ شخص يا شيءِ بابت فوري طور لاڳاپيل ادارن کي آگاهه ڪن. هن عزم جو اظهار ڪيو ته شب برات جي موقعي تي پرامن ۽ محفوظ ماحول جي فراهمي لاءِ سڀ وسيلا استعمال ڪيا ويندا.

بقايا 23 — اعلان

فلسطيني عملي جي لسٽ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق پرڏيهين جي معاملن ۽ يهود دشمني جو مقابلو ڪندڙ وزارت چيو آهي ته وزارت غزه پٽي ۾ (ايم ايس ايف) جون سرگرميون ختم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي خطي ۾ ڪم ڪندڙ سمورين انساني تنظيمن لاءِ مقامي ملازمن جون لسٽون جمع ڪرائڻ ضروري آهي جڏهن ۾ ايم ايس ايف طرفان ناڪامي کانپوءِ اهڙو فيصلو ڪيو ويو آهي وزارت ٻڌايو ته گروپ پنهنجو ڪم بند ڪري 28 فيبروري تائين غزه ڇڏي ڏيندو ڊسمبر ۾ وزارت اعلان ڪيو ته هو ايم ايس ايف سميت 37 امدادي تنظيمن کي پهرين مارچ کان ڪم ڪرڻ کان روڪي ڇڏيندي چو جو هو پنهنجي فلسطيني عملي بابت تفصيلي معلومات فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام رهيون آهن وزارت الزام لڳايو هو ته ايم ايس ايف جي ٻن ملازمن جا فلسطيني گروپ حماس سان رابطا هئا جنهن کي طبي خيراتي اداري سختي سان رد ڪيو آهي

بقايا 24 — ايران

ايران جي رهبر اعليٰ علي خامنه اي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا حملو ڪيو ته علائقائي جنگ شروع ٿي ويندي هن چيو ته آمريڪا کي معلوم هجڻ گهرجي ته جيڪڏهن ايران خلاف جنگ شروع ڪئي وئي ته هن ڀيري اها سڄي خطي جي جنگ هوندي

بقايا 25 — آمريڪي صدر

ته ايران تي آمريڪا جو حملو علائقائي جنگ جو سبب بڻجي سگهي ٿو،ايران جي ليڊر جي تنبيهه بابت سوال جي جواب ۾ آمريڪا جي صدر چيو ته يقينن هو ائين ٿي چوندو هن چيو ته اميد آهي ته اسان ڪو معاهدو ڪري وٺنداسين جيڪڏهن اسان معاهدو نه ڪيو ته پوءِ اسان کي خبر پئجي ويندي ته سنڌن ڳالهه ڪيتري صحيح آهي يا غلط. واضح رهي ته ايران جي سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي تازن مظاهرن کي بغاوت سان ڀيٽيندي خبردار ڪيو ته آمريڪا جو حملو هڪ وڏي جنگ جو سبب بڻجندو هن ايران جي شهرين کي چيو ته ڪين ٽرمپ جي بيان بازي کان ڊڄڻ نه گهرجي هن چيو ته آمريڪين کي خبر هئڻ گهرجي ته جيڪڏهن هنن جنگ شروع ڪئي ته هن ڀيري اها هڪ علائقائي جنگ هوندي

بقايا 26 — شهباز شريف

سڄي دل سان عمل پيرا آهي اقتصادي ترقي ۽ سڌارن ۾ عالمي بئنڪ گروپ جي معاونت کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن عالمي بئنڪ گروپ جي صدر اجي بنگا سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن ڪالهه سومر ڏينهن ساڻس ملاقات ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم عالمي بئنڪ گروپ جي صدر جي حيثيت سان اجي بنگا جي پهرين پاڪستان جي سرڪاري دوري تي سندس آجيان ڪئي وزيراعظم پاڪستان سان عالمي بئنڪ گروپ جي ڏگهي مدي واري حصيداري ۽ ملڪ جي ترقياتي ترجيحن جي فروغ جي لاءِ ان جي عزم کي ساراهيندي خاص طور تي 10 سالا عالمي بئنڪ گروپ ڪنٽري پارٽنرشپ فريم ورڪ (سي پي ايف) تحت تعاون کي ساراهه جوڳو قرار ڏنو وزيراعظم عالمي بئنڪ گروپ کي وڌيڪ موثر ترقياتي حصيدار بڻائڻ ۾ اجي بنگا جي قيادت کي پڻ ساراهيو وزيراعظم چيو ته پاڪستان حڪومت پائيدار اقتصادي استحڪام حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪ جامع، گهڻ رخي ۽ ملڪي ضرورتن موجب جوڙيل سڌاراجاتي پروگرام تي پوري سچي دل سان عمل پيرا آهي وزيراعظم مضبوط انفرااسٽرڪچر زرعي ڪاروبار ڊيجيٽل ترقي توانائي انساني وسيلن مالياتي سڌارن روزگار جي موقعن ۽ نجي سيڙپڪاري ۾ اضافي جي لاءِ عالمي بئنڪ گروپ جي سهڪار کي پڻ ساراهيو وزيراعظم ۽ اجي بنگا ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ڪنٽري پارٽنرشپ فريم ورڪ سان هم آهنگ ترجيحن تي تيز رفتار عملدرآمد ۽ موثر نگراني کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن وقت سر ۽ وڏي پئماني تي نتيجا حاصل ڪري سگهجن اهي قدم ترقياتي منصوبن ۾ عملدرآمد جي رڪاوٽن جي خاتمي لاءِ وزيراعظم جي ويزن جي تڪميل ۾ مددگار ثابت ٿيندا وزيراعظم ان عزم جو اظهار ڪيو ته حڪومت اهڙن جامع انتظامي سڌارن تي ڪاربند آهي جيڪي روزگار تي ٻڌل اقتصادي ترقي کي فروغ ڏين ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد کي وڌيڪ مضبوط بڻائين عالمي بئنڪ گروپ جي صدر اجي بنگا پاڪستان ۾ شاندار استقبال ۽ مهمان نوازي تي وزيراعظم جا ٿورا مڃيا هن پاڪستان حڪومت جي جاري سڌاراجاتي ڪوششن کي ساراهيو ۽ "ون ورلڊ بئنڪ گروپ" تحت تعاون کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو هن وڌيڪ چيو ته حڪومت جي سڌاراجاتي ايجنڊا جي هدفن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ترقياتي حصيدارن سان ويجهي هم آهنگي سان گڏوگڏ نجي وسيلن جي موثر استعمال ۾ اضافو لازمي آهي

بقايا 27 — خوف

محسوس ڪيو ويو جنهن جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 4.8 رڪارڊ ڪئي وئي ڪشمير ميڊيا سروس مطابق زلزلو صبح جو 5 لڳي 35 منٽن تي آيو جنهن جو مرڪز ضلعي بدگام ۾ زمين جي سطح کان 10 ڪلو ميٽرن جي گهرائي ۾ هو زلزلي جا لوڏا سرينگر پلوامي شوپيان ۽ چرار شريف ۾ محسوس ڪيا ويا، جنهن سبب ماڻهن کي گهرن کان ٻاهر نڪرڻو پيو فوري طور ڪنهن جاني يا مالي نقصان جو ڪو اطلاع ناهي مليو

بقايا 28 — جاري رهندو

ايجنڊا ۽ وقت تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي قومي اسيمبلي جو موجوده اجلاس کي 12 فيبروري 2026ع خميس تائين جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو موجوده اجلاس ۾ بلوچستان جي تازي صورتحال تي تفصيلي بحث ڪيو ويندو اجلاس ۾ قانون سازي، سوالن واري وقفي ۽ عوامي اهميت رکندڙ مسئلن کي بحث هيٺ آندو ويندو اجلاس ۾ ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه، پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري، قانون واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ مملڪتي وزير طلال چوڌري شرڪت ڪئي اجلاس ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبرن سيد نويد قمر اعجاز حسين جکراڻي سيد حفيظ الدين، پولين بلوچ، سيد امين الحق، نزهت صادق، سيده شهلا رضا، محمد اعجاز الحق، سازيه مري، نور عالم خان ۽ شيخ آفتاب شرڪت ڪئي

بقايا 29 — وزيراعظم

ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته هي ڏينهن پاڪستان ۽ عالمي برادري کي پاڻي وسيلن جي پائيدار تحفظ ۽ انتظام لاءِ پنهنجو عزم ورجائڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو هن سال اهو ڏينهن "پاڻي وسيلا ۽ روايتي علم: ثقافتي ورثي جو پاسداري" جي نهايت موزون عنوان هيٺ ملهايو پيو وڃي جيڪو اسان کي پاڻي وسيلن جي ثقافتي پس منظر ۽ اهميت جي ياد ڏياري ٿو وزيراعظم چيو ته پاڪستان 1971ع جي عالمي پاڻي وسيلن جي معاهدي جو ميمبر آهي جنهن تحت انسانن جي لاءِ پاڻي وسيلن جي استعمال ۽ انهن جي وسيلن جي تحفظ کي اجاگر ڪيو وڃي ٿو هي عالمي ڍانچو ان معاهدي کي ياد ڏيارڻ طور ملهايو ويندو آهي وزيراعظم چيو ته قابل اعتماد پاڻي جا وسيلا ڪنهن به ملڪ جي سخت ماحولياتي ۽ معاشي چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا اهي ذخيرا سوڪهڙي، ٻوڏ ۽ انتهائي سخت موسمياتي تبديلين جي هاڃيڪار اثرن کان بچاءُ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. اسان جا پاڻي جا وسيلا جن ۾ ڍنڍون ۽ گليشيئر مقامي پاڻي جا ذخيرا ۽ ساحلي ۽ تمر جي حياتياتي تنوع جي تحفظ، ماحولياتي تبديلي ۽ پاڻي جي انتظام جو سبب ۽ لکين پاڪستانين جي لاءِ پاڻي جا وسيلا انهن جي روزمره جي گذران ۽ روزمره جي زندگي جو لازمي حصو آهن هن چيو ته پاڻي جي وسيلن جي گهٽتائي ماڻهن جي روزگار جي کوٽ، قومي سطح تي خوراڪ جي قيمتن ۾ واڌ ۽ ٻوڏ ۽ سوڪهڙي جي شڪل اختيار ڪري وڃي ٿي پاڻي جي وسيلن جو تحفظ فقط موسمياتي تبديلي کان بچڻ لاءِ ماحولياتي فرض ناهي پر اهو انفرادي ۽ اجتماعي سطح تي سماجي ڀلائي جو ضامن آهي هن چيو ته پاڪستان عالمي قانونن جي پاسداري ڪندي 1960ع جي سنڌ طاس معاهدي جي مڪمل ۽ منصفاڻي عملدرآمد تي يقين رکي ٿو پاڻي کي جنگ جي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ڪوششن کي عالمي قانونن جي سنگين خلاف ورزي سمجهي ٿو ۽ ان کي سختي سان رد ڪري ٿو وزيراعظم چيو ته اچو ته اڄ جي ڏينهن ان عهد کي ورجايون ته نه رڳو انفرادي طور تي پر اجتماعي طور تي اسان پاڻي جي وسيلن کي پنهنجو سڀ کان قيمتي قومي ماحولياتي، سماجي ۽ ثقافتي اثاثو سمجهندي انهن جي حفاظت لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين عالمي سطح تي پاڪستان ملڪن جي وچ ۾ پاڻي جي وسيلن جي منصفاڻي، قانوني ۽ پرامن استعمال جي فروغ لاءِ آواز بلند ڪندا رهندا

بقايا 30 — ڪري ڇڏيو

خلاف ورزين تي 1800 پرڏيهي ٽريول ايجنسين جا معاهدا عارضي طور تي ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب مملڪت ۾ رجسٽرڊ پرڏيهي ٽريول ايجنسين جو انگ 5800 آهي جيڪي باقاعده وزارت وٽ درج ٿيل آهن ٽريول ڪمپنين کي 10 ڏينهن جي مهلت ڏني وئي آهي ته جيئن اهي ان عرصي دوران خلاف ورزين کي درست ڪري سگهن بيان ۾ چيو ويو آهي ته شرط پورا ٿيڻ کان پوءِ معاهدا ٻيهر بحال ڪيا ويندا. وزارت موجب پرڏيهي ٽريول ايجنسين خلاف ڪارروائي مملڪت پاران حڪمن جي روشني ۾ ڪئي وئي. انهن جي سروس گهربل معيار موجب نه هئي ۽ وزارت واضح ڪيو ته ٽريول ايجنسين خلاف ڪارروائي سبب اهي زائرين متاثر ٿيندا جن پابندي کان اڳ ويزا جاري ڪرايا آهن اهڙا سمورا زائرين پنهنجي شيڊول مطابق مملڪت اچي سگهندا. خلاف ورزي دوران ٽريول ايجنسي لاءِ عارضي طور تي ويزا بند ڪيا آهن

بقايا 31 — چيو

ملڪ جي پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر غالباف چيو آهي ته اهو يورپي يونين پاران ايران جي پاسداران انقلاب (آءِ آر جي سي) کي پنهنجي لسٽ ۾ شامل ڪرڻ جي فيصلي جو ردعمل آهي ايران جي پارليامينٽ ميمبرن قانون سازي جي اجلاس ۾ پاسداران انقلاب سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ سائي رنگ جي وردي پاتي هئي، جتي هنن "مرگ بر آمريڪا"، "مرگ بر اسرائيل" ۽ "يورپ کي شرم اچڻ گهرجي" جا نعرا لڳايا بلاڪ جي "غير ذميوارانه قدمن" تي شديد تنقيد ڪندي اسپيڪر محمد باقر غالباف چيو ته آءِ آر جي سي کي دهشتگرد تنظيم قرار ڏيڻ خلاف روڪٿام وارن قدمن جي قانوني شق 7 تحت يورپي ملڪن جي فوج کي دهشتگرد گروپ تصور ڪيو پيو وڃي

بقايا 32 — آصف ڀٽو

ڦڙا پياري رهيا آهن ڪالهه سومر ڏينهن ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته اها مهم اسان جي ٻارن جي تحفظ ۽ پوليو جي مڪمل خاتمي طرف هڪ انتهائي اهم قدم آهي. سمورا والدين جن جا 5 سال يا ان کان گهٽ عمر جا ٻار آهن لازمي طور تي هر ڀيري ويڪسينيشن مهم دوران پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارين چو ته پوليو جي مستقل خاتمي جو اهو ئي واحد موثر طريقو آهي

بقايا 33 — ملاقات

جي عرب هٿياربند فوج جي ڊپٽي ڪمانڊر ان چيف ليفٽيننٽ جنرل صدام خليفه حفتر سان گڏ جنرل هيڊڪوارٽرز (جي ايڇ ڪيو) ۾ ملاقات ڪئي جنهن دوران ٻنهي طرفن کان گڏيل دلچسپي جي معاملن خاص ڪري لاڳاپيل خطن ۾ سيڪيورٽي جي صورتحال ۽ پيشيوارائي تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي آءِ ايس پي آر موجب ڳالهين ۾ پاڪستان ۽ ليبيا جي هٿياربند فوجن وچ ۾ مسلسل رابطن ۽ تعاون جي اهميت تي زور ڀريو ويو فيلڊ مارشل سيد عاصم منير معزز مهمانن جي آجيان ڪئي ۽ ليبيا سان ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو هن ليبيا ۾ امن استحڪام ۽ اداري جاتي ترقي لاءِ پاڪستان جي حمايت جو ورجاءُ پڻ ڪيو ملاقات دوستاڻي ۽ خوشگوار ماحول ۾ ٿي جيڪا پاڪستان ۽ ليبيا وچ ۾ پراڻن ۽ پائيدار لاڳاپن جي عڪاسي آهي ان کان اڳ نور خان ايئر بيس پهچڻ تي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير فيلڊ مارشل خليفه ابوالقاسم حفتر جي آجيان ڪئي معزز مهمان جي ايڇ ڪيو ۾ شهيدن جي يادگار تي حاضري ڏني، گلن جي چادر رکي ۽ شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو

بقايا 34 — راڻا ثناءُ الله

آهن ۽ اهي ملڪ دشمن قوتن جي اشارن تي ڪارروايون ڪري رهيون آهن سينيٽ ۾ مخالف ڌر اڳواڻ راجا ناصر عباس جي نقطن جو جواب ڏيندي راڻا ثناءُ الله ٻڌايو ته سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين ۾ هن وقت تائين 177 دهشتگرد مارجي چڪا آهن جڏهن ته بلوچستان ۾ دهشتگرد حملن جي نتيجي ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا 17 اهلڪار ۽ 33 شهري شهيد ٿي چڪا آهن هن واضح ڪيو ته اهڙين ڌرين کي ڪنهن به صورت ۾ ناراض يا محروم گروهه قرار نٿو ڏئي سگهجي هن ٻڌايو ته شهيد ٿيل 17 اهلڪارن ۾ 10 پوليس، 6 فرنٽيئر ڪور ۽ هڪ ليويز اهلڪار شامل آهن جڏهن ته 33 شهري دهشتگردن طرفان گهرن ۽ رهائشي علائقن تي حملن دوران شهيد ٿيا. راڻا ثناءُ الله چيو ته جيئن ته ڪي نئشا هٿياربند جٿا ڪٿي به ڏوهاري ڪارروائيون ڪري سگهن ٿا پر بلوچستان ۾ تشدد جو انداز واضح طور تي منظم دهشتگردي جي نشاندهي ڪري ٿو ته ريل ڏار ڏوهن جي هن چيو ته بلوچستان ۾ دهشتگرد سري عام بسن کي روڪي مسافرن جا شناختي ڪارڊ چيڪ ڪندا رهيا ۽ عورتن ۽ ٻارن سميت بي گناهه شهرين کي سنڌن وارثن آڏو قتل ڪيو اهڙي طرح ٽرينن تي حملن خاص ڪري جعفر ايڪسپريس جي واقعي ۾ مسافرن کي يرغمال بڻايو ۽ پوءِ بي دردي سان قتل ڪيو ويو

بقايا 35 — وفاقي گهرو وزير

بيان ۾ هن بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز پوليس ۽ گڏيل ادارن جي گڏيل آپريشن جي تصديق ڪندي چيو ته ان ڪارروائي دوران فتنه الهندستان سان تعلق رکندڙ 22 دهشتگردن کي ماريو ويو آهي هن چيو ته سيڪيورٽي ادارن ڳجهي جاچ جي بنياد تي وقت سر ڪارروائي ڪندي دهشتگردن جي وڏي نيٽ ورڪ کي نشانو بڻايو هن چيو ته فتنه الهندستان جي سمورن سهولتڪارن جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن جاري رهندو

بقايا 36 — بحث

اياز صادق جي صدارت هيٺ پارليامينٽ هائوس ۾ منعقد ٿيو پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري، اجلاس ۾ معمول جي ڪارروائي معطل ڪرڻ جي رٿ پيش ڪئي جنهن کي ايوان منظور ڪري ورتو ان رٿ کانپوءِ ايوان ۾ بلوچستان ۽ ڊي آءِ خان ۾ دهشتگردي جي معاملي تي باقاعده بحث شروع ڪيو ويو

بقايا 37 — آجيان

ابراهيمي معاهدي ۾ شامل نه ٿيڻ واري اعلان جو ڀرپور آڌرڀاءُ ڪندي چيو ويو ته پاڪ فوج هڪ اسلامي غيرتمند، آزاد ۽ خودمختيار مجاهد فوج آهي جيڪا پاڪستان سميت حرمين شريفين ۽ عالم اسلام جي دفاعي حصار جي حيثيت رکي ٿي. مقررين چيو ته فلسطين ڪشمير ۽ دنيا جي مظلوم مسلمان اقليتن جي آزادي ۽ خودمختياري لاءِ پاڪ فوج اميد جي ڪرڻ آهي. حڪومت، فوج، عوام ۽ علماءِ مشائخ اسرائيل کي ڪنهن به صورت ۾ تسليم نه ڪرڻ واري جرئتمند موقف تي هڪ صفحي تي آهن ۽ ڪنهن کي به قائداعظم ۽ پاڪستان جي نظريي کان انحراف ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. سردار عبدالرحيم پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پاڪ فوج بلوچستان سانحي دوران وطن جي دفاع لاءِ عظيم قربانيون ڏئي هندستان جي پلهراڱي هيٺ فتنه الهندستان باغين کي عبرتناڪ شڪست ڏئي ملڪ ۽ قوم جو سر فخر سان بلند ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته قوم کي سورهيه بادشاهه شهيد جي حريت پسندانه فڪر ۽ مشن کان آگاهي ڏيڻ لاءِ سورهيه بادشاهه يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي. سردار عبدالرحيم چيو ته مسلسل چونڊيل سيٽن تي ڌانڌلي جي باوجود اسان ڪڏهن به پاڪ فوج ۽ اسٽيبلشمينٽ کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي.

بقايا 38 — گهٽجي وئي

آهي، جنهن بعد سون جي في تولي قيمت گهٽجي 4 لک 90 هزار 362 رپيا ٿي وئي آهي. ٻئي پاسي عالمي مارڪيٽ ۾ به سون جي قيمت ۾ گهٽتائي جاري رهي جتي سون 215 ڊالر في اونس سستو ٿي ويو جنهن بعد عالمي منڊي ۾ سون جي في اونس قيمت 4 هزار 676 ڊالر تي پهچي وئي آهي. ساڳي ريت چاندي جي قيمت ۾ به لاٿ ڏٺي وئي آهي، چاندي 601 رپيا في تولو سستي ٿي وئي، جنهن بعد چاندي جي في تولو قيمت گهٽجي 8 هزار 405 رپيا رهجي وئي آهي. مارڪيٽ ماهرن موجب عالمي معاشي حالتن ۽ ڊالر جي قدر ۾ تبديلي سبب قيمتن ۾ هي گهٽتائي سامهون آئي آهي.

بقايا 39 — پلان تيار

سيڪيورٽي پلان ترتيب ڏنو ويو آهي. پريس رليز موجب پوليو مهم دوران پوليو ٽيمن ۽ ورڪرن جي سيڪيورٽي لاءِ مجموعي طور 7 هزار 703 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن جن ۾ ليڊي پوليس اهلڪار پڻ شامل آهن. زون وار تفصيل موجب ايسٽ زون مان 2 هزار 724، ويسٽ زون مان 2 هزار 908 ۽ سائوٿ زون مان 2 هزار 071 پوليس اهلڪار سيڪيورٽي ڊيوٽيون سرانجام ڏيندا. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي زونل آفيسرن کي هدايت جاري ڪئي آهي ته هو پوليو مهم دوران سيڪيورٽي انتظامن جي سڌي نگراني کي يقيني بڻائين ته جيئن مهم پرامن ۽ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي مڪمل ٿي سگهي.

بقايا 40 — باهه ڪڍيو

ٻنهي پاسن جا رستا ٽريفڪ لاءِ بند ڪيا ويا، ۽ ٽريفڪ کي بمبينو چوڪ کان گرامر اسڪول ۽ گلزار چوڪ کان ايمپريس مارڪيٽ ڏانهن موڙيو ويو فائر برگيڊ عملدارن موجب باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ سنوڪلز کي به طلب ڪيو ويو ماڻهو عمارت ۾ ڦاٿل هئا ۽ انهن کي محفوظ طور تي باهر ڪڍيو ويو باهه ڪيترن ئي گاڏين کي به پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو فائر برگيڊ عملدارن موجب، ريسڪيو 1122 عمارت ۾ داخل ٿي وڌيڪ ڳولا جاري آهي. اختيارين موجب باهه ۾ ٻه گاڏيون سڙي ويون جڏهن ته ٻه ماڻهو دونهين ۾ ساهه کڻڻ سبب بي هوش ٿي ويا ۽ مدد حاصل ڪرڻ کان پوءِ گهر موڪليا ويا. اطلاع ملڻ تي ميئر مرتضيٰ وهاب پڻ پهتو ڪراچي جو ميئر هڪ سنارڪل تي چڙهي ويو ۽ باهه واري هنڌ جو معائنو ڪيو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ ريسڪيو ورڪرن کي شاباس ڏني ۽ چيو ته انهن کي حادثن ۽ واقعن ۾ جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ انتهڪ محنت ڪرڻ گهرجي اهڙن واقعن ۾ حادثن جي رپورٽن تي ميڙ جي انتظام کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي مستقبل ۾ ممڪن حادثن کي نظر ۾ رکندي آس پاس جي روڊن تي ٽريفڪ جي وهڪري کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا 41 — گرفتار

موجب آپريشن دوران جوابدارن طرفان قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن تي فائرنگ ڪئي وئي اهلڪارن جي جوابي فائرنگ ۾ ٽي جوابدار سيد باسط حسين عرف شاهه رخ، عبدالصمد ۽ محمد طحيٰ عرف مايا زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا. ترجمان موجب گرفتار جوابدارن جو تعلق ڀتا مافيا سان لاڳاپيل وصي الله لاکهو جميل چانگا ۽ عبدالصمد ڪانياوازي گروپن سان آهي.تفصيلن مطابق زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار خانگي بلڊرن ميڊيڪل اسٽورن ريسٽورنٽن ڪاسميٽڪس شاپن ۽ ٻين ڪاروباري ماڻهن بابت ڄاڻ ڀتا مافيا جي سربراهن تائين پهچائيندا هئا. جيڪي بعد ۾ ڌمڪيون ڏئي ڀتو وصول ڪندا هئا.

بقايا 42 — گرفتار

طور ٿي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار کي ڪلاڪوٽ ٿاڻي جي حدن مان گرفتار ڪيو ويو جنهن جي قبضي مان غيرقانوني هٿيار ۽ رائونڊ پڻ برآمد ڪيا ويا آهن ترجمان ڊسٽرڪٽ سٽي پوليس مطابق گرفتار ٿيل جوابدار عادي ڏوهاري آهي جيڪو اڳ به ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گرفتار ٿي جيل وڃي چڪو آهي پوليس موجب جوابدار جو اڳوڻو ڪرمنل رڪارڊ پڻ موجود آهي. جنهن ۾ پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته جوابدار خلاف نئون ڪيس درج ڪري ورتو ويو آهي جڏهن ته وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي

بقايا 43 — منصوبو جاري

جاري ڪيون آهن اسسٽنٽ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ (آپريشنز) پاران جاري ڪيل اعلاميي موجب شب برات 3 ۽ 4 فيبروري 2026 جي وچ واري رات، سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو اعلاميي ۾ چيو ويو آهي ته سڀني مسجدن امام بارگاهن مزارن قبرستانن ۽ مذهبي اجتماعن لاءِ فول پروف سيڪيورٽي انتظام يقيني بڻايا ويندا. کليل هنڌن تي ٿيندڙ عوامي اجتماعن لاءِ به سخت حفاظتي اپاءَ ورتا ويندا. وڏن مذهبي مرڪزن ۽ قبرستانن ۾ رش کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اضافي پوليس نفري مقرر ڪئي ويندي، جڏهن ته عبادت گاهن ۽ قبرستانن جي چوڌاري ڪرائوڊ ڪنٽرول بيئرز لڳايا ويندا ته جيئن آمدرفت هموار رهي پوليس پيٽرولنگ ٽيمون مسجدن امام بارگاهن ۽ مزارن جي مسلسل نگراني ڪنديون، خاص طور نماز ۽ رات دير سان ٿيندڙ سرگرمين دوران قبرستانن تي خاص ڌيان ڏنو ويندو

بقايا 44 — اجازت ملي وئي

چيو ويو آهي ته لائسنس يافته شهري هٿيار خفيه انداز ۾ پاڻ سان کڻي سگهن ٿا، جڏهن ته اضافي ڪيٽيري پرمٽ جي شرط ختم ڪئي وئي آهي گهرو کاتي واضح ڪيو آهي ته هٿيارن جي نمائش يا لهرائڻ سختي سان منع هوندي، ۽ ڪنهن به قسم جي خلاف ورزي قانوني ڪارروائي جو سبب بڻجندي. گهرو کاتي سنڌ موجب هي فيصلو شهرين جي بهترين مفاد ۽ تحفظ کي نظر ۾ رکندي ڪيو ويو آهي جڏهن ته ان حوالي سان اسٽينڊنگ آرڊر پڻ جاري ڪيو ويو آهي

بقايا 45 — بند رهندي

اسپتال ۾ علاج جي سهولت نون ۽ بهتر طريقن سان ٻيهر شروع ڪئي ويندي سينيئر ڊائريڪٽر ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سروسز موجب اسپتال جي عمارت، آپريشن ٿيٽرن وارڊز ۽ آئوٽ پيشنٽ ڊپارٽمينٽ کي جديد طبي معيارن مطابق اپ گريڊ ڪيو پيو وڃي ته جيئن مريضن کي عالمي سطح جون اکين جي علاج جون سهولتون فراهم ڪري سگهجن مرمت مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اسپنسر آءِ اسپتال آئي سائيٽ ٽرسٽ (Eye Sight Trust) جي انتظام هيٺ هلندي جتي مريضن کي مفت اکين جي علاج جون سهولتون مهيا ڪيون وينديون اسپتال ۾ اکين جي مختلف بيمارين جي علاج لاءِ جديد تشخيصي اوزار جديد ليزر ٽيڪنالاجي ۽ ماهر ڊاڪٽرن جي نگراني هيٺ علاج فراهم ڪيو ويندو هتي خدمتن ۾ موتيا، گلوڪوما، ريٽينا جون بيماريون ٻارن جي اکين جا مسئلا نظر جي ڪمزوري ۽ ٻين پيچيده اکين جي بيمارين جو علاج شامل هوندو

بقايا 46 — ڏک جو اظهار

خاندان سان گڏ آهن دعا ٿا ڪن ته الله پاڪ عبدالرب جي والد کي مغفرت عطا فرمائي مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام نصيب فرمائي ۽ لواحقين کي صبر جميل عطا ڪري

بقايا 47 — دعويٰ

موٽرسائيڪل هٿ ڪئي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 48 — شهيد ٿي چڪا

اسيمبلي ۾ بلوچستان ۾ دهشتگردن جي حملي جا تفصيل ٻڌائيندي هن چيو ته 24 ڪلاڪن دوران بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائين دوران 177 دهشتگرد ماريا ويا، 10 پوليس اهلڪار 6 ايف سي اهلڪار هڪ ليوي اهلڪار ۽ 33 شهري شهيد ٿي ويا آهن

Oil & Gas Development Company Limited

OGDC the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-LOG-310687372-2026	HIRING OF LOW BED TRAILERS	18.02.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-LD-PT-PENFD-310790897-2026	SUPPLY OF PIPING MATERIAL	18.02.2026 AT 1130 HRS
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-310832393-2026	HIRING OF SERVICES FOR COATING OF CRUDE OIL STORAGE TANK	19.02.2026 AT 1030 HRS
4.	OGDC-SCM-FB-CB-DRLG-D-311005831-26	BRIDAL LINE	04.03.2026 AT 1100 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **17.01.2026** and **20.01.2026,** it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-SYS-60-3485-308080869-2025	SAP ERP OPERATION SUPPORT SERVICES	10.02.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-LD-PT-ADMIN-308105956-2026	DIESEL HYBRID/ ELECTRIC BUSES & CHARGING STATION	16.02.2026 AT 1130 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 29/48

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION | WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

قومي ادارن ۽ ڪارپوريشنن ۾ آئين موجب سڀني صوبن کي برابر حق ڏنو وڃي
صفحو 4

عبدالفتاح عباسي
15 شعبان: عبادت ۽ بندگيءَ جي عظيم رات..!
صفحو 4

ادي شگفته جبين به وڇڙي وئي...
واحد پارس هيسباڻي
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن - 03 فيبروري
صفحو 4

بدين ضلعي جي هر ننڍي وڏي شهر ۽ ڳوٺ ۾ منشيات جو کلي نموني وڪرو جاري

بدين، گولاڙچي، ٽنڊو باگو، ماتلي، تلهار، راڄوڪناٽي، ڪڙيو گهنور، ڪورواهه، پنگريو، ڪوسڪي ۾ منشيات عام وڪر وانگي

ٽڻون دمبالو، گلاب لغاري، ٽندو شادي لارج، ڪڍڻ سميت هر ننڍي وڏي شهر ڳوٺ اسٽاپ تي منشيات عام وڪر وانگي دستياب

پوليس منشيات فروشن سان ڳٺ جوڙ ڪري خاموشي اختيار ڪري ويٺل، سمورو ضلعو بدامني جي باهه جي ورچڙهي ويو

اختيارين منشيات جهڙي زهر جي روڪٿام لاءِ ڪي به قدم نه کڻي سگهيون آهن، جوڳا اثرائتا قدم کنيا وڃن: اڳواڻ

ماتلي (ن ع) بدين ضلعي جي هر ننڍي وڏي شهر ڳوٺ اسٽاپ تي هر نموني جي منشيات کلي نموني ۽ بغير ڪنهن ڊپ ڊاهه جي وڪرو جاري آهي. بدين ضلعي جي مختلف شهرن بدين، گولاڙچي، ٽنڊو باگو، ماتلي، تلهار، راڄوڪناٽي، ڪڙيو گهنور، ڪورواهه، پنگريو ڪوسڪي، ٽڻون دمبالو گلاب لغاري، ٽندو شادي لارج، ڪڍڻ سميت هر ننڍي وڏي شهر ڳوٺ اسٽاپ تي مين پڙي، سفينا، گٽڪي، چرس، آئيس، پنگ، وسڪي، ڪچي شراب، آئس سميت هر نموني جي زهريلي منشيات عام وڪر وانگي وڪرو ٿي رهي آهي اڪثر علائقن ۾ شڪايتون ڪنديون رهيون آهن ته مقامي پوليس منشيات فروشن سان ڳٺ جوڙ ڪري خاموشي اختيار ڪري ويٺل آهي منشيات فروشن ۽ سندس سرپرستيءَ ڪندڙ ڪاري رڻن خلاف ڪا به اثرائتي ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي جنهن ڪري منشيات فروشن جا حوصلا بلند آهن شڪايتن جي باوجود پوليس اختيارين منشيات جهڙي زهر جي روڪٿام لاءِ ڪي به قدم نه کڻي سگهيون آهن جنهن ڪري پوليس اختيارين تي به آڱريون کڄي رهيون آهن منشيات جي عام وڪر وانگي دستيابي سبب سمورو ضلعو بدامني جي باهه جي ورچڙهي ويو آهي جنهن ڪري خاموشي ٽوڙي منشيات ۽ بدامنيءَ خلاف جوڳا اثرائتا قدم کنيا وڃن.

آن فارم واٽر مئنيجمينٽ ملازمن کي 18 مهينن کان پگهار نه ملي، احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

شهباز بلڊنگ جي مک گيٽ ٽڏي سڙڪ تي ڊي جي آن فارم واٽر مينجمينٽ جي آفيس سامهون احتجاجي مظاهرو

ملازمن شهباز بلڊنگ واري گيٽ جو گهيراءُ پڻ ڪيو، احتجاج سبب ٽڏي سڙڪ وارو روڊ بند ٿي ويو ۽ گاڏيون بيهي ويون

هزارين ملازمن جي ڏيڍ سال کان ڊي جي پنهنجي من ماني ڪري بغير ڪنهن جواز جي پگهارون بند ڪري ويٺو آهي: شڪيل خاصخيلي

ملازمن کي پگهار جاري ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ ضلعي هيڊ ڪوارٽرن سميت سنڌ سيڪريٽريٽ آڏو پڻ ڌرڻو هنيو ويندو

حيدرآباد (رپورٽ اعجاز لغاري) آن فارم واٽر مئنيجمينٽ کاتي جي ڪانٽيجينسي ملازمن 18 مهينن کان پگهار نه ملڻ خلاف شهباز بلڊنگ جي مک گيٽ ٽڏي سڙڪ تي ڊي جي آن فارم واٽر مينجمينٽ جي آفيس سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو مظاهرو ڪندڙ ملازمن شهباز بلڊنگ واري گيٽ جو گهيراءُ پڻ ڪيو احتجاج سبب ٽڏي سڙڪ وارو روڊ بند ٿي ويو ۽ گاڏيون بيهي ويون ان موقعي تي ملازمن جي ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن شڪيل خاصخيلي، عمير علي، امجد علي، ذوالفقار ميمڻ، عبداللطيف ناريجو، مزمل ناريجو ۽ ٻين چيو ته هزارين ملازم گذريل ڪيترن ئي سالن کان اداري جي مختلف شعبن ۾ ڪانٽيجينسي تحت ڪم ڪري رهيا آهن پر گذريل ڏيڍ سال کان ڊي جي پنهنجي من ماني ڪري بغير ڪنهن جواز جي پگهارون بند ڪري ويٺو آهي. جنهن ڪري ملازم فاقاڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهن هاڻ سنڌن جاءِ تي ڊي جي پنهنجا نواز پاليسي اختيار ڪندي غيرقانوني طور تي 1500 جي لڳ ڀڳ نوان ملازم مقرر ڪري انهن کي پگهارون به جاري ڪري ڇڏيون آهن پر ڪين پگهار نٿي ڏني وڃي، جيڪو عمل ظلم ۽ ناانصافي آهي هنن چيو پيپلز پارٽي جو منشور ئي روزگار ڏيڻ آهي، پر نذير شاهه پ پ جي منشور خلاف ڪم ڪندي هزارين نوجوانن کان روزگار کسي انهن جي گهرن جون چلهيون بند ڪري ڇڏيون آهن هنن چيو ته جيستائين پگهارون جاري نه ٿيون ڪيون وڃن تيستائين احتجاجي تحريڪ جاري رکي ويندي، هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، زراعت جي صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري زراعت کي اپيل ڪئي ته موجوده ڊي جي کي فوري طور تي هٽائي ملازمن کي پگهار جاري ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ ضلعي هيڊ ڪوارٽرن سميت سنڌ سيڪريٽريٽ آڏو پڻ ڌرڻو هنيو ويندو

ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور پاران مختلف اسڪولن جا دورا

ڪلاس رومز، فرنيچر، صفائي، بجلي، پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جو معائنو ڪيو

شاگردن کي تعليم جي اهميت بابت تفصيلي ۽ اثرائتو پيغام ڏنو: انيس الرحمان ميمڻ

خيرپور (ڊ ر) ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور انيس الرحمان ميمڻ گورنمينٽ گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول لقمان خيرپور ۽ گورنمينٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول اعظم ڪالوني جا دورا ڪيا. جتي ٻنهي اسڪولن جا هيڊ ماستر/هيڊ مسٽريس سميت سمورو تدريسي عملو موجود هو ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور انس الرحمان ميمڻ اسڪولن جي انفرااسٽرڪچر جو جائزو ورتو جنهن ۾ ڪلاس رومز فرنيچر صاف سٿرائي بجلي پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جو معائنو شامل هو ان سان گڏوگڏ اسڪولن جا تعليمي ۽ انتظامي ريڪارڊ پڻ چيڪ ڪيا ويا. دوري دوران مختلف ڪلاسن ۾ وڃي شاگردن ۽ شاگردياڻين کان سوال جواب ڪيا ته جيئن سندن تعليمي سطح سمجهه ۽ تياري جو جائزو وٺي سگهجي. شاگردن کي تعليم جي اهميت، نظم و ضبط محنت ۽ بهتر مستقبل بابت مختلف موضوعن تي مختصر پر اثرائتا ليڪچر پڻ ڏنا. ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور انيس الرحمان ميمڻ وڌيڪ چيو ته شاگردن کي تعليم جي اهميت بابت تفصيلي ۽ اثرائتو پيغام ڏنو هن چيو ته تعليم ئي ترقي، شعور ۽ ڪامياب مستقبل جي بنيادي ڪنجي آهي. شاگردن کي محنت، ايمانداري ۽ پابندي سان تعليم حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي ان سان گڏ والدين استادن ۽ شاگردن جي گڏيل ڪوشش ذريعي سماج جي بهتري لاءِ ڪم ڪرڻ تي پڻ زور ڏنو ويو. انيس الرحمان ميمڻ وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت پاران آءِ بي پاس استادن کي ميرٽ تي ڀرتي ڪيو آهي جيڪي شاگردن کي جديد سائنسي طريقي سان پڙهائي رهيا آهن. جنهن ڪري سنڌ جي ماڻهن کي گهرجي ته پنهنجي ٻارڙن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائي جهالت جو خاتمو ڪن هن چيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ مفت تعليم سان گڏ مفت ڪتاب ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا پئسا به ڏنا وڃن ٿا.

ميهڙ ۾ پوليس اهلڪار جي شهادت ڪيس ۾ اشتهاري جوابدار گرفتار

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۾ پوليس جي اهم ڪارروائي پوليس اهلڪار جي شهادت واري ڪيس ۾ اشتهاري جوابدار گرفتار ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي هدايتن تي ضلعي ۾ ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن ان سلسلي ۾ ميهڙ مددگار 15 انچارج امداد علي سهڙ جي اڳواڻي ۾ پوليس ٽيم ڳجهي اطلاع تي ڪامياب چاپو هڻي اشتهاري جوابدار عمران ولد فقير محمد ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار سال 2024 ۾ شهيد ڪيل پوليس اهلڪار ذوالفقار علي ترڪ جي قتل ڪيس ۾ گهربل هو واقعي جو ڪيس ميهڙ ٿاڻي ۾ ايف آءِ آر نمبر 265/2024 ڏوهه 302، 324، 353 ت پ ۽ 6/7 انسداد دهشتگردي ايڪٽ تحت داخل هيو گرفتار جوابدار کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ٿاڻي منتقل ڪيو ويو آهي دادو پوليس عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي ۽ اهڙن عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروايون جاري رهنديون

سجاول سول اسپتال جي ريندر سروس ملازمن پاران احتجاجي مظاهرو

ست مهينن کان رهيل پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

پگهارون نه ملڻ سبب مالي پريشاني جو شڪار ۽ فاقاڪشي تي مجبور ٿي ويا

سجاول (ڊ ر) سول اسپتال سجاول ۾ ڪم ڪندڙ ريندر سروس ملازمن پاران ست مهينن کان رهيل پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف ايڊمنسٽريٽو بلاڪ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي ڌرڻو هنيو ويو. ملازمن جو چوڻ آهي ته پگهارون نه ملڻ سبب هو سخت مالي پريشاني جو شڪار آهن ۽ فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهن احتجاج دوران زمان لغاري، حيدر شاهه، صالح رند، آفاق عمراڻي، بلاول بارڻ، مجاهد لغاري سميت ٻين ملازمن خطاب ڪندي چيو ته گذريل ست مهينن کان سندن پگهارون بند پيل آهن، جنهن سبب گهر جا خرچ هلائڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي. هنن چيو ته بار بار درخواستن ۽ دانهن باوجود به مسئلو حل نه ڪيو ويو، جيڪو انتهائي افسوسناڪ آهي. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر سجاول محمد ڪميل ۽ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ سول اسپتال سجاول ڊاڪٽر انور ميمڻ احتجاج ڪندڙ ملازمن وٽ پهچي ڳالهيون ڪيون. ملازمن واضح لفظن ۾ چيو ته جيستائين رهيل پگهارون جاري نه ڪيون وينديون، تيستائين احتجاج جاري رهندو. ايم ايس سول اسپتال ڊاڪٽر انور ميمڻ احتجاج ڪندڙن کي خاطري ڪرائيندي چيو ته ريندر سروس ملازمن جي پگهارن جو مسئلو اعليٰ اختيارين آڏو رکي هفتي اندر حل ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويندي، آخر ۾ احتجاج ڪندڙ ملازمن اعليٰ اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو ته فوري طور نوٽيس وٺي رهيل پگهارون جاري ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو.

سجاول: سول اسپتال جي ريندر سروس ملازمن پاران احتجاجي مظاهرو

باب الاسلام اسڪول سکر ۾ فائير سيفٽي تربيتي ورڪشاپ

ڊپٽي چيف وارڊن ۽ چيف انسٽرڪٽر باهه وسائڻ وارن اوزارن جي تربيت ڏني

سول ڊفينس هنگامي حالتن ۾ شهرين کي تحفظ ۽ مدد جون سهولتون فراهم ڪري ٿو: جاويد ميمڻ

سکر (بيورو رپورٽ) سول ڊفينس سکر پاران باب الاسلام اسڪول ۾ فائير سيفٽي تي هڪ تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي. سول ڊفينس سکر جي ڊپٽي چيف وارڊن ۽ چيف انسٽرڪٽر ڊاڪٽر سعيد اعوان، ٽيچرس عملي ۽ طلباء و طالبات کي بچاءُ جي ابتدائي طبي امداد ۽ باهه وسائڻ وارن اوزارن جي تربيت ڏني. ان موقعي تي ڳالهائيندي، خاص مهمان حاجي محمد جاويد ميمڻ صدر سمال ٽريڊرز سکر چيو ته رضاڪارانه خدمتن جي تحت، سول ڊفينس هنگامي حالتن ۾ شهرين کي تحفظ، مدد ۽ بحالي جون سهولتون فراهم ڪري ٿو. سول ڊفينس عوام ۾ حفاظتي شعور پيدا ڪري ٿو رضاڪار تيار ڪري ٿو ۽ حڪومت سان گڏ هنگامي حالتن ۾ امدادي ڪم ڪري ٿو اهڙي طرح سول ڊفينس امن هجي يا بحران هميشه انساني جانين جي حفاظت لاءِ هڪ مضبوط رڪاوٽ ثابت ٿئي ٿو آخر ۾، تربيت يافته ٽيچرس ۽ طلباء و طالبات ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. فائير اڪسٽنگيوشر جو عملي مظاهرو پڻ ڪيو ويو. هن موقعي تي ايڊمنسٽريٽر شعيب احمد، پرنسپل ميڊم غزل شيخ، پوسٽ وارڊن شيخ عدنان، ياسين قيس لالا عمران، فياض احمد، علي رضا قريشي، زهير احمد، ادريس ڪوسو ۽ ٻيا موجود هئا.

سکر: ڊپٽي چيف وارڊن ۽ چيف انسٽرڪٽر باهه وسائڻ وارن اوزارن جي تربيت ڏني

ٽنڊوڄام جي ڳوٺ فقير محمد عباسي جي رهواسين پاران بنيادي سهولتن نه ملڻ خلاف احتجاج

يوسي 67 جي ڳوٺ فقير محمد عباسي جي رهواسين پاران ڳوٺ ۾ بنيادي سهولت جي اڻاٺ خلاف احتجاجي مظاهرو

40 سالن کان ڪوبه ترقياتي ڪم نه ڪرايو ويو آهي، ڳوٺ ۾ اسڪول، صاف پاڻي، روڊ رستن سميت ڪابه بنيادي سهولت موجود ناهي: ڳوٺاڻا

گذريل 40 سالن کان پيپلز پارٽي کي ووٽ ڏيندا رهيا آهيون پر ووٽن بعد به بنيادي سهولتون فراهم نٿيون ڪيون وڃن

يوسي جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين وٽ ڪيترائي ڀيرا چڪر ڪاٽيا آهن، پر ڪوبه تدارڪ نه پيو ڪيو وڃي

ٽنڊوڄام (ت) ٽنڊوڄام جي ڳوٺ فقير محمد عباسي جي رهواسين جو بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاج ٽنڊوڄام جي يوسي 67 جي ڳوٺ فقير محمد عباسي جي رهواسين پاران ڳوٺ ۾ بنيادي سهولت جي اڻاٺ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. انهي موقعي تي ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته ڳوٺ ۾ 40 سالن کان ڪوبه ترقياتي ڪم نه ڪرايو ويو آهي. ڳوٺ ۾ اسڪول، صاف پاڻي، روڊ رستن سميت ڪابه بنيادي سهولت موجود ناهي. هنن چيو ته گذريل 40 سالن کان پيپلز پارٽي کي ووٽ ڏيندا رهيا آهيون پر ووٽن بعد به بنيادي سهولتون فراهم نٿيون ڪيون وڃن. هنن چيو ته اسڪول نه هجڻ سبب ٻار تعليم نه پيا پرائي سگهن جڏهن ته خراب پاڻي جي استعمال سان ڳوٺاڻا مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن. هنن چيو ته يوسي جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين وٽ ڪيترائي ڀيرا چڪر ڪاٽيا آهن، پر ڪوبه تدارڪ نه پيو ڪيو وڃي. هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ڳوٺ ۾ اسڪول صاف پاڻي روڊ رستن سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

ٽنڊوڄام: ڳوٺ فقير محمد عباسي جي رهواسين پاران بنيادي سهولتن نه ملڻ خلاف احتجاج

سکر ڪيمرامين اينڊ فوٽو جرنلسٽ ايسوسيئيشن پاران عمره ڪندڙن جي اعزاز ۾ تقريب

سکر (بيورو رپورٽ) ڪيمرامين اينڊ فوٽو جرنلسٽ ايسوسيئيشن جي طرفان عمره جي سعادت حاصل ڪندڙ صحافين جي اعزاز ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ صحافتي برادري سان لاڳاپيل نامور شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب دوران قائد صحافت لالا اسد پٺاڻ، صدر پريس ڪلب خالد پانبهڻ، جاويد جتوئي، احقر رضوي، سليم سهتو، انس گهاناگري، اسحاق ڪوسو، شفيع ابڙو، آصف اعوان ۽ ميڊم سحرش ڪوڪر کي عمره جي سعادت حاصل ڪرڻ تي دلي مبارڪون پيش ڪيون ويون ان موقعي تي ڪيمرامين اينڊ فوٽو جرنلسٽ ايسوسيئيشن جي صدر عمران شيخ، جنرل سيڪريٽري بلاول احمد پٽي، نائب صدر آصف اعوان، نائب صدر حيات ڪوڪ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ڪفايت سميجو، جوائنٽ سيڪريٽري نعيم غوري ۽ پريس سيڪريٽري حميد گل سميت ٻين عهديدارن ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن عمره زائرين کي گلن جا گلدستا پيش ڪيا ۽ گلن جا هار پارايا. تقريب جي پڄاڻي تي گڏيل دعا ڪئي وئي جنهن ۾ ملڪ ۽ قوم جي ترقي صحافتي برادري جي سلامتي ۽ خاص طور تي پريس ڪلب جي سينيئر صحافي جلال الدين پيو جي جلد صحتيابي ۽ تندرستي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي. شرڪت ڪندڙن هن تقريب کي خوش آئند قرار ڏيندي چيو ته اهڙيون تقريبون صحافتي برادري ۾ باهمي محبت، عزت ۽ اتحاد کي هٿي ڏين ٿيون.

وڳڻ ۾ ايل پي جي سلينڊر گيس جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا

شهر جي مختلف علائقن ۾ ايل پي جي في ڪلو ريٽ الڳ الڳ مقرر

سرڪاري طور ڪنهن به واضح ريٽ لسٽ جو اعلان نظر نٿو اچي

ايل پي جي جا سرڪاري ريٽ مقرر ڪري سختي سان عمل ڪرايو

وڳڻ (ن ع) وڳڻ شهر ۾ گهريلو استعمال ٿيندڙ ايل پي جي (سلينڊر گيس) جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا آهن جنهن سبب شهري سخت پريشاني جو شڪار بڻيل آهن. شهر جي مختلف علائقن ۾ ايل پي جي في ڪلو ريٽ الڳ الڳ مقرر ڪيا پيا وڃن. ڪٿي في ڪلو 330 رپيا ته ڪٿي 340 رپيا ورتا پيا وڃن جڏهن ته سرڪاري طور ڪنهن به واضح ريٽ لسٽ جو اعلان نظر نٿو اچي. شهرين لالا عبدالحفيظ پٺاڻ، ڪامران پنهور، سبحان علي جن جو چوڻ آهي ته مهانگائي اڳ ئي غريب ۽ وچولي طبقي جي ڪمر ٽوڙي ڇڏي آهي، اهڙي صورتحال ۾ ايل پي جي جهڙي ضروري شئي جي قيمتن ۾ واڌ سندن لاءِ ٻيڻو عذاب بڻجي وئي آهي ڪاٺين جو به ريٽ 14سو روپيا مڻ وڪامڻ لڳيون شهرين ٻڌايو ته دڪاندار پنهنجي مرضي سان اگهه وصول ڪري رهيا آهن ۽ پڇا ڪرڻ تي صحيح جواب ڏيڻ بدران ٽال مٽول کان ڪم ورتو پيو وڃي. شهرين وڌيڪ چيو ته ڪاٺيون ۽ بيو ايندڻ اڳ ئي مهانگو آهي جڏهن ته ايل پي جي به عام ماڻهو جي پهچ کان ٻاهر ٿيندي پئي وڃي، جنهن سان خاص ڪري مزدور پورهيت ۽ گهٽ آمدني وارا گهراڻا سخت متاثر ٿي رهيا آهن. شهري حلقن ضلعي انتظاميا، پرائس ڪنٽرول ڪاميٽي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته ايل پي جي جا سرڪاري ريٽ مقرر ڪري سختي سان عمل ڪرايو وڃي، جيئن عوام کي وڌيڪ لٽجڻ کان بچائي سگهجي

وڳڻ: وڳڻ ۾ ايل پي جي سلينڊر گيس جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا

سيٺارجا ۾ زهريلو ملاوٽ وارو کير سرعام هلڻ لڳو، انتظاميه ناڪام

ڊيٽرجنٽ ملايل کير سبب ٻار، عورتون ۽ بزرگ بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا

اسسٽنٽ ڪمشنر ٺري ميرواهه ۽ فوڊ انسپيڪشن عملو خاموش ويٺل

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا شهر اندر ڪيميڪل ۽ ڊيٽرجنٽ ملايل زهريلو کير سرعام وڪرو ٿي رهيو آهي جنهن سبب معصوم ٻارن، عورتن ۽ بزرگن سميت وڏي انگ ۾ شهري خطرناڪ بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ۾ ضلعي انتظاميه صحت کاتو ۽ فوڊ انسپيڪشن عملو مڪمل طور تي ناڪام ۽ خاموش تماشائي بڻيل آهن علائقن جي رهواسين تنوير احمد، اظهر علي، محمد عظيم ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته کير ۾ انساني صحت کي تباهه ڪندڙ خطرناڪ ڪيميڪل ملائي ڪليل نموني وڪرو ڪيو پيو وڃي جيڪو شهرين لاءِ سلو پوائزن بڻجي چڪو آهي کير جي ملاوٽ خلاف بار بار دانهن ڏيڻ باوجود اسسٽنٽ ڪمشنر ٺري ميرواهه، فوڊ انسپيڪشن عملي ۽ صحت کاتي طرفان ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي، جنهن سبب ملاوٽ مافيا وڌيڪ طاقتور بڻجي ويا آهن انتظامي لاپرواهي ۽ مبينا ملي ڀڳت سبب انساني زندگين سان کليل ريت ڪيڏيو پيو وڃي انهي حوالي سان ڊاڪٽر ساجد حسين ڪبر صبرت سان ڳالهائيندي چيو ته ڪيميڪل ملاوٽ وارو کير پيئڻ سان ٻارن ۾ دست، الٽي پيٽ ۽ آنڊن جون بيماريون، چمڙي جون تڪليفون ۽ مستقبل ۾ خطرناڪ بيمارين جو وڌڻ خطرو وڌي رهيو آهي پر ان باوجود انتظاميه جي خاموشي انتهائي افسوسناڪ قرار ڏني پئي وڃي ان موقعي تي علائقي جي سماجي، سياسي ۽ شهري حلقن مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي سيٺارجا شهر ۾ کير جي ملاوٽ خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي، ملاوٽ ڪندڙن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ناهل آفيسرن خلاف سخت قدم کڻي شهرين کي صاف، معياري کير جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي

سيٺارجا: ڪيميڪل وارو کير سري عام هلي رهيو آهي ٻئي طرف اسسٽنٽ ڪمشنر عارف جتوئي غائب فوٽو

ميرپورخاص ڊويزن ۾ بي آءِ ايس پي پروگرام ۾ وڏي پئماني تي ڪرپشن جو انڪشاف

وظيفي ۾ ڪٽوتي ٿيندڙ رقم ۾ بي آءِ ايس پي عملي سان گڏوگڏ ايڇ بي ايل عملدار پڻ ڪرپشن ۾ ڀاڱي ڀائيوار هجڻ

هر ڪارڊ تي 1500 کان 2000 ڪٽوتي ڪيون ٿا، ان مان اڌ رقم ڊائريڪٽر سان گڏ ايڇ بي ايل زيڊ ايم ۽ مئنيجر اسان کان پيو وصول ڪندا آهن: ڊوائز هولڊر

رشوت نٿا ڏيون ته ڪمپليٽن جو جواز ڄاڻائي ڊوائزون بند ڪيون وڃن ٿيون ۽ ڪولرائڻ لاءِ وري الڳ هزارين رپيا رشوت وصول ڪئي وڃي ٿي

ڊائريڪٽر بي آءِ ايس پي ميرپورخاص جو هڪ پرسنل ماڻهو هر هڪ ڊوائز هولڊر کان پيو وصول ڪرڻ لاءِ ايندو آهي

نفيس نگر (ن ع) ميرپورخاص ڊويزن ۾ هلندڙ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ڪرپشن جي ورچڙهي ويو آهي ان حوالي سان ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته ميرپورخاص ڊويزن جي مختلف علائقن ٽنڊون ڪوٽ جهڏو ٽالهي ڏگهڙي ٽنڊو جان محمد سميت ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي هر 3 ماهي تي ايندڙ وظيفي جي قسط ۾ وڏي پئماني تي ڪرپشن جو انڪشاف ظاهر ٿيو آهي پروسي جوڳن ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته وظيفي جي قسط مان ڪٽوتي ٿيندڙ رقم ۾ بي آءِ ايس پي ميرپورخاص جو ڊائريڪٽر ۽ ايڇ بي ايل جو زيڊ ايم سميت ايڇ بي ايل ملي جو مئنيجر پڻ ملوث هجڻ جا اطلاع مليا آهن واضح رهي ته بي آءِ ايس پي پروگرام جي جڏهن به قسط جاري ٿيندي آهي ته ڊوائز هولڊر وڏي پئماني تي حقدار عورتن جي فنڊن مان ڪٽوتي ڪندا رهن ٿا ان حوالي سان هڪ اهم ڊوائز هولڊر پنهنجو نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته اسان بي آءِ ايس پي جي هر هڪ ڪارڊ تي 2000 کان 1500 سئو ڪٽوتي ڪيون ٿا ۽ ڪٽوتي واري رقم مان اڌ حصو بي آءِ ايس پي ڊائريڪٽر ۽ زيڊ ايم سان گڏوگڏ ايڇ بي ايل ملي جي عملدار کي ڏيندا آهيون جڏهن ته ڊائريڪٽر بي آءِ ايس پي ميرپورخاص جو هڪ پرسنل ماڻهو هر هڪ ڊوائز هولڊر کان پيو وصول ڪرڻ لاءِ ايندو آهي ان کان علاوه پوليس عملدار ٽوڙي پيا ڪامورا پڻ سينٽرن تي بليڪ ميل ڪري پيو وصول ڪرڻ لاءِ ايندا رهن ٿا هن چيو ته جيڪڏهن اسان بي آءِ ايس پي ۽ ايڇ بي ايل وارن کي رشوت نٿا ڏيون ته هو اسان جون هلندڙ ڊوائزون مختلف جواز ڄاڻائي بند ڪري ڇڏين ٿا ۽ ڪولرائڻ لاءِ وري الڳ هزارين رپيا رشوت وصول ڪئي وڃي ٿي.

سڪرنڊ ۾ "لرن ٽوڊي ارن ٽومارو" تحت آئي ٽي سينٽر جو آغاز

ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ۽ چيئرمين ٽائون ڪاميٽي عذير شاهه افتتاح ڪيو

نوجوان وڏيرن جي اوطاقن تي جنهن گسائي عمر ۽ وقت ضايع ڪري رهيو آهي: اظهر خلجي

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو جديد ٽيڪنالاجي تحت انوويڪس لاجڪ "لرن ٽوڊي ارن ٽومارو" تحت آئي ٽي سينٽر جو آغاز ڪيو ويو جنهن جو افتتاح ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ۽ چيئرمين ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ سيد عذير اختر شاهه جن ڪيو ساڻس گڏ سڪرنڊ پريس ڪلب جو صدر غلام حيدر سولنگي ۽ همدرد سپورٽ پروگرام جو چيئرمين قاضي جاويد سنائي جن پڻ هئا ان موقعي تي سينٽر جي اونر اظهر احمد خلجي ۽ احمد رضا خلجي ٻڌايو ته اسان جو بنيادي مقصد اڄ جي شاگرد کي جديد تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ اڳتي سکڻ ۽ ان بعد روزگار جا گس ڪولڻ آهي ته جيئن اڄ جو نوجوان جيڪو وڏيرن جي اوطاقن تي جنهن گسائي پنهنجي عمر ۽ وقت ضايع ڪري رهيو آهي ۽ سنڌس مطالبو صرف چپڙاسي يا چوڪيداري جو هوندو آهي ان ڪري اسان جي خواهش آهي ته سنڌ جو نوجوان تعليم بلڪ جديد تعليم ذريعي اڳتي اچي سياسي ماڻهن جي درن تي وڃڻ بجاءِ پاڻ محنت ڪري اڳتي نڪري هتي وڌيڪ چيو ته جديد تعليم سان هڪ پاسي منسب ته ٻئي پاسي عزت ۽ روزگار به ملي سگهي ٿو بس اهوئي سوچي آئي ٽي سينٽر کوليو آهي ته جيئن اڄ جو نوجوان ان سان لاڀ حاصل ڪري سگهي جنهن بعد ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ۽ چيئرمين ٽائون عذير اختر شاهه الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته سڪرنڊ شهر کي جهڙي اداري جي ضرورت هئي ڪيترن لهڻ نوجوان خلجي پاڻ جن جديد تعليمي ادارو کولي نوجوانن لاءِ سهولت پيدا ڪئي آهي اسان جو ساٿ ۽ سهڪار هر وقت هنن سان رهندو ان کان اڳ حاجي مختيار احمد خلجي آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو ۽ ڪين سنڌ جي ثقافت لنگيون پهرايون آخر ۾ انوويڪس لاجڪ جي نگراني ڪندڙ پروفيسر وقاص احمد خلجي ٻڌايو ته اسان سينٽر ۾ جيڪي مقصد ۽ سهولتون رکيون آهن انهن ۾ انگلش ڪورسز، اسپوڪن انگلش، پريزنٽيشن اسڪلس، آئي ٽي ڪمپيوٽر ڪورس، ڊجيٽل مارڪيٽنگ، ويب ڊيولپمينٽ، گرافڪ ڊزائننگ، ڊيٽا سائنس، اي آئي، آفيس آٽوميشن، ڊپلوما آف انفارميشن ٽيڪنالاجي شامل آهن جڏهن ته هر ڪورس سان 100٪ مفت فري لائسنس جي سهولت پڻ ڏني ويندي افتتاحي تقريب ۾ ولي محمد پٽي، رضا محمد سيال، نياز لاشاري، ذيشان سومرو، منصور لغاري، احمد علي انصاري، حيدر خانزاده، مير محمد پٽي ۽ شهر جون ڪئي اهم شخصيتون شريڪ هيون

سڪرنڊ: "لرن ٽوڊي ارن ٽومارو" تحت آئي ٽي سينٽر جو آغاز

انڙ اڪيڊمي پاران سڪرنڊ ۾ اسڪالر شپ ٽيسٽ جو اهتمام ڪيو ويو

سڪرنڊ (ن ع) انڙ اڪيڊمي پاران سڪرنڊ ۾ تعليمي شعور کي وڌائڻ ۽ هر ٻار جي تعليم تائين رسائيءَ کي ممڪن ۽ آسان بڻائڻ لاءِ اسڪالر شپ ٽيسٽ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ 300 شاگردن حصو ورتو جن ۾ 200 شاگرد ۽ 100 شاگرديائيون هيون ان موقعي تي مينيجنگ ڊائريڪٽر جنيد احمد انڙ ميڊيا کي ٻڌايو ته نوجوان تعليمي ماهرن جي ٽيم ٽيسٽ وٺي رهي آهي جن ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ساجد علي لاکو، پرنسپل فداحسين انڙ، سينئير وائس پرنسپل جام شعيب انڙ، انگلش لئنگويج ٽيچر عامر ڏنگراچ، ڪمپيوٽر ٽيچر سرمد بوهيو ۽ ڪمپيوٽر ويب ڊيولپمينٽ ٽيچر ميڊم فريده سومرو شامل آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته پهرين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين جو ٽيسٽ ورتو وڃي ٿو اسڪالرشپ تحت ٽيسٽ پاس ڪندڙن کي اسڪالرشپ تحت پڙهايو ويندو هن اهو به ٻڌايو ته 33 کان وڌيڪ مارڪون ڪندڙن کان اڌ فيس ورتي ويندي هوڏانهن سڪرنڊ پريس ڪلب جي وفد جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح جي اڳواڻيءَ ٽيسٽ ڪلاس جو دورو ڪيو اڙ دوران شهري اتحاد سڪرنڊ جو همت خاصخيلي، سڪرنڊ پريس ڪلب جو فنانس سيڪريٽري ولي محمد پٽي ۽ همدرد سپورٽ پروگرام جو چيئرمين قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا

سڪرنڊ: انڙ اڪيڊمي پاران سڪرنڊ ۾ اسڪالر شپ ٽيسٽ جو اهتمام ڪيو ويو

مسڻ ۾ هاليپوٽا پريميئر ليگ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائنل

فائنل مئچ ۾ مهمان ٽيم ميزبان ٽيم کي ڌوهي ڇڏيو

شاهه جهان 12 تي 40 رنسون ناهي فائنل ميچ کي ناقابل شڪست بڻائي ڇڏيو

مسڻ وڏي (ن ع) يوسي مسڻ جي ڳوٺ شادي ون ولهار ۾ هاليپوٽا پريميئر ليگ طرفان ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ۾ هاليپوٽا اليون ۽ صالح فقير ميرجت اليون ۾ فائنل مئچ ٿيو 10 اوورن واري فائنل ميچ ۾ صالح فقير ميرجت جي ٽيم پهرين ڪيڏندي 192 رنسون ناهيون صالح فقير ٽيم جي عابد کي ڪي جي شاندار بيٽنگ ڪندي ڇڪن ۽ چوڪن جي برسات سان 117 رنسون ناهيون ٻي نمبر تي ڪرڪيٽ جو شهزادو سنڌ اسٽار شاهه جهان فقط 12 تي 40 رنسون ناهي فائنل ميچ کي ناقابل شڪست بڻائي ڇڏيو جواب ۾ هاليپوٽا اليون جي ٽيم مقرر اوورن ۾ 90 رنسون ناهي آل آئوٽ ٿي وئي. ناهي صالح فقير ميرجت جي ٽيم هاليپوٽا اليون کي فائنل 103 رنسن تان شڪست ڏيئي پنهنجي نالي ڪري ورتو صالح فقير ميرجت جي ٽيم جو بالر امتياز خاصخيلي وڪيٽن ۾ شاندار بالنگ ڪري هيٽرڪ ڪئي ميئچ جي آخر ۾ خاص مهمان مخدوم ميون لطف علي ولهاري عابد خاصخيلي کي مين آف دي ميچ ايوارڊ ڏيڻ ڪيش پرائز ڏنو جڏهن ته ونر صالح فقير ميرجت ٽيم جي ڪپتان دلشير ميرجت کي ٽرافي ۽ ڪيش پرائز ڏنا ۽ رنر هاليپوٽا اليون جي ڪپتان اسد □ هاليپوٽو کي ٽرافي ۽ ڪيش پرائز ڏنا انتظاميا پاران مهمان خاص مخدوم لطف علي ولهاري کي ميون محمد اسماعيل ولهاري، يوسي بيگن جروار جي وائيس چيئرمئن نور احمد لبيب امتياز هاليپوٽو، سردار اصغر اوٺي مظفر هاليپوٽو ۽ ٻين سنڌ جي سدا بهار ثقافت اجرڪون پارايون ويون، ان موقعي تي خاص مهمان مخدوم ميون لطف علي ولهاري فائنل رهندڙ ٽيمن ۽ شائقين سان ڳالهائيندي چيو ته راندين محبتن جو اهڃاڻ آهن راندين سان تفريح فراهم ٿئي ٿي ۽ نوجوانن ۾ شعور پيدا ٿئي ٿو اڄ جي فائنل ڪاميابي حاصل ڪندڙ ٽيم مبارڪ باد پيش ڪريان ٿو

مسڻ : هاليپوٽا پريميئر ليگ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائنل

عالمي بئنڪ جي صدر جو 4 فيبروري تي پاڪستان جو دورو ڪندو

موهن جو دڙو پرسان سنڌ سرڪار طرفان ٺهيل گهرن جو معائنو ڪندو

صرف ڏهه پندرنهن گهر تعمير ڪرايا ويا، ايجان به ڪيترائي گهر ٻٽ پيل آهن: ڳوٺاڻا

ڏوڪري (ن ع) عالمي بئنڪ جي صدر جو 4 فيبروري تي پاڪستان جو دورو ڪندو پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري طرفان عالمي بئنڪ جي صدر کي موهن جو دڙو پرسان ڳوٺ ٻهاول جت ۾ سنڌ سرڪار طرفان ٺهيل 3 لک في گهر جي بنياد تي ٺهيل گهرن جو معائنو ڪرائيندو عالمي بئنڪ جي صدر پاران دوري سبب ڳوٺ ۾ هيلي پيڊ تيار ڪرايو ويو عالمي بئنڪ جي صدر کي سنڌ حڪومت طرفان صوبي ۾ ٺهيل گهرن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڳوٺ ٻهاول جت جو دورو ڪرايو ويندو پ پ چيئرمين سان گڏ سنڌ ڪابينا جا ميمبر ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز سان گڏ پ پ اڳواڻ به دوري وقت شامل هوندا ان ڏس ۾ ڳوٺ ٻهاول جت ۾ سرڪار جي مدد سان ٺهيل گهرن جو معائنو ڪرايو ويندو جنهن لاءِ سنڌ حڪومت جي تعاون سان سرسو اداري جي عملدارن ڳوٺ ۾ ٺهيل ڪجهه گهرن کي چونو هڻي رنگ روغن به ڪرايا ويا آهن ان سلسلي ۾ ڳوٺ ٻهاول جت جي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته 2022ع ۾ سنڌ ۾ تيز برساتن سبب سنڌن سمورو ڳوٺ پاڻي هيٺ اچڻ ڪري سنڌن 70 کان وڌيڪ گهر ڊهي پٽ پئجي ويا .

پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلع خيرپور جو اهم اجلاس

تعلقه صدر، جنرل سيڪريٽريز ۽ جي ڊي اي ڪنوينرن شرڪت ڪئي

فنڪشنل ليگ تعلقه خيرپور جي باڊي مڪمل ڪئي وئي

خيرپور (ڊ ر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلع خيرپور جي صدر سيد محمد اسماعيل شاهه راشدي جي صدارت هيٺ فنڪشنل ليگ هائوس خيرپور ۾ هڪ اهم اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ان تعلقن جي صدر جنرل سيڪريٽريز ۽ جي ڊي اي جي تعلقن جي ڪنوينرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ضلع جنرل سيڪريٽري شاهد رسول چيمه ۽ تعلقه صدر خيرپور حاجي عبدالغني قلبوتو ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالجبار ٽڳڙ جي موجودگي ۾ تعلقه خيرپور جي باڊي مڪمل ڪئي وئي. جنهن ۾ صدر حاجي عبدالغني قلبوتو سينيئر نائب صدر سيد حبدار علي شاهه نائب صدر سيد ناظر شاهه راشدي ،نائب صدر حاجي عبدالخالق قلبوتو، نائب صدر زاهد حسين منگريو ،نائب صدر وقار علي ڏاريجو، نائب صدر شاهنواز قلبوتو، نائب صدر عبدالغني ٽڳڙ، نائب صدر حاجي علي حسن سولنگي، نائب صدر عبدالشڪور قلبوتو، جنرل سيڪريٽري عبدالجبار ٽڳڙ، جوائنٽ سيڪريٽري فقير هاڻر علي ميتلو، انفارميشن سيڪريٽري صابر حسين مهيسر جن کي تعلقه خيرپور لاءِ عهديدار مقرر ڪيو ويو. جڏهن ته چونڊيل عهديدارن کي پاڪستان فنڪشنل مسلم ليگ جي اڳواڻن عرفان سرور راڄڙ، شاهنواز ڪلهوڙو ۽ ٻين مبارڪون ڏنيون چيو ته اميد آهي ته چونڊيل عهديدار پارٽي جو پيغام گهر گهر پهچائڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري عوامي رابطا مهم شروع ڪندا.

3 فيبروري تي پير مڳيون جي مدرسي ۾ جي يو آئي جو جلسو ٿيندو

خيرپور (ڊ ر) جامعه عربيه العلوم حماديه پير مڳيون جي قاري نعيم الله ڪلهوڙو پنهنجي پريس بيان ۾ ڄاڻايو هن آهي ته 3 فيبروري تي پير مڳيون جي مدرسي ۾ شاندار جلسو ٿيندو جنهن ۾ جي يو آئي جا مرڪزي اڳواڻ مولانا حماد الله مولانا عبدالقادر مولانا مير محمد ميرڪ سميت ٻيا اڳواڻ خطاب ڪندا ان موقعي تي 9عالمن 8 حافظن جي دستاربندي پڻ ڪئي ويندي جڏهن ته جلسي ۾ شرڪت لاءِ سنڌ جي عالمن حافظن قارين کي شرڪت جي دعوت ڏني وئي آهي

رٽائرڊ ٽيچرس ايسوسيئيشن تعلقي حيدرآباد ٻهراڙي جي نئين باڊي چونڊي وئي

ٽنڊوڄام (ت) گورنمينٽ رٽائرڊ ٽيچرس ايسوسيئيشن تعلقي حيدرآباد ٻهراڙي جو اجلاس صدر نثار احمد رڙ جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ ضلعي صدر سيف□ خاصخيلي خصوصي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ رٽائرڊ ايسوسيئيشن جي نئين آيل ميمبرن عابد حسين هيسباڻي، مختيار احمد راجپوت ۽ محمد اختر کي هار پارائي آڌر ڀاءُ ڪيو ويو جڏهن ته اجلاس ۾ تعلقي حيدرآباد ٻهراڙيءَ جيجي نئين باڊي جي چونڊ ڪئي وئي جنهن ۾ صدر نثار احمد رڙ نائب صدر علي احمد لغاري، جنرل سيڪريٽري توفيق احمد راجپوت، جوائنٽ سيڪريٽري نور محمد زئوني خزانچي اقبال خانزادو کي بنا مقابلي چونڊيو ويو اجلاس ۾ گروپ انشورنس ۽ بينوئل فنڊ جي عدم ادائگيءَ تي مرڪزي فيصلي تي اتفاق ڪندي مارچ مهيني ۾ تحريڪ ۾ ڀرپور شرڪت جو فيصلو ڪيو ويو

رٽائرڊ ٽيچرس ايسوسيئيشن تعلقي حيدرآباد ٻهراڙي جي نئين باڊي چونڊي وئي

سکر جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پارڪس پاران عبدالحفيظ پيرزاده پارڪ جو دورو

سکر (بيورو رپورٽ) ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ جي خاص هدايتن تي شهر جي مختلف پارڪن جي حالت بهتر بڻائڻ ۽ عوامي سهولتن جو جائزو وٺڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ جي شروعات ڪئي وئي آهي. ان سلسلي ۾ ميونسپل ڪارپوريشن سکر جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پارڪس فيض محمد ڪوسو عبدالحفيظ پيرزاده پارڪ جو تفصيلي دورو ڪيو. دوري دوران سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ميمبر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ جي سينئر اڳواڻ آپا شهناز شيخ پڻ موجود هئي. جنهن پارڪ ۾ موجود ڪوٽ ۽ ڪوتاهين جي نشاندهي ڪئي. هن اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پارڪس فيض محمد ڪوسو کي پارڪ کي درپيش مسئلن بابت آگاهه ڪندي عوامي شڪايتن ۽ ضروري بهتري وارن نقطن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. دوري دوران صفائي، سارڪ، روشني، ٻارن جي جهولن ۽ ٻين بنيادي سهولتن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي وئي ته نشاندهي ڪيل مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي.

بدين ضلعي جي هر ننڍي وڏي شهر ۽ ڳوٺ ۾ منشيات جو کلي نموني وڪرو جاري

بدين، گولاڙچي، ٽنڊو باگو، ماتلي، تلهار، راڄوڪناٽي، ڪڙيو گهنور، ڪورواهه، پنگريو، ڪوسڪي ۾ منشيات عام وڪر وانگي

ٽڻون دمبالو، گلاب لغاري، ٽندو شادي لارج، ڪڍڻ سميت هر ننڍي وڏي شهر ڳوٺ اسٽاپ تي منشيات عام وڪر وانگي دستياب

پوليس منشيات فروشن سان ڳٺ جوڙ ڪري خاموشي اختيار ڪري ويٺل، سمورو ضلعو بدامني جي باهه جي ورچڙهي ويو

اختيارين منشيات جهڙي زهر جي روڪٿام لاءِ ڪي به قدم نه کڻي سگهيون آهن، جوڳا اثرائتا قدم کنيا وڃن: اڳواڻ

ماتلي (ن ع) بدين ضلعي جي هر ننڍي وڏي شهر ڳوٺ اسٽاپ تي هر نموني جي منشيات کلي نموني ۽ بغير ڪنهن ڊپ ڊاهه جي وڪرو جاري آهي. بدين ضلعي جي مختلف شهرن بدين، گولاڙچي، ٽنڊو باگو، ماتلي، تلهار، راڄوڪناٽي، ڪڙيو گهنور، ڪورواهه، پنگريو ڪوسڪي، ٽڻون دمبالو گلاب لغاري، ٽندو شادي لارج، ڪڍڻ سميت هر ننڍي وڏي شهر ڳوٺ اسٽاپ تي مين پڙي، سفينا، گٽڪي، چرس، آئيس، پنگ، وسڪي، ڪچي شراب، آئس سميت هر نموني جي زهريلي منشيات عام وڪر وانگي وڪرو ٿي رهي آهي اڪثر علائقن ۾ شڪايتون ڪنديون رهيون آهن ته مقامي پوليس منشيات فروشن سان ڳٺ جوڙ ڪري خاموشي اختيار ڪري ويٺل آهي منشيات فروشن ۽ سندس سرپرستيءَ ڪندڙ ڪاري رڻن خلاف ڪا به اثرائتي ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي جنهن ڪري منشيات فروشن جا حوصلا بلند آهن شڪايتن جي باوجود پوليس اختيارين منشيات جهڙي زهر جي روڪٿام لاءِ ڪي به قدم نه کڻي سگهيون آهن جنهن ڪري پوليس اختيارين تي به آڱريون کڄي رهيون آهن منشيات جي عام وڪر وانگي دستيابي سبب سمورو ضلعو بدامني جي باهه جي ورچڙهي ويو آهي جنهن ڪري خاموشي ٽوڙي منشيات ۽ بدامنيءَ خلاف جوڳا اثرائتا قدم کنيا وڃن.

مسوري ڳڙي پرسان شانِ اهلبيتؑ مذهبي جلسو منعقد ڪيو ويو

"اهلبيتؑ حضور نبي ڪريم ﷺ جي پاڪ جماعت آهي: عبدالفتاح پٽي"

جن جي پيروي انسان کي حق، صبر، قرباني ۽ عدل جي راهه ڏي وٺي وڃي ٿي

مسوري ڳڙي (ن ع) مسوري ڳڙي پرسان ڳوٺ درياءُ بيگ مغل جي جامع عيدگاهه ۾ شانِ اهلبيتؑ جي سلسلي ۾ هڪ عظيم الشان ۽ روحانيت سان ڀرپور مذهبي جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي معززن ۽ عاشقان اهلبيتؑ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. هي بابرڪت جلسو يونين ڪميٽي 160 جي چيئرمين سماجي اڳواڻ وڏيرو الهڏنو مغل پاران اهتمام سان ڪرايو ويو جنهن جو مقصد اهلبيتؑ جي عظمت، قربانين ۽ سندن تعليمات کي عام ڪرڻ هو جلسي کي خطاب ڪندي نامور عالم دين حافظ عبدالفتاح پٽي بلبل حسينيا ڪنديارو نصيرآباد چيو ته اهلبيتؑ حضور نبي ڪريم ﷺ جي اها پاڪ جماعت آهي، جن سان محبت ايمان جو حصو آهي ۽ جن جي پيروي انسان کي حق، صبر، قرباني ۽ عدل جي راهه ڏي وٺي وڃي ٿي ”هن وڌيڪ چيو ته اهلبيتؑ ڪربلا جي ميدان ۾ حق ۽ باطل جي وچ ۾ واضح لڪير ڪڍي، دنيا کي اهو درس ڏنو ته ظلم آڏو جهڪڻ بدران سر قربان ڪرڻ ئي حقيقي ڪاميابي آهي. مقرر وڌيڪ چيو ته اهلبيتؑ جي زندگي هر دور لاءِ مشعل راهه آهي، جن جي تعليمات تي عمل ڪري معاشري مان نفرت، ظلم ۽ ناانصافي ختم ڪري سگهجي ٿي. جلسي دوران نعتن منقبتن ۽ ذڪر اهلبيتؑ سان ماحول روحانيت سان ڀرجي ويو. جڏهن ته شرڪت ڪندڙن اهلبيتؑ سان پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو. آخر ۾ ملڪ جي سلامتي اتحاد ۽ امت مسلمه جي ڀلائي لاءِ خاص دعائون گهريون ويون. جڏهن ته مقامي ماڻهن طرفان جلسي جي ڪامياب انعقاد تي منتظمين کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو. جلسي ۾ رئيس نظير احمد ٻبر چيئرمين يونين ڪميٽي 159، سليم ٻبر ستار مشوري يونين ڪميٽي چيئرمين 144، مجيد ملاح دريا خان ڪيرو، ايوب مغل، وڏيرو ديدار مغل، مولوي جنيد احمد مغل الهه بخش لانگهو، مير سومرو ۽ ٻين سوين ماڻهن شرڪت ڪئي

مسوري ڳڙي: شانِ اهلبيتؑ مذهبي جلسو منعقد ڪيو ويو

چونڊڪو لڳ مدر اينڊ چائلڊ ڪيئر سينٽر نه ٺاهڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي

مئنيجنگ ڊائريڪٽر او جي ڊي سي ايل ۽ ٻيا 16 فيبروري تي سنڌ هاءِ ڪورٽ طلب

ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر نارا اين او سي نه پيا ڏين: درخواستگذار

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر ۾ چونڊڪو جي يوسي ڪينهواري واسي عليٰنواز آرادين ۽ ٻين طرفان مدر ۽ چائلڊ ڪيئر سينٽر نه ٺاهڻ خلاف داخل ڪرايل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي وئي، جسٽس امجد علي بوهيو ۽ جسٽس محمد جعفر رضا تي مشتمل آئيني بئنچ آڏو درخواستگذارن جي وڪيل رخسار احمد جوڻيجو بدرالدين ميمڻ ۽ ٻين دليل ڏيندي چيو ته نارا تعلقي جي ديهه چوهڙ شر ۾ يونيسيف جي سهڪار سان مدر ۽ چائلڊ ڪيئر سينٽر ٺاهڻ لاءِ او جي ڊي سي ايل ۽ هيومن ڊولپمينٽ فائونڊيشن وچ ۾ معاهدي (ايم يو) تي دستخط ڪيا ويا، جنهن ڪانبو علائقي واسين صحت جي بنيادي سهولت ڪارڻ مفت 4 ايڪڙ ايراضي ڊسمبر 2024ع ۾ اختيارين حوالي ڪري ڇڏي، پر ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر نارا اين او سي نه پيا ڏين ڇاڪاڻ ته ڄاڻايل اسڪيم سياسي مداخلت سبب ديهه سهتو ڏانهن منتقل ڪرڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن. جيتوڻيڪ ديهه سهتا ۾ اڳ ئي هڪ سرڪاري ڊسپينسري ۽ هڪ صحت مرڪز قائم ڪيا ويا آهن. يوسي ڪينهواري جي ديهه چوهڙ شر ۾ سرڪاري صحت مرڪز يا ڊسپينسري ناهي، تنهن ڪري هتان جا رهواسي ريگستان جي ڏکين حالتن کي منهن ڏئي ڏورانهن صحت مرڪزن تان علاج ڪرائڻ تي مجبور هوندا آهن. عدالت درخواستگذارن جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد اسٽي آرڊر جاري ڪندي مينيجنگ ڊائريڪٽر او جي ڊي سي ايل اسلام آباد، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر هيومن ڊولپمينٽ فائونڊيشن اسلام آباد، ريجنل ڪوآرڊينيٽر او جي ڊي سي ايل سکر، ڪمشنر سکر ڊويزن، ڊي سي خيرپور، اسسٽنٽ ڪمشنر نارا ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٻڌڻي 16 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اڱارو 03 فيبروري 2026ع

قومي ادارن ۽ ڪارپوريشنن ۾ آئين موجب سڀني صوبن کي برابر حق ڏنو وڃي

پاڪستان جي آئين ۾ صوبائي برابري، قومي وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ سڀني علائقن کي برابر موقعا فراهم ڪرڻ جا اصول واضع نموني درج آهن. خاص طور تي آئينِ پاڪستان جو آرٽيڪل 38 (G) وفاقي حڪومت تي اها ذميواري عائد ڪري ٿو تہ قومي ادارن ۽ ڪارپوريشنن ۾ مقررين وقت سڀني صوبن جي مناسب نمائندگي يقيني بڻائي وڃي، جيئن وفاقي نظام ۾ احساسِ محرومي جنم نہ وٺي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ناڻي واري وزارت ۽ ايف بي آر جي ماتحت ادارن بابت تازو سامهون آيل حقيقتون انهن آئيني دعوائن جي ابتڙ آهن. سينيٽ ۾ سينيٽر دنيش ڪمار ۽ سينيٽر بئريسٽر ضمير گهمرو پاران پڇيل سوالن جي جواب ۾ ناڻي واري وزارت ۽ ايف بي آر جيڪي تفصيل جمع ڪرايا آهن، سي انتهائي ڳڻتيءَ جوڳا آهن. دستاويزن موجب ناڻي وزارت ۽ ايف بي آر جي ماتحت ڪم ڪندڙ 22 ڪارپوريشنن ۽ خودمختيار ادارن مان 16 ادارن جا سربراهہ رڳو پنجاب صوبي سان تعلق رکن ٿا. هي انگ پاڻ ۾ ئي هڪ سوال اڀاري ٿو تہ ڇا ملڪ جي باقي صوبن ۾ قيادت جي صلاحيت رکندڙ ماڻهو موجود ناهن؟ انهن ادارن ۾ آڊيٽر جنرل پاڪستان، ڪنٽرولر جنرل آف اڪائونٽس، فيڊرل بورڊ آف ريونيو، بي نامي ٽرانزيڪشنز اٿارٽي، انويسٽمينٽ ٽرسٽ، سعودي پاڪ انڊسٽريل انويسٽمينٽ ڪمپني، زرعي ترقياتي بينڪ، هائوس بلڊنگ فنانس ڪارپوريشن، ڪمپيٽيشن ڪميشن، سيڪيورٽي اينڊ ايڪسچينج ڪميشن، نيشنل بينڪ، اسٽيٽ بينڪ، فرسٽ وومين بينڪ سميت ٻيا اهم مالي ادارا شامل آهن. اهي ادارا ملڪ جي معاشي پاليسين، آمدنيءَ جي وصولي، بئنڪنگ ۽ مالي نگرانيءَ ۾ مرڪزي حيثيت رکن ٿا، پر انهن جي قيادت هڪ ئي صوبي تائين محدود هئڻ وفاقي توازن کي شديد نقصان پهچائي ٿو. جواب موجب رڳو ٽن ادارن جا سربراهہ سنڌ سان تعلق رکن ٿا، سي بہ ڪراچي شهر مان آهن. هڪ سربراهہ ڪي پي ڪي سان واسطو رکي ٿو جڏهن تہ حيرت انگيز طور هڪ ايران ۽ هڪ چين سان تعلق رکندڙ شهري بہ انهن ادارن جا سربراهہ مقرر ٿيل آهن. پر سڀ کان وڌيڪ افسوسناڪ انڪشاف اهو آهي تہ بلوچستان صوبي ۽ سنڌ جي ٻهراڙيءَ مان هڪ بہ فرد انهن اهم عهدن تي مقرر ٿيل ناهي. هيءَ صورتحال رڳو انتظامي غفلت نہ پر هڪ منظم ناانصافيءَ جي عڪاسي ڪري ٿي. سينيٽر ضمير گهمرو صحيح نموني ان صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪندي سوال اٿاريو آهي تہ ڇا پاڪستان جو مطلب رڳو لاهور ۽ ڪراچي رهجي ويو آهي؟ جيڪڏهن قومي ادارن ۾ قيادت جا دروازا مخصوص علائقن تائين محدود رکيا ويندا تہ پوءِ وفاقي اتحاد جو تصور ڪيئن مضبوط رهندو؟ بلوچستان ۽ سنڌ جي ٻهراڙي اڳ ئي ترقي، روزگار ۽ وسيلن جي حوالي سان احساسِ محروميءَ جو شڪار آهن، اهڙيون مقرريون ان احساس کي وڌيڪ گهرو ڪن ٿيون.

وفاقي حڪومت کي سمجهڻ گهرجي تہ آئين رڳو ڪتابي اعلان ناهي، پر هڪ سماجي معاهدو آهي جنهن تي عمل ڪرڻ رياست جي بقا لاءِ ضروري آهي. آرٽيڪل 38 (G) تي لفظي ۽ حقيقي طور عملدرآمد نہ ٿيڻ، وفاقي ڍانچي کي ڪمزور ڪري رهيو آهي. ناڻي واري وزارت کي گهرجي تہ پنهنجي ماتحت سڀني ادارن کي واضح هدايتون جاري ڪري تہ مستقبل ۾ مقرريون صوبائي توازن ۽ ميرٽ جي بنياد تي ڪيون وڃن. ساڳئي وقت، ايف بي آر ۾ ڪيل سڀني مقررين جا تفصيل عوام آڏو آڻڻ بہ انتهائي ضروري آهي، جيئن شفافيت کي يقيني بڻائي سگهجي. قومي ادارا ڪنهن هڪ صوبي يا شهر جي ملڪيت ناهن، پر سموري قوم جا آهن. انهن ۾ هر صوبي، هر علائقي ۽ هر قوميت جي نمائندگي ئي پاڪستان کي هڪ مضبوط ۽ متحد وفاق بڻائي سگهي ٿي. جيستائين وفاقي سطح تي فيصلو ڪندڙ عهدن ۾ بلوچستان ۽ سنڌ جي ٻهراڙيءَ کي برابر حصو نہ ڏنو ويندو، تيستائين قومي هم آهنگي جا نعرا رڳو لفظن تائين محدود رهندا. هاڻ وقت اچي ويو آهي تہ ناانصافي جي هن روايت کي ختم ڪري، آئين موجب سڀني صوبن کي برابر حق ۽ عزت ڏني وڃي، نہ تہ تاريخ اهڙين غفلتن کي معاف نہ ڪندي.

ادي شگفتہ جبين بہ وڇڙي وئي ...


واحد پارس هيسباڻي

ڪالهہ ادي شگفتہ جبين بہ وڇڙي وئي. ادي شگفتہ ڪير هئي، دنيا لاءِ شاندار ڪهاڻيڪاره ۽ مون لاءِ ٻاجهاري ڀيڻ ۽ منهنجي ٻارن جي وڏي ڦڦو جنهن منهنجو هميشہ وڏي ڀيڻ جيان خيال رکيو ۽ منهنجي ٻارن جو سڳي ڦڦيءَ جيان. مون ڪيس پنهنجي خوشيءَ ۾ سدائين خوش ۽ ڏک ۾ ڏکارو ڏٺو. هوءَ منهنجي ٻارن سان تمام گهڻي ويجهي هوندي هئي، خاص ڪري الماس سان ڪيس گهڻي انسيت هوندي هئي، الماس جڏهن ڄائي هئي تہ اُن جو نالو بہ هن ئي رکيو هو زماني جي خفن ۾ ڪڏهن ڪڏهن الماس جي جنم جو ڏينهن اسان جي ذهن تان لهي ويندو هو پر ادي شگفتہ ڪڏهن نہ وساريو. اسان کي خبر ئي نہ پوندي هئي، ڦڦي پاڻيءَ ۾ فون تي الائي ڪهڙي سُس پُس پئي هلندي هئي ۽ جنم کان هڪ ڏينهن اڳ ئي الماس جو برٿ ڊي گفٽ اچي ويندو هو. مان ڪيس چوندو هئس ادي توهان ايڏي تڪليف ڇو ٿا ڪريو؟ تہ کلي چوندي هئي ادا هي ڦڦي ۽ پاڻيءَ جو معاملو آهي، توهان جو وچ ۾ ڪجهہ بہ نہ وڃي. ڪالهہ سندس وڇوڙي جي خبر ٻڌي اسان سڀني کي گهر ڀاتين ائين رنو هو جيئن پنهنجي گهر ۾ قضيو ٿي پوندو آهي. الماس کي تہ روئي روئي بخار ٿي ويو آهي. هوءَ سڏڪي بہ رهي هئي ۽ ڦڦي شگفتہ ساڻس جيڪي شفقت ڀريون ڳالهيون ڪندي هئي، اهي ٻڌائي بہ رهي هئي. رات اسان جي گهر ۾ ماني پچي تہ سهي پر ڪاڏي ڪنهن بہ ڪونہ!

اسان سڀني کي خبر آهي تہ سڀني جو سفر ان ئي پاسي آهي. اسان سڀني کي نيٺ هيءَ دنيا ڇڏڻي آهي، پر جيڪي پنهنجا هوندا آهن اُنهن جو وڇوڙو اندر کي وڍ ڏئي ڇڏيندو آهي. دل ان وڇوڙي کي قبول ئي نہ ڪندي آهي. اندر جي ڪيفيت عجيب ٿي ويندي آهي. ادي شگفتہ جي وڇوڙي تي ڪالهہ کان منهنجي ساڳي ڪيفيت آهي. ساڻس پنهنجائپ جي جڙيل رشتي کي 25 سال گذري ويا آهن. هوءَ عبرت مٺڙين جي مستقل ۽ پاپولر ليکڪ هئي، جنهن جي نئين ڪهاڻيءَ جو رڳو پڙهندڙن کي ئي نہ پر اسان مٺڙين سنواريندڙن کي بہ انتظار هوندو هو. احساسن سان ڀريل سندس ڪهاڻيون جيڪي پڙهندي ڪنهن مهل چپن تي مرڪ اچي وڃي ۽ ڪنهن مهل اکيون پرچي اچن ۽ ڳوڙهن ۾ سڏڪو اٽڪي پوي، سندس ڪهاڻين جا عنوان ۽ موضوع سندس طبيعت جيان منفرد هوندا هئا. هن عورت جي دردن تي شاندار نموني لکيو.

ادي شگفتہ هڪڙي ڪهاڻي منهنجي بہ لکي هئي، جيڪا ڪهاڻي مون کي چيچ مان پڪڙي تصور ئي تصور ۾ اُنهن گهٽين ۾ وٺي وئي هئي، جتي اسان جي پيرن جا نشان برساتون بہ نہ ڌاهي سگهنديون هيون. هُن اُن ڪهاڻيءَ ۾ مون کي گهٽيءَ جي ڪنڊ ۾ بيٺل ان ٻونڊڙي ٻير سان بہ ملايو هو جيڪا اسان جي اڪيلي رازدار هئي، جنهن جي ساٻي ۾ مان ۽ منهنجو محبوب مليا ۽ وڇڙي ويا هئاسين. اها ڪهاڻي مون ٽن ساهين ۾ پڙهي هئي، ڇا تہ ڪمال جي ليکڪ هئي منهنجي ڀيڻ.

هوءَ طبيعت جي حوالي سان نهايت ئي شفيق، خوددار ۽ بهادر هئي، ٻئي جي تڪليف تي اداس ٿيندڙ پنهنجي تڪليف ذرو بہ محسوس ٿيڻ نہ ڏيندي هئي. هر وقت مرڪندڙ ادي شگفتہ کي مون زندگيءَ ۾ روئندي صرف هڪ دفعو ڏٺو. جڏهن سندس امڙ وفات ڪري وئي هئي. ننڍپڻ کان وٺي هوءَ پنهنجي امڙ سان تمام گهڻي ويجهي هئي، جنهن کان ڪڏهن بہ هڪ پل پري نہ ٿي. ان کان پوءِ هن لکڻ بہ گهٽائي ڇڏيو هو. امڙ جي وڇڙڻ پڄاڻان ڪيس گهر خالي خالي لڳندو هو. نياڻيون اچي ڪيس آٿت ڏينديون هيون ۽ اهي جڏهن پنهنجي گهر هليون وينديون هيون تہ وري ساڳي اداسي.

مون کي ميڊيڪل سائنس جي ڪا گهڻي خبر ناهي، انهن سانحن جا طبيعت تي ڪهڙا اثر ٿين ٿا؟ اهو نہ ٿو ڄاڻان، پر ان وڇوڙي کان پوءِ ئي اديءَ جي طبيعت جهرڻ شروع ٿي. جڏهن پنهنجي پٽ اياز جي وڏي خوشيءَ وچان شادي ڪرايائين ۽ گهر ۾ ڪنوار آئي تہ گهر جو خالي پڻو ختم ٿي ويو ۽ پوءِ جڏهن اڱڻ تي معصوم گل ٽڙيا تہ ادي بہ ٽڙي پئي، سندس اداسي ختم ٿيڻ لڳي، پوءِ وري هن قلم کنيو ۽ لکڻ شروع ڪيو پر شايد قسمت ۾ ڪجهہ ٻيو لکيل هو ۽ اديءَ جي آزمائشن جو نئون

رمضان جي لاءِ ڪائونٽ ڊائون شروع - قيمتن ۾ اپ ڊائون شروع!

مير اعظم علي ٽالپر

هن وقت اهو طئي ڪرڻ انتهائي نہ رڳو مشڪل پر ناممڪن بہ آهي تہ اسان رمضان شريف طرف تيزيءَ سان وڃي رهيا آهيون يا وري خود رمضان المبارڪ اسان ڏانهن اچي رهيو آهي بهرحال ڪجهہ بہ هجي دنيا ۾ 2026ع جي رمضان المبارڪ جي آمد جي وقت ۾ ڪائونٽ ڊائون شروع ٿي چڪو آهي اڳاٽي زماني ۾ موسمن جي تبديل ٿيڻ کان پهرين 20 ڪن ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ اڳواٽ ماحول ۾ موسمي ڦير گهير جا واضح آثار ظاهر ٿيڻ شروع ٿيندا هئا. موسم جي حوالي سان سياري جي آخري ڏينهن جنوري ۾ اسان جي گهرن ويجهو اٻين جي وڻن تي صبح سوير ڪاري رنگ جو هڪ پکي عجيب مٺي ٻولي ڪندو هو تہ بابا چوندو هو تہ اها 'ڪال ڪڇي' آهي. اُن ڪانسواءِ اُن سان گڏ ڪوئل جا آواز ڪوڪو ۽ ڪڙو ڪڙو بہ ٻڌبا هئا. اُن جو مطلب هوندو هو سياري جي پڇاڙي آهي ۽ هاڻ بهار (پوءِ اونهارو) اچڻ وارو آهي عام طرح سان 31 ڏينهن ڊسمبر ۽ 31 ڏينهن جنوري جا پورا ٿيا تہ سيارو بہ اصولن عملن پورو ٿيو اهڙي ريت اونهاري ۾ 31 ڏينهن جولاءِ جا ۽ 31 ڏينهن آگسٽ جا (62) پورا ٿيا تہ اونهارو ختم پوءِ سرءُ (سيارو) ايندو سياري جي اچڻ سان وري اسان جي گهرن ويجهو ٻيرن جي باغ ۾ وڻن تي ٻيرن مٿان طوطا وڏا وڏا ولر ڪري ٻير کائڻ ايندا هئا ۽ سندس مٺي ٻولي مٺو مٺو لڳي پئي هوندي هئي ۽ باغ ۾ باغائي انهن کي اڏارڻ لاءِ جهار هڪلڻ لاءِ سٽ ۽ پٽ مان ناهيل ڪنياڙي کي گهمائي گهمائي ڦرائي (بندوق) ڪارتوس جهڙو ٺڪاءُ وارو آواز ڪڍندا هئا. سڀ طوطا ٽيون ٽيون ڪندا اڏامي ويندا هئا. اُن ڪنياڙي ۾ مٽيءَ جو ناهيل اڌائي سئو گرام جيترو مٽي جو گوڙهو بہ وڻن طرف ڦٽر ڪري اڇلي طوطن کي ڀڄايو ويندو هو تہ گلوليءَ ۾ بہ ننڍڙو (بلور) جيترو گوڙهو وجهي نشانو ڪري طوطي کي اڏايو ويندو هو بهرحال اڄڪلهہ موسمون اچن ٿيون. وڃن ٿيون پر هاڻ نہ آهي اٻين جا وڻ آهن جن تہ ڪال ڪڇي ۽ ڪوئل ويهي موسم بهار جي آمد جي خوشخبري ٻڌائيندا هئا ۽ نہ وري باقي ٻيرن جا وڻ آهن جن تہ طوطا اچن ۽ مٺو مٺو ۽ ٽيون ٽيون ڪن ۽ هيڏان ويڏان باغائي انهن کي ٻلُو ٻلُو ڪري اڏائين بس آهي وڻ ۽ اُن وقت جا انسان سڀ جا سڀ مٽين مٽيءَ هيٺان ستا پيا آهن تہ پکي بہ گهر ۽ وڻن کان پري نور شاهہ جي قبرستان جي وڻن ۾ اڪيرا ڏاهي ويٺا آهن اڄ ڳالهہ هئي رمضان المبارڪ جي آمد جي سو جڏهن بہ ملڪ ۾ رمضان المبارڪ جي آمد ويجهو ٿيندي آهي تہ موسميات کاتي پاران موسم جي خبرن جيان خبرن ۾ حڪومت طرفان روزانہ رمضان شريف جون رمضاني خبرن شروع ٿي وينديون آهن حڪومت جون رمضان المبارڪ لاءِ روزانہ جي بنياد تي عجيب ۽ غريب سان گڏ دلچسپ خبرون منظرعام تي تہ اخبارن ۾ ماضيءَ جي دلچسپ خبر 'اوهان يقين ڪريو يا نہ ڪريو' وانگر پڙهڻ لاءِ ملنديون آهن. اُنهن ۾ سڀ کان پهرين خبر هوندي رمضان پئڪيج دوران يوٽيلٽي اسٽورن تان لکين روپين جي رعايت وارو غريبن لاءِ سامان ملندو. اُن ۾ چڻا، چٽڻي، ڳاڙها مرچ، ٽوٿ پيسٽ، بوٽ پالش، صابڻ ڪڻڪ، گيهہ پر مذڪوره اسٽور گذريل سال موڪلائي ويا. اُن ڪري هاڻ اهڙي خبر دماغ جا ڄاري طبقا روشن ڪندڙ نہ آهي البتہ رمضان جي غير اعلانيہ غير سرڪاري اعلان موجب حال في الحال سنڌ ۾ رمضان پئڪيج جا آثار حيدرآباد شهر ۽ ڀرواري ۾ گشتي اٽو ڏهہ ڪلو 1040 روپيا اسسٽنٽ ڪمشنر طرفان پهچائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اهو اٽو آهي يا چوڻي ۽ چاڻ ۽ اها بہ خبر نہ آهي تہ ڪهڙن سلن واري سُري لڳل ڪڻڪ جو آهي پر رمضان جي آمد کان پهرين خبر سرڪار طرفان اها ٻڌائي ويندي تہ 'رمضان المبارڪ ۾ سحري ۽ افطاري وقت بجلي جي لوڊشيڊنگ نہ ڪئي ويندي. البتہ اُن ڪانپوءِ بجلي هجي يا نہ هجي، اُن جي ذميواري نہ آهي' اُن ڪانسواءِ سحري ۽ افطاري وقت ملڪ ۾ گئس جي بندش نہ هوندي، البتہ ڏينهن جو سڄو ڏينهن گيس بند رهندي 'اِهو نوٽيفڪيشن جاري ڪندڙ سيڪشن آفيسر کي ملڪ ۾ اقليت، معصوم ٻار ۽ پيرسن پوڙها ۽ بيمار لاچار جيڪي روزا نٿي رکي سگهن اُنهن لاءِ ٻنهين جو ماني ڪيئن نهندي؟ اُن جي پرواهہ نہ آهي' رمضان المبارڪ لاءِ حڪومت جو شاندار پريس نوٽ هوندو تہ رمضان دوران ناجائز منافعا خورن خلاف سخت قدم کنيا ويندا اُنهن تي ضابطو رکڻ لاءِ عملدار عمل ڪرائيندا ۽ رمضان آرڊيننس تحت اُن تي سختيءَ سان عمل ڪيو ويندو، هوٽلون بند رهنديون اهڙي ريت سنڌي ۾ چوڻ آهي تہ 'چئو ڌيءِ کي تہ ٻُڌي ننهن' سو اُن وانگر سرڪار اڻ سنڌو عوام کي رمضان جي آمد جي آگاهي ڏني ويندي آهي. پر اُن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو رمضان اچڻ لاءِ ڪائونٽ ڊائون شروع ٿي ويندو آهي تہ ٻئي طرف ملڪ ۾ وري مهانگائي جو اپ ڊائون شروع ٿي ويندو آهي. ملڪ ۾ رمضان شريف اچي ۽ مهانگائي جو طوفان نہ اچي سو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اُن ۾ سڀ کان مٿي 'اٽو' آهي اٽو رڳو هڪ خوراڪ نہ پر انساني سماج ۾ زندگيءَ جي بنيادي سڃاڻپ بہ آهي جنهن کي امير ۽ غريب سڀ استعمال ڪن ٿا ۽ اُن تي پوري معيشت جي بقا بہ آهي يا اٽو يا اٽي جي قيمتن جو مسئلو نہ آهي هن تي پوري ملڪ جو چرخو گهمي ٿو اٽوءِ اٽي جون روزانہ قيمتون آسمان طرف چڙهي رهيون آهن.

هوڏانهن سرڪار جا دم دلاسا، اُميدون ۽ آسرا خام خيالي وارا آهن ملڪ جي ڪَنڊ ڪڙڇ ۾ ڪڻڪ هر سال پوکي وڃي ٿي بمپر فصل لهن ٿا، ڪڻڪ لهڻ وقت ڪڻڪ جو اگهہ هوندوئي ڪونهي. خاص ڪري گذريل سال 2025ع ۾ ڪڻڪ جو اگهہ صفا ڪونہ هو، ڪڻڪ پوري ملڪ ۾ آهي اُن کي ملڪ جي ساڳي بجلي يا سولر تي پيهي اٽو ڪيو وڃي ٿو. اُن جي باوجود مختلف شهرن ۾ اگهہ ڌار ڌار هئڻ واري ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي حيدرآباد ۾ 20 ڪلو جو ٿيلهو 2760 روپيا، سکر ۾ 2600 روپيا ۽ ڪراچي ۾ 2700 روپين ۾ ملي رهيو آهي اُن ڪانسواءِ ملڪ جي ٻين شهرن جو بہ حال منصور لڳو پيو آهي ڪڻڪ بجلي ساڳي پوءِ اٽي جي اگهہ ۾ ايترو فرق ڇو آهي هي قيمتن جو فرق طلب ۽ رسد جو نہ پر حڪومت جي نااهلي جي ڪري آهي جيڪو ڪمزوري ظاهر ڪري ٿو ۽ سسٽم ناڪاره آهي اسان جو ملڪ شروع کان ئي هڪ زرعي ملڪ چيو وڃي ٿو پوءِ هن زرعي ملڪ ۾ اٽي جو اگهہ عوام کي گهوپاٽو ٿي لڳي رهيو آهي. آخر ڇو؟ اميرن جا ڪتا ماني کائين غريبن جا ٻار ٻڪيا رهن. راقم پنهنجي 72 سلن جي عمر ۾ هوش سنڀالڻ کان وٺي زندگيءَ ۾ جيڪي بہ رمضان الشريف جا مهينا ڏٺا اُنهن ۾ صدر فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي وقت وارا رمضان جا مهينا بہ يادگار هئا تہ اُن ڪانپوءِ سنڌس پٺيءَ پٺيءَ صدر آغا محمد يحيٰ خان جا رمضان جا مهينا بہ لاجواب هئا تہ وري صدر ذوالفقار علي ڀٽو ۽ اُن بعد 1973ع جي آئين تحت وزيراعظم وارا رمضان جا مهينا بہ ڪي مهينا هئا. راقم جيڪي بہ ماضيءَ جا رمضان ڏٺا اُنهن ۾ حيدرآباد شهر جي سلطان هوٽل، نعمت بخارا هوٽل، حبيب هوٽل، زميندار هوٽل سان گڏوگڏ پنهنجي شهر (ٽنڊو جام) جي فصل ربي هوٽل ۽ ٻين هوٽلن ٻاهران پورو ڪپڙي جو ٿان ٽنگيل هوندو هو ۽ هوٽل جو ٻاهريون منظر ڪپڙي سان ڍڪيل هوندو هو. اڄ بہ ياد آهي تہ حبيب هوٽل جو هڪ بيرو قد ڪاٺ جو ڊگهو گهنڊي وارن وارو رمضان شريف ۾ روزيدار هوندو هو پوءِ بہ هو هوٽل تي بيرو هوندو هو. جيڪو آخري دفعو 1980ع جي ڏهاڪي ۾ بخارا نعمت ڪنڊ (جيڪا هاڻ نہ آهي) هوٽل تي ڏٺو هو پر اڄڪلهہ اهڙو زمانو آهي. دنيا ۾ رمضان جي حوالي سان تاريخن ۽ روزي جي وقت ۾ فرق ٿيڻ لازمي آهي. دنيا جا ملڪ جيڪي خط استوا کي ويجهو آهن ۽ اُنهن ۾ ڏينهن جي روشني گهٽي ويهي ٿي يا وري جاگرافيائي لحاظ کان سيارو ۽ اونهاري وارو موسمي فرق هئڻ سبب ڏينهن وڏا ۽ ننڍا آهن تہ روزن جو ٽائيم بہ اُن حساب سان ٿئي ٿو هن سال پاڪستان ۾ روزو رکڻ (سحري) جي وقت کان روزو کولڻ (افطاري) جو وقت 13 ڪلاڪن کان سادا 13 ڪلاڪ ٿيندو، پر آسٽريليا جي رياست تسمانيہ جيڪا دنيا جي ٻئي دنگ (ڇيڙي) تي آهي اُن جي شهر سڊني ۾ راقم جي رهائش پذير فيملي جي عزيز مير دانش ٽالپر ٻڌايو آهي تہ هن سال آسٽريليا (سڊني ۾ اسان وٽ) روزو 18 ڪلاڪن جو ٿيندو. جو تہ سج لهڻ جو آخري ٽائيم رات جا سادا 8 هوندو. اهڙي طرح آسٽريليا جي شهر ميلبورن ۾ رهندڙ ٽنڊو جام واسي هڪ ٻئي عزيز مير سعيد احمد ٽالپر عرف مير حاجن چيو آهي تہ هن وقت آسٽريليا ۾ اونهارو هئڻ ڪري ڏينهن وڏا آهن. اُن ڪري روزي جو ٽائيم طويل هوندو. اُن ڪانسواءِ هن سال مصر ۾ روزو 12 ڪلاڪ 40 منٽن جو هوندو. سعودي عرب، گڏيل رياستن، قطر، ڪويت، بحرين، عمان ۽ عراق ۾ بہ لڳ ڀڳ ساڳيو ئي وقت هوندو. البتہ مراڪش، الجيرا، تيونس ۾ روزن جي وقت ۾ فرق آهي جڏهن تہ نيويارڪ ۾ روزو 13 ڪلاڪن جو ٿيندو پر برطانيا، جرمني ۾ ڪجهہ وڏا روزا هوندا. هوڏانهن سعودي حڪومت مسجد نبوي صہ ۾ افطاري ڪرائڻ لاءِ عام ڀلائي وارين تنظيمن کان پنهنجو دستر خوان وڇائڻ لاءِ درخواستون طلب ڪري ورتيون آهن. هي افطاري غير منافع بخش ادارن پاران هوندي، حرمين شريفين ۾ هر سال ائين ٿيندو رهندو آهي، البتہ اسان جي ملڪ جي افطاري نرالي آهي. جهڙن ۾ روزو سنبوسن، چانهين ڪانسواءِ ڪلي نٿي پر هن سال سيارو ۽ ٿڌا ڏينهن هئڻ ڪري برف جو استعمال نہ ٿيندو، چانهين جي موسم نہ آهي. باقي ٽماٽو ڪيچ اپ ۽ سنبوسن جي افطاري وقت عالمي جنگ لڳندي، اُن ڪانسواءِ ڪيلن، گدرن ۽ نارگين جو بہ آزادانہ استعمال ٿيندو ممڪن آهي تہ رمضان کان اڳ جيڪو (هڪ ڇٽ هيٺان سڀ شيءِ) هڪ ٿي ريڙهي تان 100 روپين ۾ چار کان پنج ڪلو پٽاٽا، سئو روپين ۾ پنج ڪلو بصر ۽ ساڳئي رقم ۾ چار کان پنج ڪلو ٽماٽا وڪامي (ملي) رهيا آهن پر 29 يا 30 شعبان جي سج لهڻ شرط ۽ پهرين رمضان تي اُنهيءَ ساڳي اگهہ تي شايد وري نہ ملن. جيڪو مال هن وقت هڪ ريڙهي تان ٿي شيون هر مال سئو رپيا ۾ ملي رهيون آهن. سي رمضان جو چنڊ نظر اچڻ شرط غائب ٿي وينديون. جو تہ سالن کان ملڪ ۾ ائين ٿيندو رهيو آهي هڪ طرف رمضان جي آمد لاءِ ڪائونٽ ڊائون شروع آهي تہ ٻئي طرف قيمتن جو اپ ڊائون شروع آهي.

15 شعبان: عبادت ۽ بندگيءَ جي عظيم رات..!

عبدالفتاح عباسي

شعبان المعظم مهيني جي 15هين واري رات کي "شب برات" چيو ويندو آهي. شب جي معنيٰ آهي "رات" ۽ برات جي معنيٰ آهي "ڇوٽڪاري يا آزاد ٿيڻ جي رات." هن ڀلاري ۽ مبارڪ رات 15 شعبان تي مومن ٻانهن جي روزي، رزق، نوڪري ملڻ، صحت، سلامتي، عمر حياتي، مال ۽ اولاد سميت سمورن معاملن جو هڪ ڇڻ تہ بجيٽ ناهيو ويندو آهي. انهيءَ ڀلاري رات جو جڏهن بندي جو روزي رزق، مال ۽ اولاد وغيره لکيو وڃي تہ انهيءَ وقت بندو، يعني ٻانهو غفلت جي ننڊ ۾ ستل نہ هجي، بلڪ الله رب العالمين جي عبادت ذوق ۽ شوق سان ڪرڻ ۾ مصروف عمل هجڻ گهرجي هن رات جو الله جي نعمتن جو شڪر بجا آڻيندڙ مومن مسلمان ٻندا پنهنجي رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ عاجزي، نياز ۽ نوڙت سان عبادت يا بندگيءَ ۾ محو ٿي وڃن ٿا. خوب نوافل، قرآن پاڪ جي تلاوت، ذڪر اذڪار تسبيح حمد ۽ ثنا پڙهندا رهن ٿا. هن ئي متبرڪ مبارڪ رات جو گناهن جي توبهہ ڪري نيڪ اعمال ڪرڻ جو واعدو ڪري آئنده جي لاءِ الله رب العالمين جي رضا خوشنودي حاصل ڪرڻ وارا ڪرڻ جو عهد ڪيو ويندو آهي الله پاڪ جي رحمت پڪاريندي آهي تہ آهي ڪو ٻانهو ۽ ٻانهي جيڪو جيڪا شيءِ گهري تہ عطا ڪنداسين. رب پاڪ جي رحمت جي پالوٽ پنهنجي جوش ۾ هوندي آهي ۽ پنهنجي ٻانهن کي پنهنجي دنيا آخرت جو موقعو فراهم ڪرڻ لاءِ بار بار پڪاري چوندي آهي اي منهنجا ٻانها ۽ ٻانهيون منهنجي جائز حلال شين ۾ رهي خوفِ خدا ۽ عزوجل ۽ منهنجي پياري محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي سنتن جي اطاعت ڪر ۽ پنهنجي اولاد، گهر وارن تي صلح رحمي ڪر متن مائٽن، رشتيدارن، دوستن، احبابن پاڙيسرين جو خيال ڪر الله جي ٻندن تي رحم ڪندين تہ الله توتي رحم ڪندو ڪنهن کي بہ ڪا تڪليف نہ پهچائي، ڪنهن کي بہ اذيت مشڪلاتن ۾ نہ وجهہ. رب پاڪ جي رحمت حاصل ڪرڻ چاهين ٿو تہ ڪنهن کي بہ نہ ايذاءُ نہ پهچاءِ. هن 15 شعبان المعظم جي رات جو ڪيترن ئي مسلمانن کي جهنم جي باهہ مان نجات ملي ٿي. تنهن ڪري ئي هن رات کي شبِ برات، يعني ڇوٽڪاري ۽ نجات واري رات سڏيو وڃي ٿو هن رات کي ليلتہ المبارڪ يعني برڪتن واري رات بہ سڏيو وڃي ٿو. ٻيو هن رات کي رحمتون نازل ٿيڻ جي رات، ورهائڻ واري رات، رب پاڪ کي راضي ڪرڻ واري رات بہ سڏجي ٿو. جليل القدر تابعي حضرت عطاءُ بن يسار رضي الله عنہ فرمائين ٿا تہ: ليلتہ القدر ڪانپوءِ شعبان جي 15 واري رات کان ڪا بہ افضل رات ناهي. جهڙي طرح مسلمانن لاءِ زمين ۾ بہ عيدون آهن، اهڙي طرح فرشتن لاءِ بہ آسمان ۾ بہ عيدون آهن. هڪ شب برات ۽ ٻئي شب قدر، جهڙي طرح مومن مسلمانن لاءِ بہ عيدون عيد الفطر ۽ عيد الاضحيٰ آهن. رب ڪريم جو فرمان پاڪ آهي تہ: "قسم آهي اُن روشن ڪتاب جو بيشڪ اسان هن کي برڪت واري رات ۾ لاٿو" بيشڪ اسان ڊيڄارڻ وارا آهيون. انهيءَ ۾ ورهايو ويندو آهي هر حڪمت وارو ڪم. (ڪنزالايمان). هن رات مان مراد شب قدر يا شب برات آهي. (خزائن العرفان). انهن آيتن جي تفسير ۾ چيو ويو آهي تہ: ليلتہ مبارڪ مان پندرهين شعبان جي رات مراد آهي. هن رات ۾ زنده رهندڙ فوت ٿيندڙ ۽ حج ڪرڻ، عمرو ڪرڻ وارن سڀني جا نالن جي فهرست تيار ڪئي ويندي آهي ۽ انهيءَ ۾ ذري برابر بہ ڪمي پيشي نہ ڪئي ويندي آهي. حضرت امان عائشہ صديقہ رضي الله تعالي عنها فرمائين ٿيون تہ لجپال آقا ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ ڇا توهان ڄاڻو ٿا تہ شعبان جي 15هين جي رات ۾ ڇا ٿيندو آهي؟ مان عرض ڪيو تہ آقا يا رسول الله ﷺ اوهان فرمايو. فرمايو ويو تہ ايندڙ سال جيترا بہ پيدا ٿيندڙ هوندا آهن اهي سڀ هن رات جو لکيا ويندا آهن ۽ جيترا بہ ماڻهو ايندڙ سال مرندڙ فوت ٿيندڙ هوندا آهن اهي بہ هن ئي رات جو لکيا ويندا آهن ۽ هن ئي رات جو سڄي سال پوري سال جا اعمال الله ڪريم وٽ پهچايا ويندا آهن ۽ هن ئي رات ۾ ماڻهن جو مقرره رزق لاٿو ويندو آهي حضرت عطاءُ بن يسار رضي الله عنہ فرمائين ٿا تہ شعبان جي پندرهين جي رات ۾ الله تعاليٰ ملڪ الموت کي فهرست ڏيندي حڪم فرمائيندو آهي تہ جن جن ماڻهن جا نالا هنن ۾ لکيل آهن انهن جي روحن کي ايندڙ سال مقرره وقت تي قبض ڪيو وڃي تہ انهيءَ رات ۾ ماڻهن جي حالتن بابت فيصلا ڪيا ويندا آهن ڪو باغن ۾ وڻ لڳائڻ ۾ فڪرمند هوندو آهي تہ ڪو وري شادي ڪرڻ جي تيارين ۾ مصروف هوندو آهي ڪو وري پنهنجي گهر يا بنگلي ناهڻ ۾ لڳل هوندو آهي جڏهن تہ ڪيترن ئي ماڻهن جو موت يا فوتگي لکي ويندي آهي حضرت عثمان بن محمد رضي الله عنہ فرمائين ٿا تہ: آقا ڪريم ﷺ فرمايو تہ هڪ شعبان کان ٻئي شعبان تائين ماڻهن جي زندگي منقطع ڪرڻ جو وقت انهيءَ رات ۾ لکيو ويندو آهي. ايتري تائين جو ماڻهو شادي ڪري ٿو ۽ انهيءَ جا ٻار پيدا ٿين ٿا، ايتري جو انهن جا نالا مري ويل ماڻهن جي فهرست ۾ لکجي بہ ويندا آهن انهيءَ 15 شعبان المعظم جي ڀلاري رات کي عبادت، رياضت ۽ بندگيءَ ۾ گذاريو هن رات ۾ صلوات، تسبيح پڙهي، درود ۽ سلام ڪثرت ڪرڻ قرآن پاڪ جي خوب خوب تلاوت ڪئي وڃي ۽ پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪري، سڀ کان وڌيڪ مهربان ٻاجهاري رحمان رحيم الله رب لعالمين جي دَر سجده سجود ٿي ڪري معافي طلب ڪئي وڃي الله جي رحمت مان خوشنصيب ٻندا ئي حصيدار بڻجن ٿا. يقين ڄاڻو الله سمورا گناهہ معاف ڪري ڇڏي ٿو. يقينن الله ڪريم تمام گهڻو بخشيندڙ وڏو مهربان آهي جيڪو الله جو ٿيندو تہ الله بہ اُن جو ٿي ٿي ويندو هر ماڻهوءَ کي اها ئي شيءِ ملندي آهي، جنهن جي هو نيت ڪري ٿو.

زماني ڪا سهارا تو بظاهر اڪ دکاوا هي،
حقيقت مين مجهي ميرا خدا گرني نهين ديتا.
جو نهين گئي وه ترستي هين
جو واپس آ گئي وه تڙپتي هين

الله پاڪ جي رحمت مان مايوس نہ ٿيو يقين ڄاڻو الله پاڪ سمورا سڀ جا سڀ گناهہ، ڏوهہ ۽ خطائون معاف ڪري ڇڏيندو آهي. يقينن هو وڏو بخشيندڙ مهربان ۽ نهايت ٻاجهارو آهي.

فرياد امتي جو ڪري حال زار مين
ممڪن نهين ڪہ خيرالبشر ڪو خبر نہ هو

تنهنجو ٻانهو اڪيلو آ، سواءِ تنهنجي نہ ٻيو منهنجو ننگي ننگ پال تون آهين. ڪرم ڪر يارسول ﷺ.

اڄوڪو ڏينهن - 03 فيبروري

محمد حسين ڪاشف

محمد حسين ڪاشف پنهنجي دور جو هڪ محنتي استاد، محقق ۽ لطيف جو پارکو هو سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1930ع ۾ ٽنڊي الهيار ضلعي جي شهر چمبڙ ۾ ٿيو سندس والد حافظ محمد عمر هڪ غريب ڪنڀار هو ۽ مٽيءَ جا ٿانو ناهي پنهنجو گذرسفر ڪندو هو محمد ڪاشف پنهنجي ننڍي ڄمار ۾ پڙهائيءَ سان گڏ پنهنجي والد سان گڏ مٽيءَ جا ٿانو ناهيندو ۽ پچائيندو هو. گڏوگڏ هن درزڪو ۽ راڄڪو ڪم بہ سکيو هو. سنڌي فائنل تائين تعليم حاصل ڪري 1948ع ۾ پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو ۽ سڄي عمر انتهائي محنت ۽ محبت سان قوم جي ننهالن کي علم جي زيور سان مالامال ڪيائين هو ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي شاعريءَ جو وڏو پارکو ۽ عاشق هو پاڻ سنڌ ايجوڪيشنل ڪائونسل حڪومتِ سنڌ ۽ بيورو آف ڪريڪيولم جو ميمبر رهيو سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ ۾ درسي ڪتابن جي جاچنا ڪميٽيءَ جو ميمبر ۽ اعزازي صلاحڪار رهيو ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ بطور ليکڪ رهيو 1995ع کان 2004ع تائين سينٽر آف ايڪسيلنس شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو انچارج بہ رهيو. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ پروگرام "ساٿيهہ جا سينگار" ۾ هن شاهہ سائينءَ جي سُرن، راڳ ۽ سوانح بابت ڪيترائي مواد ٻڌندڙن تائين پهچايو هن جا لڳ ڀڳ 150 مضمون ۽ مقالا مختلف اخبارن ۽ ادبي رسالن ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا. زندگيءَ جي شروعاتي دور ۾ هن هڪ ناول بہ لکيو ۽ عمر جي آخري ڏينهن ۾ شاعري بہ ڪئي هن شاهہ سائينءَ جي لڳ ڀڳ سڀني سرن تي مضمون لکيا. ان کان علاوه حضرت سچل سرمست، سامي خليفي نبي بخش، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ عبدالرحيم گرهوڙيءَ سميت سنڌ جي ٻين صوفي شاعرن ۽ بزرگن بابت بہ ڪيترائي مقالا لکيا. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "ڪنڌي ڪونئر تڙن"، "لطيفي فڪر ۽ سُرن جي ساڃاهہ"، "شاهہ جي رسالي جي سڃاڻپ"، "شاهہ جو ڪلام مقدار يا معيار" ۽ "نہ سي پرين پسن" شامل آهن سندس گڏ ڪيل ڪيترائي مواد اڃا ڇپجڻ جي اوسيئڙي ۾ آهي لطيف جي هن پانڌيئڙي 25 سيپٽمبر 2010ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

هيمراج گوڪلداس ناگواڻي

سنڌي ادبي حلقن ۾ هيمراج گوڪلداس ناگواڻيءَ جو نالو هڪ ڊراما نويس ۽ شاعر طور ڄاتل سڃاتل آهي هن جو جنم 3 فيبروري 1931ع تي نوشهري فيروز ۾ ٿيو ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ويو ۽ زندگيءَ جو گهڻو حصو دهليءَ ۾ گذاريائين هن ڪيترائي ناٽڪ نہ فقط لکيا، بلڪ انهن جي هدايتڪاري بہ ڪئي سندس ڇپيل ڊرامن جي ڪتابن ۾ "ڳمتو ڊاڪٽر"، "ڪاڪو ٻهلائيءَ وارو"، "صبح نہ آيو"، "سورج جي آخري ڪرڻ تائين" ۽ "عاشق زهر پياڪ" شامل آهن هن 1950ع ۽ 1970ع جي وچ وارن سالن ۾ دهليءَ ۾ اسٽيج ٿيندڙ ناٽڪن جي سروي تي مشتمل ڪتاب "مور نچندا رهن" پڻ لکيو ان کان علاوه سندس شاعريءَ جو بہ هڪ مجموعو ڇپيل آهي هو پنهنجي دور جو هڪ مشهور ڊراما اداڪار پڻ هو ۽ هڪ سئو کان وڌيڪ ناٽڪن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريائين هو خاص طور تي مزاحيہ اداڪاريءَ جي ڪري مشهور هو هن دوردرشن تان ٽيليڪاسٽ ٿيل مشهور ڊرامي "اوکا پنڌ پهاڙ جا" ۾ بہ اداڪاري ڪئي هن مرڪزي ساهتيہ اڪيڊميءَ پاران سنڌي ڊرامن بابت ڇپيل ڪتاب "ايڪانڪي" جي ڪو ايڊيٽر طور بہ ڪم ڪيو.

ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي

اوريئنٽل ڪاليج وارهہ مان پاس ڪيائين ان کان علاوه پرائمري ٽيچنگ ڪورس ٽريننگ ڪاليج لاڙڪاڻي مان ۽ بي ايڊ جو امتحان شڪارپور مان پاس ڪيائين هن ايم اي (سنڌي) جي سنڌ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪئي جڏهن تہ پي ايڇ ڊي جي سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين علي اڪبر اسير قريشيءَ اسڪول واري زماني کان لکڻ شروع ڪيو نثر توڙي نظم ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون اٿس شاعريءَ ۾ سيد اظهر گيلاني ۽ نشتر ناٿن شاهي سندس استاد رهيا. سندس شاعريءَ جو مجموعو "ديوان اسير" ڇپيل آهي هن مولانا عبدالڪريم نظاميءَ جي اردو ڪتاب جو ترجمو "سنڌ جي تاريخ سومرن جي تاريخ ۽ سومرا دور" جي نالي سان ڪيو آهي

محمد عثمان عباسي

محمد عثمان عباسي سنڌ جو هڪ ناليوارو استاد، تعليمي ماهر ۽ ديني عالم آهي سندس جنم 03 فيبروري 1960ع تي تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهروفيروز جي ڳوٺ چنيهاڻيءَ ۾ ٿيو هن اسلامڪ ڪلچر ۾ ايم اي جي سند شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ۽ ايم ايڊ جي سند سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان حاصل ڪئي 1982ع ۾ پرائمري استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين لکڻ جي شروعات ٻارن جي رسالي "گُل ڦُل" ۽ "روزاني هلال پاڪستان" کان ڪيائين هن مختلف موضوعن تي 40 کان بہ وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن هن پنهنجي تلي سان پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ وڏي لائبريري قائم ڪئي آهي جنهن ۾ 13 هزار کان مٿي ڪتاب موجود آهن

انعام شيخ

اڄ سنڌ جي برک اديب، دانشور ۽ ڪالم نگار انعام شيخ جي جنم جو ڏينهن آهي انعام شيخ 03 فيبروري 1962ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان بي اي آنرس ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بين الاقوامي تعلقات ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات 1989ع ۾ اردو ڪاليج ڪراچيءَ مان ليڪچرار طور ڪيائين 1997ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ سان ليڪچرار طور سلهاڙجي ويو 2008ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ٿيو. 2003ع کان 2006ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ طور خدمتون سرانجام ڏنائين اڳتي هلي علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ ۾ ڊائريڪٽر جنرل ۽ ڪنٽري هيڊ طور ڪم ڪيائين انعام شيخ جو شمار سنڌ جي مشهور ڪالم نگارن ۾ ٿئي ٿو هن مختلف اخبارن لاءِ فلاسافي سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن ۽ ٻين موضوعن تي 5 سئو کان مٿي ڪالم لکيا آهن هو مختلف ٽيليويزن پروگرامن ۾ بہ شرڪت ڪندو رهيو آهي هو هڪ سٺو ليکڪ ۽ سنڌيڪار آهي سندس ڪتابن ۾ "سوچ جو سفر"، "اتهاس جا آواز"، "سونهن عشق ۽ سنسار"، "سنڌي سماج، ادب ۽ سياست"، "بين الاقوامي تعلقات جي لغت" ۽ "پرماننڊ ميوارام" شامل آهن

محمد علي پناهہ

اڄ مشهور شاعر، نثر نويس ۽ تعليمي ماهر محمد علي پناهہ جي جنم جو ڏينهن آهي هن 03 فيبروري

مختيار انڙ

1974ع ڌاري ادبي ڪيٽر ۾ پير پاتو لکڻ جي شروعات ڪهاڻين لکڻ سان ڪيائين ۽ بعد ۾ مرحوم انور پيرزادي جي شاعريءَ کان متاثر ٿي شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين هن غزل، وائي نظم، نثري نظم، ترائيل، تيڙو، چوسٽي ۽ سانيٽ سميت شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي پاڻ مختلف رسالن جي ايڊيٽر طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون جن ۾ ڏات، مرڪ، نئين دنيا ۽ ماهوار ڪونج شامل آهن سندس ڇپيل ڪتابن ۾ اکيون آلا چنڊ (نثري نظم)، عاشورا آهن (شاعري)، اگهيا اوڇاڳا (وايون)، پگهر آرس اڪرين (شاعري)، طوفان ۾ ڪکائون گهر (ڪهاڻيون)، اڇي رات ڪارو چنڊ (ڊراما)، مسافتون ياد (ڪوتا ناول)، مونکي آهہ اڌاريو (شاعري)، ميندي لهڻ کان اڳ ۾ (ڪهاڻيون)، گهڻائي ٿي تنهائي (شاعري)، اميد جو ڪرڻو (ڪهاڻيون)، منظر مهڪي ٿو (شاعري) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن اسين سنڌ جي هن سڄڻ کي سندس جنم ڏينهن تي مبارڪباد ڏيون ٿا.

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي



اڄ سنڌ جي مشهور شاعر، نثر نويس، محقق ۽ انتظامي سربراهہ ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن ناليواري انسان جو جنم 03 فيبروري 1963ع تي ٺٽي ضلعي جي ڳوٺ دبيار ۾ سهڻد جماريءَ جي گهر ۾ ٿيو هن "شهيد شاهہ عنايت ۽ سنڌس سلسلي جا شاعر" جي عنوان تي ٿيسز لکي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪئي هن ڪيترن ئي اهم عهدن تي رهي سنڌ جي خدمت ڪئي آهي انهن ۾ پرنسپال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٺٽو، ريجنل انچارج علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي ٺٽو ريجن، ڊائريڪٽر جنرل ڪلچرل ڊپارٽمينٽ سنڌ، ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج، چيئرمين سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ۽ ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجز شامل آهن. ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي شاعري، ادبي مضمون ۽ مقالا سنڌ جي ساک وارن ادبي رسالن ۾ لاڳيتو ڇپجندا رهيا آهن. هن سنڌ ثقافت کاتي پاران ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏنا آهن، جن ۾ "سر آسا"، ٺٽو ٺٽو (هڪ مطالعو)، "سر پرڀاتي"، "سر پورب"، "جهڙي سونهن سنڌياس"، "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ"، "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي- مقالا ۽ مضمون"، "مون ۾ تون موجود"، "سدا سرها گل" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. سنڌس شاعريءَ جا مجموعا "مڪلي ۽ مانجهي" ۽ "جهڙي سج ڪڪور" بہ ڇپجي چڪا آهن.

سميرا مختيار

اڄ ناليواري ليکڪا ۽ ڪالم نگار سميرا مختيار جي جنم جو ڏينهن آهي هن 3 فيبروري 1971ع تي حيدرآباد ۾ خير محمد مغل جي گهر پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو هن پرائمريءَ کان مئٽرڪ تائين سينٽ ميريز ڪانوينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪئي ٻارهين ڪلاس جو امتحان نذرت ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو. ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جون سندون حاصل ڪيون. سميرا اسڪول واري دور کان

هن ايف ايم 99 حيدرآباد تي لڳاتار 5 سال "اسٽيشن ڊائريڪٽر" طور ذميداريون سنڀاليون.

مولوي حافظ عبدالقيوم مهر سڪندري

اڄ مشهور ديني عالم ۽ اديب مولوي حافظ عبدالقيوم سڪندريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي جنهن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1982ع ۾ ٿر پارڪر جي ڳوٺ سونڊر ۾ ٿيو پاڻ جامعہ راشديہ پير جو ڳوٺ (ضلع خيرپور) مان ديني تعليم حاصل ڪئي گڏوگڏ مولوي عالم ۽ فاضل جو ڪورس فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين جامع راشديہ مان ئي عربي ۽ دينيات جي اعليٰ تعليم حاصل ڪري 2005ع ۾ دستار فضيلت حاصل ڪيائين هن 2021ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم فل جي سند حاصل ڪئي پاڻ ماهوار رسالي الراشد جي ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو آهي سنڌس تصنيف ۽ تاليف ٿيل ڪتابن ۾ "عظيم شخصيت عظيم ڪردار"، "جامعہ راشديہ جا 50 سال"، "سُونهن پريو سونڊر"، "خزانتہ الفقہ"، "خزينتہ اوراد"، "بيتاج بادشاهہ"، "شام جون زيارتون" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن

نادر بيگ مرزا



اڄ مشهور ليکڪ نادر بيگ مرزا جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جو سڀ کان وڏو فرزند هو. سندس ولادت 16 مارچ 1891ع ۾ ڪوٽڙيءَ ۾ ٿي. ڪوٽڙي، ڪراچي ۽ حيدرآباد جي تعليمي ادارن مان ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. 1906ع ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن روانو ٿيو جتان 1912ع ۾ بئريسٽريءَ جي سند حاصل ڪيائين. وطن واپس وڃڻ کان پوءِ مئجسٽريٽ طور سنڌ جي مختلف شهرن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. ادب سان دلچسپي سندس والد کان ورثي ۾ مليس. 1920ع کان 1933ع تائين ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيائين، جيڪي ان وقت جي ادبي رسالن ۾ شايع ٿيون. هن انگريزي ٻوليءَ ۾ شاعري بہ ڪئي. هن هڪ ناول "دلڪشا" بہ لکيو هو. "نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون" سندس ڪهاڻين جي ڇپيل مجموعي جو نالو آهي، جيڪو مشهور اديب نصير مرزا 1991ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن 03 فيبروري 1940ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي ۽ کيس حيدرآباد ۾ اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

ايم ڪمل

اڄ ٺٽيءَ ڪنڊ جي مشهور غزل گو شاعر ۽ نثر نويس ايم ڪمل جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. ايم ڪمل جو پورو نالو مولچند منگهارام ٻندراڻي هو ۽ سندس جنم 8 آگسٽ 1925ع تي سنڌ جي شهر ڪنڊياري ۾ ٿيو. انٽر سائنس جو امتحان ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ الهاس نگر جا وڻ وڃي وسايائين. اردوءَ جي مشهور شاعر مير تقي مير جي شاعري پڙهي هن کي بہ شاعري ڪرڻ جو شوق ڄاڳيو. سندس پهرين ڪوتا 1952ع ۾ شايع ٿي. هن جي شاعري ويتر پڪي پختي تڏهن ٿي، جڏهن ناميارِي شاعر ليکراج عزيز کي شاعريءَ ۾ پنهنجو استاد قبول ڪيائين. شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين پر غزل سنڌس سڀ کان پسنديده

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

كورٽ نوٽيس

سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر62 سال 2025

محمد رشيد ولد ولي محمد معرفت قانوني وارث محمد شريف اينڊ بيا...خلاف: نورمحمد ولد ولي محمد ۽ بيا . ڊفينڊنٽس نمبر 5 مسمات پروين اختر ڌيءَ ولي محمد معرفت قانوني وارث (اي) رحمان (بي) محمد زمان (سي) محمد رمضان (ڊي) ارسلان (اي) مسمات تبسم بيبي (ايف) مسمات ترنم بيبي سپ پٽ ڏيٿرون (جي) غلام نبي (مؤس) رهندڙ ڳوٺ غلام محمد جٽ النور شوگر مل اسٽاپ پي او شاهپور جهانيان قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد.

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن ڪينسليشن اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان
سول اپيل نمبر02 سال 2026

محمد حيات ولد مير خان نوهاڻي رهندڙ ڳوٺ صاحب خان نوهاڻي تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان. اپيليڪينٽ...خلاف: (4) محمد بچل ولد محمد عثمان معرفت قانوني وارث مسمات فاطمه(ڌي)، مسمات خانزادي،(ڌي) محمد قاسم(پٽ)، محمد اسماعيل (پٽ) معرفت قانوني وارث (اي) نوران بيواه (بي) مسمات شازيه (ڌي) (سي) مسمات نازيه (ڌي) (ڊي) محمد عثمان (پٽ) شهاڙيب (پٽ) (5) KANDO ولد محمد عثمان ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ محمد عثمان يو سي الله ڏنو سريوال بي ايس ڪلاب لغاري تعلقو ماتلي ضلعو بدين معرفت اسپيشل پاور اٽارني نالي محمد قاسم ولد محمد بچل خاصخيلي (6) محمد حسين ولد اسماعيل نوهاڻي ريسپونڊنٽس ..

نالي مٿين ريسپونڊنٽس 04،05،06 ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي ۽ بي درخواست زير قلم 151 سي پي سي 149 سي پي سي آر ڊبليو سيڪشن 151 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي ججمينٽ اينڊ ڊڪري خلاف جيڪا 20-11-2025 تي پاس ڪئي سينئر سول جج II ٽنڊو محمد خان ايف سي سوٽ نمبر 164 سال 2019 تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 03-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي رحيم الدين راجپوت ولد محمد رحيم رهندڙ هوسڙي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي محمد حنيف ولد الهه بخش تاريخ 15-03-2008 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 214، 152 مان ايراضي حصي موجب ديهه بوهڪي تپو هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي. (1) ڪرم الدين (پٽ) (2) خوشي محمد (پٽ) (3) رحيم الدين (پٽ) (4) وڪيلان (ڌيءَ) (5) شمشاد بيگم (ڌيءَ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪنڌڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي محمد نويد ولد فقير محمد رهندڙ هوسڙي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي مسمات بطولان زال مقصود علي تاريخ 02-02-1990 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 152، 146/2 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه بوهڪي تپو هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي. فقير محمد (پٽ)، فقير محمد ولد مقصود تاريخ 05-04-2013 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: (1) فرمان علي (پٽ) (2) محمد عرفان (پٽ) (3) محمد نويد (پٽ) (4) محمد ڪامران (پٽ) (5) محمد شاهد (پٽ) (6) ريحانه عمران (ڌيءَ) (7) بلقيس بيگم (بيواهه) (8) رسمان علي (پٽ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪنڌڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

لاتعلقي جو اظهار

مهنجو پٽ نالي شيراز علي ولد عبدالعظيم ميمڻ غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي خراب ٿي ويو آهي ۽ اسان جي چوڻ ۾ نه رهيو آهي ان لاءِ آئون هن ڪان لاتعلقي جو اظهار ڪيان ٿي ڪو به شخص يا ادارو هن سان ڪا به ڏيتي ليتي ڪندو يا هو ڪنهن سان ڪو ڦڏو فساد ڪندو ته هن جو ذميوار هو پاڻ هوندو سڄي فيملي سان ڪو واسطو نه هوندو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جئين وقت سر ڪم اچي سگهي.

ياران مسمات عدن زال عبدالعظيم ذات ميمڻ رهندڙ نظر پور تعلقو ٽنڊو غلام حيدرضلعو ٽنڊو محمد خان اين آءِ سي نمبر 4160306272968

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته آئون محمد رمضان ولد لڪاڏنو خاصخيلي رهندڙ وارڊ نمبر02 شهر ڪوٽ غلام محمد شناختي ڪارڊ نمبر44102-6565227-5 هوش و حواس سان لکي ڏيان ٿو ته آئون امن پسند شهري آهيان ذاتي طور تي نوڪري ڪريان ٿو جڏهن ته منهنجو ننڍو پاءُ اسلام ولد لڪاڏنو جيڪو عاقل بالغ وات وڪيل آهي ۽ غير قانوني سرگرمين ۾ ملوث آهي تنهنڪري آئون سنڌس ڪاروهنوار ڪاروبار ۽ ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي سان واسطو نه آهي اسام پنهنجي ڪمن ڪارن جو پاڻ خود ذميوار آهي

محمد رمضان ولد لڪاڏنو ڪوٽ غلام محمد
فون نمبر: 0307-7680899

عام اطلاع

آئون پنهنجي هوش و حواس سان امير بخش پٽ غلام مصطفي ذات خاصخيلي رهندڙ شهر عمرڪوٽ خاصخيلي پاڙو. منهنجا حقيقي وارث هر هڪ نالي 1. عمير پٽ امير بخش، 2. عزير پٽ امير بخش،3. زبير پٽ اميربخش 4. فاطمه ڌي امير بخش . 5. ناظمه ڌي امير بخش. انهي کان سواءِ منهنجو ڪوبه ڏيتي ليتي ۾ ڪو به واسطو نه ٿي آهي ان وقت جي حساب هر پنهنجو حصو ڏيڻ پابند آهيان ۽ اينڌڙ وقت جي حساب مون وٽ جيڪو ڪجهه به هوندو اهي مٿي ڄاڻايل حقدار ٿي رهندا.هر هڪ کي حصي ڏار ۾ .1 عمير عمر 22 سال هڪ جڳهه جيڪا پوليس لائين واري 1600 اسڪوئر فٽ ۾ ٺهيل 3 ڪمرا بورچي خانو 2 .فاطمه ۽ ناظمه ڌي امير بخش، پلاٽ ڪنري روڊ تي 2 دڪان جي حقدار آهن جنهن جي ماپ 900 اسڪوئر فٽ سروري ۾ آهن انهي ٻنهي ڀيڻن پاڻ هڪ جيترو حصو رکنديون .3زبير پٽ امير بخش 10 سال هڪ جڳهه رحيم ڪالوني ۾ جنهن ۾ 2 ڪمرا، هڪ بورچي خانو. 1200 اسڪوئر فٽ .4عزير پٽ امير بخش، عمر 12 سال ٻيو جيڪو ڪجهه به آهي. گورنمينٽ پگهار ۽ ٻيو ڪجهه ڏٺي هي آهي انهي کان علاه منهنجي زندگي ۾ ڪو به نه واسطو آهي ۽ نه رهندو.پنهنجن ڪان مرٿو پرٿو ۾ ڪو به واسطو نه آهي.هي منهنجو بيان رڪارڊ رکيو وڃي جيئن سر وقت ڪم اچي سگهي

امير بخش ولد غلام مصطفي خاصخيلي ضلع عمرڪوٽ اين آءِ سي نمبر 44107732876099 رابطو نمبر 03460393277

تاريخ پيدائش جي درستي

جئين ته منهنجي پٽ عاقل ولد محمد يامين جي اسڪول رڪارڊ ۾ تاريخ پيدائش غلطي سان 10-01-2002 لکجي وئي آهي جنهن کي درست ڪري 11-09-2002 لکيو ۽ پڙهيو وڃي ۽ منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جئين وقت ضرورت ڪم اچي

محمد يامين ولد امتياز احمد
شناختي ڪارڊ نمبر 4130331910781

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-III مٽياري
(روبرو جناب نجيب الله سومرو)
فيملي سوٽ نمبر02 سال 2026

مسمات نمرا ڌيءَ جمع خان عرف نصير ذات راجپوت رهندڙ مير حسن ملاح تعلقو ۽ ضلعو مٽياري....پلينٽف...خلاف: آصف علي عرف علي حسن پٽ پليڏنو ذات ڪيريو رهندڙ مڏهو شاهه مسجد والي گلي ويجهو ڪامپريهينسو اسڪول تعير آباد ميرپورخاص....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 14-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-III مٽياري

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-IV ٽنڊو محمد خان ايٽ باڙي شاهه ڪريم (آر.اي)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر... سال 2026

مسمات زهران زال نور محمد رند رهندڙ ڳوٺ محمد صديق رند تعلقو باڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان....پلينٽف...خلاف: جنرل پبلڪ ايٽ لارج....آپونينٽس مائنرز جا نالا: (1) راشد علي (عمر اٽڪل 15 سال) (2) آصف علي (عمر اٽڪل 14 سال)، (3) محبوب علي (عمر اٽڪل 12 سال) (4) صنم سپ ڌيءَ پٽ نور محمد رند.... مائنر/وارڊ

نالي مٿين آپونينٽس/ گارڊين شپ ايپليڪيشن ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايپليڪيشن انڊر سيڪشن 7، 10 ۽ 29 آف گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-IV ٽنڊو محمد خان

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-I ڪنري
فيملي سوٽ نمبر07 سال 2026

شريمتي سوني ڌيءَ پويت بالغ هندو ذات ڪڇي رهندڙ ڳوٺ شگن ڪڇي پي.او نبي سر تعلقو ڪنري ضلع عمرڪوٽ...پلينٽف...خلاف: آسن داس پٽ پرپو بالغ هندو ذات ڪڇي رهندڙ ڳوٺ نواب عبدالعزيز تعلقو ۽ ضلعو ميرپورخاص...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 03-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-I ڪنري

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج II حيدرآباد
گارڊين اينڊ وارڊ سوٽ نمبر01 سال 2026

محمد خالد سيف الله لاکو ولد محمد يوسف لاکو مؤس فوتي مسمات خيرالنساءِ رهندڙ بنگلو نمبر A-264 اسٽريٽ نمبر 11 قادر ايونيو هالا ناڪ حيدرآباد ..ايپليڪينٽ..خلاف: علي عباس عباسي عمر 13 سال ولد محمد آصف علي ۽ مسمات صبحاني رهندڙ درخواستگذار سان...مائنر مسمات صبحاني بيواهه مرحوم آصف علي عباسي ذات عباسي رهندڙ محلا تاج ڪالوني نوابشاهه. اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين شپ سرٽفڪيٽ / پاس پورٽ / JUVENILE CARD حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي صغيرن کي عمرجي ادائيگي لاءِ. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج II حيدرآباد

كورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي اير III حيدرآباد
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 54 سال 2025
فيملي سوٽ نمبر735 سال 2024

مسمات حميرا ڌيءَ معشوق علي ..پلينٽف...خلاف: عبدالوحيد ولد محرور امام دين رهندڙ اولڊ وحدت ڪالوني قاسم آباد حيدآباد .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13(3) فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي اير III حيدرآباد

كورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر182 سال 2025

مسمات اسما ڌيءَ محمد اسماعيل زاول رهندڙ گهر نمبر 159 محلا حسين آباد ڪالوني سڪرنڊ ..پلينٽف...خلاف: بلاول ولد الله رکيو رهندڙ بخاري محلا سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ

كورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ II قاضي احمد
گارڊين درخواست نمبر03 سال 2026

RUTBA ڌيءَ مشتاق علي انڙ حالي رهندڙ انڙ محلا تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد ..ايپليڪينٽ...خلاف: (1) جام مدد علي انڙ (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين شپ درخواست داخل ڪئي آهي مائنر نالي جام ارحم ولد جام مدد علي عمر 03سال جي پاس پورٽ جاري ڪرائڻ لاءِ. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ II قاضي احمد

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج هالا
(روبرو جناب عبدالعزيز شر)
ايف سي سوٽ نمبر40 سال 2018

عامر الطاف ولد الطاف حسين ذات ميمڻ رهندڙ ڪاڪا محلا هالا ضلعو مٽياري ..پلينٽف ...خلاف: (1) علي حسن ۽ ٻيا.ڊفينڊنٽس (8) پناهه ولد گل محمد ڪوسو ذات ڪوسو رهندڙ ڳوٺ پناهه ڪوسو تعلقو هالا ضلعو مٽياري .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن ، ڪينسليشن آف انسٽروميٽ اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 14-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج هالا

كورٽ نوٽيس

سول/ گارڊين جج اينڊ جي اير II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر71 سال 2025

مسمات حميرا ناز ڌيءَ عبدالخالق رهندڙ طويل ڪالوني هالا نيو ..پلينٽف ...خلاف: ملڪ عبدالرافع ولد سجاد ملڪ ذات آرائين رهندڙ فليٽ نمبر 010 بلاڪ 17 نعمان گرانڊ سٽي گلستان جوهي ڪراچي 03241306068 .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ گارڊين جج اينڊ جي اير II هالا

عام اطلاع

جئين ته هن اشتهار ذريعي اطلاع ٿو ڪريان ته مان هڪ عدد مهراڻ سوزڪي ڪار چيچس نمبر PKB 308Pk01293801 انجڻ نمبر SB 755280 ماڊل مهراڻ سال 2018 انجڻ ڪيپسٽي 796 ڪلر وائيٽ سيٽنگ ڪيپسٽي 4 جيڪا گاڏي 2025 ۾ نالي ناصر علي ولد اشرف علي ڪارڊ نمبر 4540285788991 رجسٽريشن نمبر 23-11-2018 ايچ اين او سي 55 محلا مهاجر ڪالوني ڪئمپ نمبر 03 نوابشاهه وڪرو ڪرائي ڏني آهي جيڪو مالڪ ڪافي ڳولها بارجود نه ٿو اهي ڪاغذ مون زاهد حسين ولد علي محمد سهتو ڪارڊ نمبر 4520857286215 نالي تي رجسٽرڊ ڪيا وڃن ۽ هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جئين وقت سر ڪم اچي سگهي

زاهد حسين ولد علي محمد سهتو ويٺل ڳوٺ سيٺارجا بالا تعلقو سوڀوديرو ضلع خيرپور ميرس ڪارڊ نمبر 4520857286215

تاريخ پيدائش جي درستي

جئين ته منهنجي اولاد جي رڪارڊ ۾ تاريخ پيدائش جي درستگي هيٺين ريت لکي ۽ پڙهي وڃي (1) ساجده ڌيءَ عبدالغفور مونڊو غلط تاريخ پيدائش 05-11-1996 درست تاريخ پيدائش 05-11-2000 (2) نسير ڌيءَ عبدالغفور مونڊو غلط تاريخ پيدائش 10-10-1998 درست تاريخ پيدائش 10-10-2002 (3) سيمان ڌيءَ عبدالغفور مونڊو غلط تاريخ پيدائش 20-07-2000 درست تاريخ پيدائش 20-07-2004 (4) شهيلا ڌيءَ عبدالغفور مونڊو غلط تاريخ پيدائش 18-12-2002 درست تاريخ پيدائش 18-12-2006 (5) رمشا ڌيءَ عبدالغفور مونڊو غلط تاريخ پيدائش 16-11-2004 درست تاريخ پيدائش 16-11-2008

عبدالغفورمونڊو ولد محمد يوسف مونڊو
مخدوم محلا وارڊ نمبر 2 ٺٽو

كورٽ نوٽيس

عدالت ۾جناب فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو
(روبرو جناب عمران)
ايف سي سوٽ نمبر19 سال 2026

پنڪي ٻائي ڌيءَ آسو مل هندو بالغ ذات لوهاڻو حال رهندڙ فليٽ نمبر 905 شمس برج علمدار چوڪ قاسم آباد حيدرآباد مستقل رهندڙ جيلاني محلا تعلقو ٿاڻو بولا خان ضلعو ڄامشورو....پلينٽف...خلاف: (1) هيڊ ماسٽر گورنمينٽ پرائمري مين بوائز اسڪول ٿاڻو بولا خان (2) هيڊ مسٽريس گورنمينٽ هائي اسڪول ٿاڻو بولا خان (3) پرنسپال گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ٿاڻو بولا خان (4) چيئرمين بورڊ آف انٽر ميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد (5) ڪنٽرولر ايگزمينشن بورڊ آف انٽر ميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد (6) چيئرمين نادرا اسلام آباد (7) انچارج / مينيجر نادرا ڪوٽڙي (8) آسو مل ولد ليکو مل رهندڙ جيلاني محلا تعلقو ٿاڻو بولا خان ضلعو ڄامشورو (9) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي سوٽ فار ڊڪلريشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو

نالي جي درستگي

جئين ته درخواستگذار نالي علي محمد ولد درياءِ خان ڏاهري ويٺل ڳوٺ درياءِ خان ڏاهري تعلقو ضلع مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس پيءُ جي کاتي تي سروي نمبر 4/28،4/35 38 ۽39 ديهه لوڙها تعلقو مٽياري ۾ زرعي زمين آهي جئين ته سنڌس پيءُ جو نالي رڪارڊ آفي رائيٽس ۾ غلطي سبب منيُ بنت درياءِ خان ڏاهري لکجي ويو آهي جيڪو درست ڪري آمي بنت درياءِ خان ڏاهري لکيو ۽ پڙهيو وڃي. اهڙي تصديق بن شاهدن امجد علي ولد رحمت الله ڏاهري ۽ محمد علي ولد محمد قاسم ڏاهري جن اسان جي آفيس ۾ روبرو بيان ڏنو آهي ته نالي آمي بنت درياءِ خان ڏاهري کي اسان چڱي طرح سڃاڻون ٿا جنهن جو نالو درست آهي ۽ سنڌس نالو غلطي سبب روينيو رڪارڊ ۾ مني بنت درياءِ خان ڏاهري لکجي ويو آهي غلط بياني جي صورت ۾ اسين ٻئي ڏوهه جا ڏهاري رهنداسين. جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي مٿين نالي جي درستگي بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت ٿيڻ جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري نالو درست ڪري کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

بقايا 1 | مسافر سخت زخمي

زخمي ٿي پيا حادثي جي اطلاع ملڻ شرط پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي ويون جن زخمين ۽ فوتين کي ٻئڙ اسپتال منتقل ڪيو اسپتال ذريعن موجب زخمين کي فوري طبي امداد ڏني وئي آهي جڏهن ته 4 ڄڻن جي حالت نازڪ ڄاڻائي وڃي ٿي جنهن سبب کين ڪي نوابشاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو آهي زخمين ۾ اقبال سلمي، معشوق، خادم حسين، دادلي زاهدان، لونگاڻي بشير احمد لاڙڪ امان الله ڪوکر، شاهد حسين مري، عزيزان سپائي ماروي ۽ بهادر شامل آهن فوتين جي سڃاڻپ 40 ورهين جي رقاص طفيل ۽ 34 ورهين جي شفيق خالد طور ٿي آهي، جيڪي ڪراچي جي علائقي ڪورنگي جا رهواسي ٻڌايا پيا وڃن. فوت ٿيل ٻئي ڄڻا پنجاب ۾ فوتگي ۾ شرڪت بعد واپس ڪراچي وڃي رهيا هئا ته دوڙ پرسان حادثي جو شڪار ٿي ويا. پوليس موجب حادثي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته علائقي ۾ سوڳ جي فضا ڇانيل آهي. دوڙ:هي روڊخوني روڊبڻجي چڪوآهي ميڊيا رپورٽ مطابق نوابشاهه کان راڻيپور تائين 130 ڪلو ميٽر جي فيصلي واري هن روڊ تي ٽريفڪ جي بي انداز رش هجڻ سبب سال 2025 ۾ 500 جي لڳ ڀڳ حادثا پيش آيا آهن انهن ۾ نالي وارن معززين شخصيتان سميت سوين ماڻهون لقمان اژل ٿيا آهن ۽ سوين مسافر معذور ۽ اپاهج ٿيا آهن هتان جي لڪين رهاسي هن روڊتي خوف ۽ خطري جي ڪيفيت۾ مجبوري جي صورت حال ۾ سفر ڪندا آهن هتان جي لڪين رهواسي ۽ سفر ڪنڙن جو مطالبو آهي ته هن روڊ کي ويڪرو ڪرڻ لاءِ نواب شاهه کان هڪ معروف ڪمپني (ڊي بلوچ) ڪم شروع ڪيو آهي ليڪن آن لاءِ هن ڪم پنهنجي مقرر وقت اندر تيزي سان مڪمل ڪرڻ لاءِ جوڳا آپاءِ ورتا وڃن ته جيئن وڌيڪ حادثه پيش اچڻ ۽سفر ڪندڙ ۾ خوف۽ خطري واري ڪيفيت ختم ٿي سگهي.

بقايا 2 | الهه ٺلهه رڪ

سامان سڙي رک ٿي ويو آهي گذريل ڏينهن پوڙهيت جمن واريو جي گهر کي چلهه جي چڻنگ سان باهه لڳي وئي جنهن سبب سنڌس گهر ۾ رکيل الهه ٺلهه سڙي رک ٿي ويو آهي متاثر ڪليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل هتن ضلعي انتظاميا سميت وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته منهنجي مالي مدد ڪئي وڃي جيئن آئون پنهنجي گهر ۾ آباد ٿي سگهان هن ميڊيا کي ٻڌايو ته آئون پيرسن آهيان مزدوري ڪري ٻچڙن جو پيٽ گذر ڪريان ٿو منهنجي وس ۾ ناهي پنهنجو گهر ٺهرائي سگهان هن چيو ته وس وارا دوست تعاون ڪري منهنجو گهر ٺهرائي ڏنو وڃي

بقايا 3 | احتجاجي مظاهرو

ڊاڳ هجڻ ڪري گاڏيون رستي ۾ ڦاسي پون ٿيون جڏهن ته 15 منٽ جو پنڌ اسان کي هڪ ڪلاڪ کان مٿي پوي ٿو ۽ تڪليفون الڳ اچن ٿيون جنهن سبب اسان سخت تڪليفن ۽ پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهيون هنن چيو ته ٽڪ جا چونڊيل نمائندا اسان کي مسلسل نظر انداز ڪري رهيا آهن جڏهن ته ٻين سپني ننڍين ۽ وڏن ڳوٺن ۾ پڪن رستن جو ڄار وڇايو ويو آهي پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سالاري رستو اسان جي نمائندن کي نظر ٿو اچي باقي ووٽ وٺڻ وقت رات جو به نظر اچي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته اسان کي هٽ سان نظر انداز ڪري پڪي روڊ کان محروم بڻايو ويو آهي جڏهن ته سالاري پڪو روڊ ٺهڻ سان ڪيترن ڳوٺن کي پڪي رستي جي سهولت ملندي جنهن ۾ ڳوٺ هيلين سالاري، معين سالاري، مزن ڳاڏهي، روحل خان ڳاڏهي، حسين بخش چنو راڄي جو ڪوهه مري جو ڪوهه ۽ ٻيا ڳوٺ شامل آهن جن ڳوٺن کي پڪي رستي جي سهولت معيسر ٿيندي احتجاج ڪندڙن وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه کي اين شاهه جي ايم پي زبير احمد جوڻيجو ۽ ڊي سي دادو کان مطالبو ڪيو آهي ته سالاري جو ڪچو رستو پڪو ڪري ٺهرائي ڏنو وڃي.

بقايا 4 | اسپتال منتقل

رهيو هو ته هٿيار بندن مٿس فائرنگ ڪئي

بقايا 5 | زيورءِ رقم ڦر

طلب ڪيو عبدالرزاق جيولرز رحيم داد خان مقصود علي جيولرز ۽ آفتاب جيولرز ۾ ٽالا ٽوڙي ڦر ڪئي وئي واقعي ۾ ملوث جوابدار ٻه موٽرسائيڪلون ۽ هڪ هاءِ روف گاڏي تي سوار هئا، جن جي تعداد لڳ ڀڳ 8 هٿي اٿجاتل هٿيارن جوابدارن فجر جي نماز کان پوءِ مارڪيٽ جي اڪيلي چوڪيدار کي بندوق جي زور تي قابو ڪرڻ کان پوءِ انجام ڏنو زيورن جي دڪان جي دڪاندارن چيو ته ڪجهه وقت اڳ صرافه مارڪيٽ جو چوڪيدار فوت ٿي ويو هو جنهن کان پوءِ ڪو به چوڪيدار نه رکيو ويو ۽ هڪ چوڪيدار سڄي مارڪيٽ جو چوڪيدار آهي جنهن کي نامعلوم جوابدارن بندوق جي زور تي قابو ڪيو ۽ واقعي کي انجام ڏنو زيورن جي دڪان جي مالڪ عبدالرزاق چيو ته هٿيارٻند جوابدار سنڌس دڪان مان لڪين روپين جا سون ۽ چاندي جا زيور چوري ڪيا ڪيترائي زيور شهرين جا امانت طور رکيا ويا هئا، ۽ اٿجاتل هٿيارٻند جوابدار سنڌس دڪان ۾ رکيل سيف به کٽي ويا. هن چيو ته جوابدارن سنڌن سرمايو لٽيو آهي ۽ فرار ٿي ويا آهن واقعي کان پوءِ آهي روڊ تي نڪري آيا آهن متاثر ٿيل زيور محمد شڪيل جو چوڻ آهي ته سنڌس دڪان مان وڏي قيمت جا سون جا زيور به لٽيا ويا آهن اسان جي دڪان مان سيف توڙي ڪيش لٽيو ويو ۽ ٻين دڪانن مان به وڏي قيمت جو سون لٽيو ويو آهي پوليس عملدارن موجب واقعي جي اطلاع جي چوڪيدار طرفان ڏني وئي هٿي جوابدارن الزام لڳايو ته چئن زيورن جي دڪانن مان سمورو سون لٽيو ۽ فرار ٿي ويا ڪرائم سين يونٽ واقعي واري هنڌ تان آمدني گڏ ڪري ورتي آهي. آس پاس ۾ لڳل سي سي ٽي وي ڪيمرائن جا فوٽيج پڻ حاصل ڪيا پيا وڃن جڏهن ته مارڪيٽ جي چوڪيدار کان به جوابدارن بابت معلومات حاصل ڪئي پئي وڃي اميد آهي ته اهي موجود ثبوتن جي روشني ۾ جلد جوابدارن تائين پهچي سگهنداَ

بقايا 6 | ٻه ڄڻا گرفتار

ويا. جوابدار نينگر کي سوائي روڊ لڳ ڪيلي جي فصل ۾ وٺي وڃي زوري بدفعلي جو نشانو بڻايو. جنهن بعد هو فرار ٿي ويا. واقعي بعد متاثر نينگر کي وارث شهدادپور ٿاڻي تي آندو جتي نينگر بيان ڏنو ته غلام علي ڪلهوڙو بجو رند ۽ آصف راجپوت کيس گهران اغوا ڪري ڪيلي جي فصل ۾ زوري بدفعلي ڪئي آهي پوليس نينگر جي والد جي فرياد تي تنهي جوابدارن خلاف بدفعلي جو ڪيس داخل ڪري چڙيو آهي پوليس متاثر نينگر کي ميڊيڪل چيڪ اپ لاءِ ليٽر ڏئي سمس اسپتال شهدادپور موڪليو جتي چيڪ اپ دوران ضروري جزا ورتا ويا ڊاڪٽرن پاران بدفعلي جي تصديق ڪئي وئي آهي . پوليس موجب جوابدار غلام علي ڪلهوڙو آصف راجپوت کي گرفتار ڪيو آهي هڪ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن متاثر نوجوان جي وارثن چيو ته جلد کان جلد ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت مان سخت سزا ڏني وڃي اسان سان ظلم ڪيو ويو آهي

بقايا 7 | احتجاج

جي ڪامياب قرار ڏنل عهديدارن جي بحالي جو مطالبو ڪريون ٿا هنن چيو ته هڪ طرف ووٽر لسٽن ۾ ڪيترن ماڻهن جا نالا جاڻي واڻي شامل ناهن ڪيا ويا جڏهن ته اسان وقت سر نامزدگي جا ڪاغذ جمع ڪرايا ۽ مقامي اليڪشن ڪميٽي جن اميدوارن کي ڪامياب قرار ڏنو هاڻي مرڪزي چيئرمين غازي خان جمالي انهن جي ڪاميابي جا نوٽيفڪيشن رد ڪري ٻيهر اليڪشن ڪرائڻ جو شيڊول جاري ڪيو آهي جيڪو اسان کي قبول ناهي جڏهن ته مقامي ڪميٽي طرفان ڪامياب قرار ڏنل عهديدارن کي بحال رکيو وڃي پريس ڪانفرنس دوران اڳواڻن مرڪزي چيئرمين تي پ ٽ الف کي تباهه ڪرڻ . تنظيم کي ٽڪراري بڻائڻ جو الزام هڻندي تنظيمي فنڊن ۾ ڦيل خرد برد جي جاچ جي به مطالبو ڪيو ويو هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته هن ناانصافي خلاف هو عدالت سان پڻ رجوع ڪندا

بقايا 8 | تعزيت جو سلسلو

مامون ۽ پريس ڪلب قاضي احمد جي سينئر صحافي جان محمد خاصخيلي جي والد حاجي علي محمد خاصخيلي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي هنن دعا ڪئي ته الله رب العزت مرحوم حاجي علي محمد خاصخيلي جي مغفرت فرمائي ۽ سوڳوار خاندان کي صبر جميل عطا ڪري ان موقعي تي ايچ يو جي طرفان هن ڏکئي گهڙي ۾ صحافين غلام حسين خاصخيلي، جاني خاصخيلي ۽ جان محمد خاصخيلي سان تعزيت جو اظهار پڻ ڪيو ويو آهي

بقايا 9 | دعويٰ

کي گرفتار ڪيو ويو جن جي قبضي مان 260 گرام چرس ۽ 27 پيڪٽ گٽڪو برآمد ڪيا ويا.ايس ايس پي موجب ڪجهه منشيات سپلائر خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان مان منشيات آڻي سنڌ ۾ رکرو ڪن ٿا جن جو گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي.هن ٻڌايو ته گرفتار ڪيل ٽنهي جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 10 | سخت زخمي

اسپتال شهدادپور آندو جتي طبي امداد ڏني پئي وڃي . زخمي جي ڪيسي سان شناخت ڪارڊ مليو آهي جنهن ۾ ڪراچي جي سر شاهه سليمان روڊ عيسي نگري جو رهواسي بشير ميسح طور ٿي آهي پوليس موجب معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي .

بقايا 11 | احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻن جو چوڻ هيو جي اسان جا ڪم نه ڪيا ويا ته آئندا اليڪشن ۾ ڪو نمائندو ووٽ وٺڻ لاءِ ڳوٺ آهن اچي ٻوسي جا اهڙا سوين ڳوٺ آهن جن ۾ ڪو ڪم ناهي ٿيو...

بقايا 12 | مارچ شروع

ٻڌايو ته مانجهند تعلقي جي انڙپور ۽ علي آباد جي پرسان وڏي مقدار ۾ يو اي پي ڪمپني گئس ڪڍي رهي آهي پر بدقسمتي سان تعلقي جي ڪنهن به ڳوٺ کي گئس نه ٿي ملي جنهن سبب عورتون ڇيڻا باري رڌ پچاءُ ڪن ٿيون تعلقي جي عوام کي روزگار جو حق نٿو ملي سماجي بجيت خرچ نٿي ڪئي وڃي صحت تعليم صفائي ترقي کان عوام کي محروم رکيو وڃي ٿو زمينن جي مالڪن کي معاوضا نه ملي سگهيا آهن جنهن خلاف سرحليوار تحريڪ هلائي رهيا آهيون

بقايا 13 | 13ڄڻا زخمي

ڏرين جي جهيڙي دوران نوجوان اقبال حيدر زخمي ٿي پيو جڏهن ته فرحان ۽ شنڪر کي ڏار ڏار رولو ڪٽن ڏاڍهي زخمي ڪري ڇڏيو سمورن زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو

بقايا 14 | سيشن منعقد

پرنسپال گورنمينٽ مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد پروفيسر غلام مصطفيٰ ڏاهري پڻ موجود هئا_ غلام رسول ابڙ پنهنجي خطاب ۾ وفاقي محتسب اداري جي اهميت ، شفافيت، عوامي خدمتن ۾ احتساب ۽ جوابدهي جي فروغ متعلق تفصيلي روشني وڌي _ هن وفاقي محتسب ۾ شڪايتن جي اندراج جي طريقيڪار جي وضاحت ڪندي چيو ته ادارو عوام کي مفت ، فوري ۽ غير جانبدارانه انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي _ هن چيو ته وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ پاران مختلف اصلاحي اقدم ۽ آگاهي مهم جي ذريعي عوام خاص طور تي نوجوانن شاگردن ۽ محروم طبقي تائين اداري جي خدمتن جي وڌيڪ قابل رسائي بڻائي پيو وڃي ته جيئن وڏ کان وڏ عوام پنهنجن مسئلن جي حل ۾ ان فورم سان فائدو حاصل ڪري_

بقايا 15 | اعظم خان نوحاڻي

چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت، خاص طور تي وزيراعليٰ بلوچستان سرفراز بگٽي جي مدبرانه قيادت ۾ دشمنن جون سپ سازشون ناڪام بڻايون پيون وڃن ۽ سيڪيورٽي فورسز بروقت ڪارروائي ڪندي دهشتگردن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو آهي. اعظم خان نوحاڻي وڌيڪ چيو ته سڄي قوم پنهنجي بهادر سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي هن دهشتگردي واري واقعي ۾ شهيد ٿيل جوانن کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي سنڌن وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته شهيدن جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون

بقايا 16 | دعويٰ

- مٽياري پوليس اڳ ۾ ئي افسوسناڪ واقعي ۾ ملوث ٽن شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري چڪي آهي ساڳئي سلسلي ۾، اڄ مٽياري پوليس صالح منگريو گيسٽ هائوس ويجهو هڪ ڪامياب ڪارروائي ڪئي ۽ مڪ ملزم توفيق عرف اڇهي پٽ محمد ابراهيم بگهڙ ميمڻ کي قتل جي اوزارن 01 غير لائسنس پستول ۽ 04 گولين سميت گرفتار ڪيو جڏهن ته هڪ ٻيو گهربل ملزم شهزور پٽ مير بگهڙ ميمڻ جيڪو ساڻس گڏ هو کي به گرفتار ڪيو ويو ايس ايس پي مٽياري پوليس ٽيم کي هن شاندار ڪاميابي تي مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته مٽياري ضلعي ۾ ڏوهاري عنصرن خلاف بي مثال ڪارروايون جاري رهنديون ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي هر قيمت تي يقيني بڻايو ويندو

بقايا 17 | لاڏاڻو ڪري ويو

سان لاڳاپيل شخصيتن مير نور احمد بروهي، ماما محمد علي بروهي علي انور عسڪري، نور احمد هيسباڻي ديدار علي جلباڻي عزيز بروهي، محمد علي خشڪ اصغر نوناري، منور نوناري، شمس پنهور مولا بخش ڦليپوٽو محمد امين سيال علي بخش سولنگي، سائينداد بروهي، محمد حنيف منگي، راحيل عطا زهري، ڪامران ساريو رياض بروهي ۽ صفر مغيري سميت بروهي برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي آلين آکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته پوئينرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 18 | ڊي سي خيرپور

الاٽمنٽ، بجلي پاڻي ۽ ٻين معاملن جي پوراڻو لاءِ اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس دوران ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ چيو ته شهر ۾ ڪنهن به ڪي به اوپن ايريا ۾ جانور ڪهڻ جي اجازت نه هوندي ان لاءِ جمالي ڳوٺ پرسان سلاٽر هائوس کي فعال ڪيو ويو آهي جڏهن ته شهر جي ٻين علائقن ۾ قائم سرڪاري ڪوس ڪهڻ کي پڻ فعال ڪيو ويندو اجلاس ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر نذير احمد ملاح ڊي سي خيرپور کي سمورن اپائن تي تفصيل سان بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته جمالي سلاٽر هائوس تي لائيو اسٽاڪ طرفان ڊاڪٽر ۽ اسٽاف مقرر ڪيو ويو آهي جتي هو شهرين کي صحت بخش گوشت جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ خدمت سرانجام ڏيندو ان کان علاوه ڊاڪٽر نذير احمد ملاح ٻڌايو ته ڪيٽل ڪالوني ۾ سينهن جي واڙن جي منتقلي لاءِ پڻ ميڪنزم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ لائيو اسٽاڪ طرفان اپائن تي عملدرآمد ٿي رهيو آهي ۽ ڄاڻايل سهولتن لاءِ مڪمل رپورٽ پڻ فراهم ڪئي ويندي ان موقعي تي ڊي سي آفيس جي سپرنٽنڊنٽ نياز منگڻيجو سميت ٻيا لاڳاپيل آفيسر موجود هئا.

بقايا 19 | ڄاڻو ورتو

پوليو جا ڦڙا هر بار لاءِ انتهائي ضروري آهن. چيو ته پوليو هڪ موذي مرض آهي جيڪو ٻارڻ کي عمر ڀر لاءِ معذور بڻائي سگهي ٿو هن چيو ته پوليو ٽيمون سخت موسم، جهر جهنگ ۽ ڏورانهن علائقن تائين وڃي ٻارڻ کي پوليو کان بچائڻ لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن ڊپٽي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر والدين تي زور ڏنو ته پوليو ٽيم سان مڪمل سهڪار ڪن ۽ پوليو جا ڦڙا پيارينڊڙ عملي کي عزت ۽ احترام ڏين چيو ته اهي اوهان جي اينڊڙ نسل کي معذوري کان بچائڻ لاءِ پنهنجو فرض نڀائي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته حڪومت ۽ هيلٿ کاتي جي گڏيل ڪوشش سان پوليو جو خاتمو ممڪن آهي. جنهن لاءِ سماج جي هر فرد کي ذميواري جو مظاهرو ڪرڻو پوندو دوري دوران هيلٿ اسٽاف پاران پوليو مهم بابت بريفنگ پڻ ڏني وئي جڏهن ته ڊاڪٽر جميل احمد پنهيار عملي جي محنت کي ساراهيو ۽ مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون

بقايا 20 | لاڏاڻو ڪري ويو

سيڪنڊري اسڪول خانپورمهر جو سينئر استاد غلام ياسين قاضي دل جو دورو پوڻ سبب سکر جي اين آءِ سي وي ڊي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. مرحوم جو مڙهه ايمبولينس ذريعي سنڌس اباڻي ڳوٺ خانپورمهر آندو ويو هوڏانهن مرحوم جي جنازي نماز خانپورمهر جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جي گرائونڊ ۾ ادا ڪئي وئي. جنازي نماز ۾ ڏاڏن ڪاميٽي خانڳڙهه جي چيئرمين حاجي عبدالرزاق خان مهر سميت صحافين اسڪول جي پرنسيپال، استادن شاگردن توڙي شهرين ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد مرحوم جو مڙهه آلين اکين سان خانڳڙهه جي پڙ شريف واري قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن مرحوم جو ٽيڙو مهرو واهه محلي ۾ سنڌس رهائشگاهه تي رکيو ويو آهي جتي پوئينرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.....

بقايا 21 | نوٽيس جو مطالبو

زهريلو ڪير سرعام وڪرو ٿي رهيو آهي جنهن سبب معصوم ٻارڙ عورتون ۽ بزرگن سميت وڏي انگ ۾ شهري خطرناڪ بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ۾ ضلعي انتظاميه صحت کاتو ۽ فوڊ انسپيڪشن عملو مڪمل طور تي ناڪام ۽ خاموش تماشائي بڻيل آهن علائقن جي رهواسين تنوير احمد ،اظهر علي ،محمد عظام ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪير ۾ انساني صحت کي تباهه ڪندڙ خطرناڪ ڪيميڪل ملائي ڪليل نموني وڪرو ڪيو پيو وڃي، جيڪو شهرين لاءِ سلو پوائزن بڻجي چڪو آهي ڪير جي ملاوٽ خلاف بار بار دانهن ڏيڻ باوجود اسسٽنٽ ڪمشنر ٽري ميرواهه فوڊ انسپيڪشن عملي ۽ صحت کاتي طرفان ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي جنهن سبب ملاوٽ مافيا وڌيڪ طاقتور بڻجي ويا آهن انتظامي لاپرواهي ۽ مبينا ملي ڀڳت سبب انساني زندگين سان کليل ريت کيڏيو پيو وڃي

بقايا 22 | اسٽال لڳايا ويا

وڌيڪ مختلف سائنسي پراجيڪٽ تيار ڪري ان جا اسٽال لڳايا ويا جيڪي سائنسي ميلي ۾ آيل شهرين دلچسپي جو مرڪز بڻيل رهيا مختلف سائنسي پروجيڪٽ تيار ڪندڙ شاگردن توڙي شاگرديائين جو چوڻ آهي سائنسي پروجيڪٽ تيار ڪرڻ جو مقصد نه صرف سائنسي ترقي بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ آهي پر عملي طور پروجيڪٽ ٺاهي سگهيا حاصلي ڪرڻ آهي اسڪول جي استادن جو چوڻ آهي ت هرسال اسڪول ۾ اهڙا سائنسي ميلو لڳايو ويندو آهي انهي ميلي لڳڻ ٻارڙن جي ذهني اوسر وڌي ٿي

بقايا 23 | قبضي جا الزام

پيٿيوي رضوان الله جنيد ۽ ڀيڻ ريحانه پروين پاران ڏنل لکين روپين جي رقم مان سال 2023ع ۾ سنڌ سمال انڊسٽري لاڙڪاڻي ۾ ڀيڻن واري پاڻي ۽ بوتلن جي فيڪٽري قائم ڪئي جنهن ۾ منهنجا سڀئي پٽ برابر جا حصيدار آهن پٽ طارق جي فوت ٿيڻ کان پوءِ ڄاڻايل فيڪٽري وارو ڪاروبار پٽ دراز حسين شيخ پنهنجي نگراني ۾ سنڀاليو جيڪو پنهنجي پاءُ مرحوم طارق احمد جي يتيم نياڻين زمل فاطمه حريم فاطمه ۽ ابيحه فاطمه جي پڙهائي سميت ٻيو ضروري خرچ پابندي سان ڏيندو رهي ٿو پر آن جي باوجود منهنجي ننهن فرح ناز پنهنجي ڀائرن جي چرچ تي اسان کي پريشان ڪري گهر تي قبضو ڪيو آهي، ان خلاف اسان لاڙڪاڻي جي مقامي عدالت ۾ ٻارن جي حوالگي بابت درخواست داخل ڪرائي آهي اسان جي وس وارن کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي فيڪٽري ۽ گهر مان غيرقانوني طريقي سان قبضو ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ ٿيل قبضو ختم ڪرائي ڦرلٽ ڪيل رقم واپس ڪرائيندي اسان کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 24 | ڊي سي نوابشاهه

ڪيو ماهر ڊاڪٽرن ڪئمپ ۾ اڪين جي مريضن جو معائنو ڪيو ۽ انهن کي مفت دوائون فراهم ڪيون ان موقعي تي مردن عورتن ۽ ٻزرگ شهرين جي وڏي انگ مفت طبي سهولتن مان فائدو حاصل ڪيو مقامي ماڻهن هن فلاحي قدم کي ساراهيو ۽ صدر پاڪستان ۽ خاتون اول جو شڪريو ادا ڪيو.ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد چيو ته حڪومت عوام کي بهتر صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي ۽ مستقبل ۾ به اهڙا مفت طبي ڪئمپ جاري رهندا

بقايا 25 | احتجاج

اسان اصل لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ لعل بخش سامٽيو جا رهواسي آهيون جڏهن ته ڪجهه عرصي کان وٺي لاڙڪاڻي شهر ۾ رهائش پذير آهيون الزام لڳايو ته 13 سال اڳ منهنجي شادي غلام حيدر چانڊيو سان ٿي هئي جنهن مان ٽن پٽن ۽ ٽن نياڻي جي اولاد آهي جڏهن ته شادي کان پوءِ مڙس گهر ۾ ٻارن جو خرچ نه ڏيندو هيو ۽ خرچ گهرڻ تي هو مونکي مسلسل تشدد جو نشانو بڻائيندو هو جنهن ڳالهه تان تنگ ٿي ڪجهه مهينا اڳ عدالت معرفت مڙس کان طلاق ورتي آهي جنهن بعد پنهنجي پيرسن امڙ سان گڏ رهندي آهن هن وڌيڪ پنهنجي والد سان گڏ رهندا آهن منهنجا ٻار الزام لڳايو ته هن وقت ٻاڻر سڳوٽ عباس لنجواڻي بنا جوازُ مونکي تنگ ڪندي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جنهن مان جان جو خطرو آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ٻاڻر سڳوٽ خلاف ڪارروائي ڪري سان گڏ مونکي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 26 | قبضي جا الزام

سردار ڏاتل جمالي مڪمل سپورٽ ڪري رهيو آهي ان ظلم خلاف پاڪستان جي سمورن ادارن کي لکت ۾ درخواستون ڏنيون آهن پر هن مهل تائين ڪجهه نه ٿيو آهي، دادو ضلعي ۾ جمن جمالي ايڏو باائر ۽ طاقتور آهي جو ان خلاف ڪير قدم کڻڻ لاءِ تيار نه آهي هنن چيو ته دادو شهر جي آخوند محلا ۾ 6 هزار فٽ جنهن تي اسڪول ۽ نيو چونڪ تي هڪ دڪان ۽ شاپنگ سينٽر تي قبضو ڪري جعلي ڪاغذ پڻ ٺهريان ويا آهن ، ملڪيت تي قبضي جو پيپلز پارٽي جي ايم پي اي سردار رفيق جمالي حيدرآباد ۾ فيصلو ڪيو هيو جنهن ۾ جمن جمالي هڪ مهيني جو مهلت ورتي هئي پر هن مهل تائين منهنجي ملڪيت تان قبضو ختم نه ڪرايو ويو آهي ، منهنجي ملڪيت تان قبضو ختم ڪري ملڪيت واپس نه ڪئي وئي ته 9 تاريخ تي سچي سنڌ جا ملاح، ميربحر ميراڻي دادو ايس ايس پي چونڪ تان دادو پريس ڪلب تائين جمن جمالي ۽ سنڌس پاءُ ڏاتل خان جمالي ان جي سهولتڪار خلاف احتجاج ڪيو ويندو ،مونکي ۽ منهنجي گهرواتين کي ڪجهه ٿيو ته ان جو ذميوار وياجي جمن جمالي ۽ ڏاتل جمالي هوندا، ٻئي طرف الزام هيٺ آيل محمد جمن جمالي چيو ته عبدالله ملاح اسان کي 2015 ۾ پرايئي عبدالله اسڪول شاپنگ سينٽر دڪان وڪڻي ڏنا هئا، الزام بي بنياد آهن هن ڪورٽ ۾ اهڙي پٽيشن داخل ڪئي، عدالت پڻ اسان جي حق ۾ فيصلو ڏنو آهي. اسان وٽ دستاويزي ثبوت موجود آهن. مخالفن جي اشاري تي پنهنجي سياسي ساک کي نقصان رسائڻ لاءِ الزام تراشي ڪئي پئي وڃي

بقايا 27 | سوڳ ڇانيل

پاڻ کي فائر ڪري آپگهات وارو معاملو هڪ ٿي گهر مان چار جنازا ڪڃڻ تي ماتم وارو منظر ماحول سوڳوار بڻجي ويو گهرڀاتين کي قتل ڪندڙ جوابدار رڪو ڪوسو سنڌس گهرواري مسمات مگي ۽ سنڌس ٻن ڌيئرن زيني ۽ شان جا جنازا کيٽي ڪوسا ۾ سنڌس گهر مان ڪنيا ويا ته ڪهرام مچي ويو جنازي نماز بعد چئني ڄڻن جا لاش ملاڪاتيار ويجهو درگاهه مقبرو شريف جي قديمي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيا ويا وحشي جوابدار پاران ڪهاڙين جا وار ڪري زخمي ڪيل سنڌس 3 ڌيئرون رضيا نازيه ۽ ٿريه سول اسپتال حيدرآباد ۽ هڪ پٽ نجيب الدين ٽراما اسپتال ڪراچي ۾ زير علاج، سنڌس پٽ نجيب جي حالت چٽڪي جوڳي چئن فوتين جي جنازن ۽ تدفين وارين رسمن ۾ ڪنهن به چونڊيل نمائندي توڙي سياسي اڳواڻ شرڪت نه ڪئي واقعي بابت علائقي واسين توڙي رکو ڪوسو جي وارثن واقعي کي سنڌس پاران منشيات واپرائڻ جو ڪارڻ قرار ڏنو ويو پوليس جي ابتدائي جاچ توڙي سنڌس پيڻ بصيران پاران واقعو غربت سبب قرار ڏنو ويو علائقي واسين پاران معاملي جي گهڻ رخي جا سان گڏ گڏ منشيات جي خاتمي لاءِ ڪارروائي ۽ متاثر خاندان جي سهائتا ۽ زخمي ٻارڙن جي سرڪاري سطح تي علاج ڪرائڻ جو مطالبو

بقايا 28 | ذوالفقار

صفائي، پيئڻ جي صاف پاڻي سميت سياحن لاءِ سهولتون وڌيڪ بهتر بڻائڻ جون هدايتون ڏنيون ۽ هن چيو ته ٺٽوڪوٽ قلعي جي سيڪيورٽي لاءِ نوان سي سي ٽي وي ڪيمرا لڳايا ويا آهن، قلعي جي ديوارن سميت هالز جي حالت کي بهتر بڻايو پيو وڃي، سنڌ جي تاريخي ورثي کي اينڊڙ نسلن لاءِ محفوظ بڻائڻو آهي ۽ سنڌ جي تاريخي ورثن کي نقصان پهچائيندڙن سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي.

بقايا 29 | 3ڄڻا فوت

بارڙي سميت ٽي ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته 6 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. اطلاع ملندي ئي ايف ڊبليو او ۽ ريسڪيو 1122 جون ٽيمون فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي ويون، فوتين جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو فوتي جي سڃاڻپ ڊرائيور پهلوان ،ڊمرين ،ابريش طور ڪئي وئي آهي ريسڪيو ٽيم ذريعن موجب وين ۾ سوار ماڻهو شادي جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ ڪراچي وڃي رهيا هئا ته نوري آباد ويجهو هي افسوسناڪ حادثو پيش آيو حادثي سبب علائقي ۾ ڪجهه دير لاءِ ٽريفڪ به معطل رهي، حادثي جو شڪار گاڏين کي روڊ تان هٽائي ٽريفڪ کي بحال ڪيو ويو

بقايا 30 | نياڻي فوت

آهي ۽ نه ميونسپل بولهاڙي وارا واٽر سپلاءِ تحت پاڻي ٿا ڏين ته اسان ٽينڪرن جي عذاب کان بچون هوڏانهن پوليس فوتي نياڻي جو لاش مان اسپتال ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو جيڪي لاش کڻائي گهر پهتا ته ڪهرام مچي ويو وارث عورتون ٽينڪر وارن ۽ انتظاميا کي پٽون پاراٽا ڏينديون رهيون فوتي بارڙي جي تدفين ۾ وڏي انگ ۾ علائقي واسين شرڪت ڪئي .

بقايا 31 | رونمائي ٿيون

فرنيچر فراهم ڪرڻ واري تقريب ٿي گذري جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي، ڊي اي او پرائمري ڊاڪٽر ڏاڏو ڊپٽي مئنيجر سي ايس آر ماڙي انرجيز ڪرنل فاروق اعظم سميت لاڳاپيل اسڪولن جي هيڊ ماسٽرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڳالهائيندي چيو ته سي ايس آر فنڊ تحت تعليم ۽ صحت واري شعبي کي ترجيح ڏني رهيا آهيون ان سلسلي ۾ ضلعي جي جن اسڪولن ۾ فرنيچر جي کوٽ آهي انهن اسڪولن کي ضروري فرنيچر فراهم ڪيو آهي ته جيئن شاگردن جون مشڪلاتون گهٽ ٿي سگهن ڪوشش ڪيون پيا ته مرحليوار اسڪولن جي حالت ۽ تعليمي معيار بهتر ٿئي هن لاڳاپيل هيڊماسترن کي هدايت ڪئي ته اسڪولن جي فرنيچر جي سار سنڀال يقيني بڻائين ته جيئن شاگردن کي فائدو حاصل ٿي سگهي تقريب ۾ گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول جنگ ڪالوني ڏهرڪي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول خانپور مهر گورنمينٽ هائي اسڪول غلام حيدر ڏهرڪي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول قاضي بادل جي بي بي ايس بمبلي جي بي بي ايس خانپور مهر ۽ جي بي بي ايس موٺڻ مهر کي مجموعي طور تي 229 ڊبل ڊيسڪون 26 ڪرسيون 18 ٽيبل ۽ 7 الماڙيون فراهم ڪيون ويون بي پاسي ماڙي انرجيز ڪمپني پاران مقامي ماڻهن کي روزگار نه ڏيڻ خلاف علائقي واسين جو احتجاج ڪيترن ئي ڏينهن کان جاري آهي پر هن وقت تائين ڳوٺاڻن جا جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا آهن ۽ نه ئي مقامي ماڻهن کي هن وقت تائين زمينن جو معاوضو ڏنو ويو آهي جنهن سبب مقامي ماڻهن پاران هڪ ڀيرو ٻيهر ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻو هڻڻ جو چتاءُ ڏنو ويو آهي

بقايا 32 | 2ڄڻا زخمي

ناهي ڪيو جنهن سبب جوابدار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 33 | ٽريفڪ معطل

ڪيڏي ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي گيٽ اڳيان ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي عورتون ۽ ٻارڙ "پاڻي ڊيو پاڻي ڊيو ڪربلا" ضلعي انتظاميا ۽ ايريگيشن عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪندا رهيا جڏهن ته مظاهرين کي جماعت اسلامي جي ضلعي اڳواڻ مولانا محمد عمر ۽ ظفر علي خطاب ڪندي چيو ته سائيٽ جي علائقن ۾ لکين ماڻهو پاڻي جي شديد کوٽ سبب اذيت ۾ مبتلا آهن ۽ امن امان جي صورتحال خراب آهي پر ضلعي انتظاميا ۽ ٻيا اختيار ڌڻي عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ بجاءِ ڪريشن ۽ عياشين ۾ مصروف آهن بعد ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي پاران موڪليل وفد ڳالهيون ڪري ٻن ڏينهن اندر پاڻي سميت ٻيا مسئلا حل ڪرڻ جو يقين ڏيارڻو جنهن بعد مظاهرين احتجاج ختم ڪيو ان دوران روڊ جي ٻنهي طرف گاڏين جو قطارون بيهي ويون ۽ روڊ بلاڪ ٿي ويا

بقايا 34 | دعويٰ

ٻڌايو ته جيڪڏهن ڏنڊ جي رقم ادا نه ڪئي وئي ته جوابدارن خلاف فوڊ ايڪٽ تحت ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي هن وڌيڪ چيو ته ڪين اطلاع مليو هئي ته ڪوٽ ڏيجي ۾ مضر صحت گوشت وڪرو ڪيو پيو وڃي، جنهن تي فورس ساڻ ڪري ڪارروائي ڪري 5 مڻ گوشت هٿ ڪري دڪان سيل ڪيو ويو.هن چيو ته اهو گوشت انسانن جي کائڻ لائق نه هو اسسٽنٽ ڪمشنر درياخان چانڊيو وڌيڪ چيو ته انساني زندگين سان کيڏڻ وارن کي ڪنهن به صورت ۾ معاف نه ڪيو ويندو

بقايا 35 | مقرر ڪيو ويو

رائٽس، هيومن رائٽس ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ طرفان سنڌ ۾ معذور ماڻهن جي انساني حقن لاءِ (اعزازي) فوڪل پرسن مقرر ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي ڳالهائيندي عابد لاشاري چيو ته معذور ماڻهن جا حق دراصل انساني حق آهن. هن سنڌ ۾ ۾ معذور ماڻهن لاءِ جامع پاليسين، رسائي (Accessibility) ۽ برابر موقعن جي ضرورت تي زور ڏنو. هن چيو ته هو هن ذميواري کي نڀائڻ لاءِ پنهنجون سمورين ڪوششون استعمال ڪندو ۽ سرڪاري ادارن سول سوسائٽي تنظيمن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين سان گڏجي معذور ماڻهن جي حقن جي تحفظ، واڌاري ۽ يقيني بڻائڻ لاءِ ڪم ڪندو. هن وڌيڪ چيو ته هي ذميواري قومي ۽ بين الاقوامي انساني حقن جي فريم ورڪ خاص طور تي اقوام متحده جي معاهدي براءِ معذور ماڻهن جا حق (UNCRPD) جي نفاذ لاءِ پرچار کي مضبوط بڻائيندي، جنهن سان معذور ماڻهن لاءِ وقار شموليت ۽ سماجي انصاف کي يقيني بڻايو ويندو. عابد لاشاري حڪومت سنڌ ۽ ڊائريڪٽوريٽ آف هيومن رائٽس جو اعتماد ڪرڻ تي ٿورا مڃيا ۽ معذور برادري جي خدمت شفافيت، ذميواري ۽ اثرائتي نموني سان جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا 36 | نوٽيس جو مطالبو

ڪائونسلن ۽ بن ڪاٺن ڪاميٽين ۾ پيش جي پاڻي جو سخت بحران پيدا ٿي ويو آهي ڳوٺن ۾ تلاءُ سڪي ويا آهن ۽ شهرن ۾ پاڻي جا ذخيرا ختم ٿي چڪا آهن علائقي جي رهواسين عمران احمد، فيض رمداڻ ۽ ٻين ٻڌايو ته هڪ مهيني کان جاري پاڻي جي بندش انساني زندگين سان گڏ مال مويشي لاءِ به گنڀير مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا آهن، جڏهن ته جر جو پاڻي کارو هجڻ سبب سمورو دارومدار نهري پاڻي تي آهي شهري ۽ آبادگار آبپاشي کاتي جي نااهلي تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ پاڻي جي منصفاڻي ورڇ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 37 | ڪرڻ جو حڪم

ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم، گرفتاري جا وارنٽ جاري . ان سلسلي ۾ ڪيس جي فريادڻ مقتول جي ڀيڻ مسمات نذيران رابطوڪرڻ تي ٻڌايو ته ڪجهه مهينا اڳ منهنجي پاءُ ڪريم ڏنو خواجه خيرپور جي جيل ۾ قيد هو جنهن کي پنهنجي ئي برادري جي ٻاٿرن آصف علي منيں جتسار، وقار ۽ محمد شريف خواجه جيل جي آفيسرن سان ملي ڀڳت ڪري ڳري رشوت ڏئي منهنجي نوجوان پاءُ ڪريم ڏنو خواجه کي جيل اندر ئي قتل ڪرائي ڇڏيو هو جيل انتظاميه ڇاڻايو ته منهنجو پاءُ قتل نه پر ڪيس مٽائڻ جيل اندر ڇت جا ڇاپڙ ڪريا آهن جنهن سبب هو فوت ٿي ويو آهي سينٽرل جيل خيرپور پاران ٿيندڙ اهڙي زيادتي خلاف خيرپور جي عدالت سگهوري ۾ انصاف لاءِ جيل انتظاميه ۽ جوابدارن مٿان پٽيشن داخل ڪرائي جيڪا عدالت سگهوري جي جاچ بعد عدالت اڳوڻي جيل سپرينٽنٽ ارشاد علي رند، اسسٽنٽ جيل سپرينٽنٽ عبدالرئوف ڪانهيو رائونڊ آفيسر سانول گوپانگ، سيڪيورٽي انچارج جيل ضمير حسين وساڻ سميت 9 جوابدارن خلاف خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي چڙيو آهي فريادڻ چيو ته عدالت پاران گرفتاري جي فيصلي بعد جوابدار ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جڏهن ته هڪوڙي گهربل جوابدار محمد منير خواجه پاڻ معان فائر ڪري اسان جي نوجوان رحيم ڏنو معان فائرنگ جو الزام هٿي رهيو آهي جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي صداقت نه آهي اهڙي واقعي ۾ ملوث نه هجڻ جو بيان رحيم ڏني پاڻ سوشل ميڊيا تي ويڊيو پيغام ذريعي ڏنو آهي اسان کي ڦاسائڻ ۽ منهنجي پاءُ جي قتل ڪيس مان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي هن چيو ته باائر ڪان اسان جي خاندان کي سخت جان جو خطرو آهي انصاف ڪري عدالت سگهوري جي فيصلي تحت ملوث جيل جي آفيسرن ۽ جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا 38 | چونڊ ڪئي وئي

مختيار احمد راجپوت ۽ محمد اختر کي هار پارائي آدرڀاءُ ڪئي وئي جڏهن ته اجلاس ۾ تعلقي حيدرآباد ٻهراڙيءَ جيجي نئين باڊي جي چونڊ ڪئي وئي جنهن ۾ صدر نثار احمد رڙ نائب صدر علي احمد لغاري، جنرل سيڪريٽري توفيق احمد راجپوت، جوائنٽ سيڪريٽري نور محمد ژنونئن خزانچي اقبال خانزادو کي بنا مقابلي چونڊيو ويو اجلاس ۾ گروپ انشورنس ۽ بينوئل فنڊ جي عدم ادائگيءَ تي سرڪاري فيصلي تي اتفاق ڪندي مارچ مهيني ۾ تحريڪ ۾ ڀرپور شرڪت جو فيصلو ڪيو ويو

بقايا 39 | صدر منتخب

شرڪت ڪئي

بقايا 40 | صدر منتخب

ڊپٽي سيڪريٽري عطاحسين سمون ،خزانچي محبوب ڪلهوڙو پريس سيڪريٽري عرفان ميمڻ آفيس سيڪريٽري علي بخش پلاڻ بوهيو ،لائبريرين ذوالفقار علي ڏگهه آڊيٽر حميد سميع خانزاده شامل آهن ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن عبداللطيف سولنگي چونڊيل عهديدارن کي حلف کنايو ۽ مبارڪ باد پيش ڪئي

بقايا 41 | جزا ورتا ويا

جج جڊيشل مئجسٽريٽ ڏرڪي جي نگرانيءَ ۾ ڊاڪٽرن جي ٽيم ميڊيڪل سپرينٽينڊنٽ چانڊڪا اسپتال ڊاڪٽر امجد علي بهراڻي جي اڳوائي ۽ پروفيسر آف فارنڪ ميڊيسن چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي پروفيسر آف پيٿالاجي ۽ پوليس سرجن لاڙڪاڻو طرفان باقراڻي تعلقي جي پير ڪاڪل شاهه قبرستان پهچي نوجوان زبيد الله لاشاري جي قبرڪشائي ڪئي وئي جنهن دوران نوجوان جي جسم جي مختلف حصن جا جزا ورتا ويا جيڪي ليبارٽري اماڻيا ويندا. ان موقعي تي نوجوان زبيد الله لاشاري جي امڙ خانزادي لاشاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پوليس منهنجي پٽ زبيد الله کي گرفتار ڪري سنڌس آزاديءَ لاءِ 2 لک روپيا رشوت گهري رشوت نه ڏيڻ تي ڊي ايس پي باقراڻي ۽ ايس ايڇ او باقراڻي منهنجي پٽ کي بيگناهه ٿاڻي اندر ماريو آهي جنهن معان ڪو ۽ ڪيس نه هو منهنجي پٽ جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 42 | احتجاج

فوت ٿي وئي آهي هن صحت کاتي جي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽيس وٺي شيخ زيد ٻارڙن اسپتال انتظاميه کان پڇاڻو ڪري ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي بٻئي طرف آءِ سي يو وارڊ جي انچارج عمران حبيب پٽو رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڊپارٽمينٽل انڪوائري ڪئي پئي وڃي جيڪو ذميوار هوندو ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 43 | منعقد ڪئي وئي

ايم بي بي ايس ڊگري جي مڪمل مدي لاءِ اسڪالرشپ ڏني وئي

بقايا 44 | مقابلي ڪامياب

شڪيل احمد ميمڻ بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا، ٻئي طرف ايگزيڪيٽو ڪاميٽي ۾ چيئرمين محمد خان جمالي ميمبر مدثر گل شير لوچي ۽ ڊاڪٽر ڪوڪر کي شامل ڪيو ويو تنڊوڄام پريس ڪلب جي چونڊيل باڊي کي غلام مرتضيٰ چانڊيو سرفراز شاهاڻي، محبوب بوزدان هادي بخش خاصخيلي لال ٽنيو سميت سينيئر صحافين مبارڪباد پيش ڪئي،سول سوسائٽي پاران چونڊجي آيل سمورن صحافين کي مبارڪون ٻه ڏنيون

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (حيسڪو)

HESCO

واڪن جي ڪوٽ

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (حيسڪو)، نيشنل ڪامپيٽيٽو بڊنگ (NCB) تي سنگل اسٽيج سنگل اينولپ طريقيڪار تحت پريڪواليفائيڊ/ رجسٽرڊ مينوفيڪچررز/ سپلائرز کان ساڻ حيسڪو/ ڊسڪوز/ اين ٽي ڊي سي/ جينڪوز کان جيڪي انڪم ٽِڪس ۽ سيلز ٽيڪس کاتي وٽ رجسٽرڊ هجن ۽ اهي ڊسٽريبيوشن مٽيريل جي هيٺين قسم جي فراهمي لاءِ جيڪو واپڊا/ اين ٽي ڊي سي معيار وضاحتن (اڄ تائين ترميم ٿيل) جي توثيق ڪري ٿو، حيسڪوز لوڪل فنڊز تحت فنانس ٿيل ڪنسائني اسٽورز (ايف سي ايس) يعني ريجنل اسٽور حيسڪو حيدرآباد/ ڄامشورو ۽ نوابشاهه کي فري ڊليوري جي بنياد تي EPADS معرفت E واڪ گهرائي ٿي.

Tender No.	Item Description	Unit	Quantity	Date & time	
				Submission	Opening
1959/26	Distribution Transformers 200 kVA	No	400	19.02.2026 11:00 a.m	19.02.2026 11:30 a.m
1960/26	Distribution Transformers 100 kVA	No	450		

1. ضابطن جي مطابق اي-واڪ دستاويز جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، وضاحتون ۽ گهرجون وغيره شامل آهن. رجسٽرڊ واڪ ڏيندڙن لاءِ EPADS تي (www.eprocure.gov.pk) تي موجود آهن.
2. اليڪٽرانڪ واڪ مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت تي EPADS استعمال ڪندي جمع ڪرائڻ گهرجن. هٿو هٿ واڪ قبول نه ڪيا ويندا.
3. سيئي اي-واڪ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حيسڪو جي حق ۾ واڪ دستاويز ۾ ذڪر ڪيل واڪ سيڪيورٽي جي رقم سان گڏ هجڻ گهرجن. جيڪا "بينڪ گارنٽي" / سي ڊي آر / بينڪر جي چيڪ جي صورت ۾ ڪنهن به شيڊيول بينڪ آف پاڪستان کان. واڪ جي ڪارگر مدي کانپوءِ 28 ڏينهن تائين ڪارگر هجي. واڪ ڏيندڙ EPADS تي واڪ سيڪيورٽي جي اسڪين ٿيل ڪاپي اپ لوڊ ڪندا. اصل واڪ سيڪيورٽي مئنيجر (مٽيريل مئنيجمينٽ) حيسڪو، ڪمرو نمبر. 237-واپڊا آفيسز ڪمپليڪس، حسين آباد، حيدرآباد کي مٿي ذڪر ڪيل آخري تاريخن ۽ اي-واڪ جمع ڪرائڻ جي وقتن تي يا ان کان اڳ جمع ڪرائڻ گهرجي. نه ته اي-واڪ رد ڪيا ويندا. اليڪٽرانڪ واڪ EPADS تي ساڳئي ڏينهن مٿي ذڪر ڪيل تاريخ ۽ وقت تي کوليا ويندا.
4. واڪ ڏيندڙن کي پڪيون ۽ حتمي قيمتون ڄاڻائڻ گهرجن ۽ واڪ کولڻ کان پوءِ قيمت ۾ واڌ جي ڪا به درخواست قبول نه ڪئي ويندي. اشتهار پي پي آر اي جي ويب سائيٽ www.ppra.org.pk توڙي www.hesco.gov.pk ۽ www.eprocure.gov.pk تي موجود آهي.

نوٽ: پي پي آر اي رولز. 2004 جي قاعدي-48 جي لحاظ کان قائم ڪيل جي آر سي جو نوٽيفڪيشن EPADS تي www.eprocure.gov.pk تي مهيا ڪيو ويو آهي.

مئنيجر (MM) حيسڪو

روم نمبر: 237-واپڊا آفيسز ڪامپليڪس، حسين آباد، حيدرآباد

فون نمبر: 022-9260127 | اي ميل: mmmhesco@yahoo.com

PID (H) 303/25

دوڙ پرسان مسافر وين ۽ ڪار ۾ ٽڪر، سبب 2 ڄڻا فوت ۽ 15 مسافر سخت زخمي

مهراڻ هاءِ وي تي چنا اسٽاپ وٽ حادثي ۾ 40 ورهين جو وقاص طفيل ۽ 34 ورهين شفيق خالد فوت ٿي ويا

حادثي ۾ زخمي اقبال، سلمي، معشوق، خادم حسين، دادلي، زاهدان، لونگاڻي، بشيراحمد ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

فوت ٿيل ٻئي ڄڻا پنجاب ۾ فوتگي ۾ شرڪت بعد واپس ڪراچي وڃي رهيا هئا ته حادثي جو شڪار ٿي ويا: وارث

دوڙ (رپورٽ حاجي فيروز علي پٺاڻ) دوڙ پرسان مهراڻ هاءِ وي تي چنا اسٽاپ وٽ مسافر وين ۽ هنڊا ڪار وچ ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت ۽ 15 مسافر سخت بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

دوڙ: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل ٻن ڄڻن جا لاش اسپتال ۾ پيل آهن

غلام الله ويجهو پورهيت جي گهر کي چلهه جي چڻنگ مان باهه، الهه تلهه رک

غلام الله (ن ع) غلام الله ويجهو ديهه ناهيڪي جمن واريو جي گهر کي باهه پورهيت جمن واريو جي گهر کي چلهه مان چڻنگ اڏڻ سبب باهه سڄي گهر کي وڪوڙي وئي گهر ۾ پيل هنڌ بسترا، ڪپڙا ۽ ڪاٺ پيٽي سميت ٻيو جو رکيل بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ملتان: سستي اٽي جي اسٽال تي هڪ شخص بيٺل آهن

ڪڪڙ ۾ ڪاڇي واسين جو لنڪ روڊ پڪو نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين امام بخش گاڏهي، لياقت علي گاڏهي، احمد چنو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سالاري جو ڪچو رستو پڪو ڪري ٺهرائي ڏنو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائينداسين

ڪڪڙ (ن ع) ڪاڇي ۾ سالاري لنڪ روڊ پڪو نه ٿيڻ سالاري ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسين جو پڪي روڊ جو مطالبو ان موقعي تي سالاري ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسي امام بخش گاڏهي، لياقت علي گاڏهي، احمد چنو علي حسن گاڏهي، علي بخش، زوار اعظم لاشاري، الطاف ڪوسو، آزاد چنو ديدار چانديو علي غلام قمبراڻي ۽ ٻين چيو آهي ته ملڪ کي آزاد ٿيڻ کي 78 سال گذري ويا آهن پر ڪاڇي جو سالاري رستو هيٺر تائين موجوده جديد دور ۾ به ڪچو رستو آهي جنهن مان ڌوڙ ڏيئي اڏري رهي آهي هنن چيو ته ڪچي رستي ۾ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

شهدادپور واسي ٽينگر کي اغوا بعد ٽن جوابدارن پاران بدفعلي، ٻه ڄڻا گرفتار

سوائي روڊ واسي 14 ورهين جي روهيت ڪمار ولد ڪنيا لال کي جوابدار گهران اغوا ڪري ويا

جوابدار غلام علي ڪلهوڙو، ٻچو رند ۽ آصف راجپوت ڪيلي جي فصل ۾ بدفعلي بعد ڇڏي فرار ٿي ويا: متاثر

پوليس ٽينگر جي والد جي فرياد تي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ٽينگر کي اسپتال منتقل ڪيو

جوابدار غلام علي ۽ آصف راجپوت کي گرفتار ڪيو آهي باقي ٻچو لاءِ ڇاپا هنيا پيا: پوليس

شهدادپور (ن ع) شهدادپور جي سوائي روڊ واري علائقي جو رهواسي 14 سالا شاگرد روهيت ڪمار ولد ڪنيا لال سان مبينا طور تي بدفعلي ڪئي وئي آهي ڪي جوابدار نوجوان کي گهران اغوا ڪري ڪئي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ آل سنڌ پرائمري ٽيچرز اڳواڻن جو چونڊ نتيجي کي رد ڪرڻ خلاف احتجاج

مظاهرين غلام سرور بزدار، محمد خان ڪالرو، مشتاق رستماڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

مقامي ڪميٽي طرفان ڪامياب قرار ڏنل عهديدارن کي بحال رکيو وڃي: مظاهرين

ٽنڊوالهيار (ن ع) ٽنڊوالهيار ۾ آل سنڌ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن جي شهيد راڻي پينل ۽ رفيق جروار گروپ جي اڳواڻن غلام سرور بزدار، محمد خان ڪالرو، مشتاق احمد رستماڻي، ارشاد احمد خانزاده، محمد عرس عمراڻي، محمد اقبال پنهور، محمد شفيع لنڊ، شيراز احمد خاصخيلي ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته چونڊيل اميدوار عهديدارن جي ڪاميابي وارن نوٽيفڪيشنن کي رد ڪرڻ جي سخت مذمت ڪريون ٿا ۽ ٽنڊوالهيار سٽي ۽ تعلقه بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۽ پرياسي 2 عورتن پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 18 سالا نوجوان ناري مريم ڌيءُ احمد حسين ۽ ڳوٺ مير خان سهتو ۾ 17 سالا ناري راڻي ڌيءُ پائي خان گهرو مسئلن سبب ڏار ڏار زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتان مريم ڌيءُ احمد حسين کي گڏيل جوڳي حالت ۾ ايل ايم يو حيدرآباد نيو ويو.

صحافي غلام حسين ۽ جاني خاصخيلي سان مامي جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

صحافين خالد ڪوڪر، لالا رحمان سمون، اقبال ملاح، وسيم خان ۽ ٻين تعزيت ڪئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سينئر نائب صدر خالد ڪوڪر ميمبر ايف اي سي لالا رحمان سمون، اقبال ملاح حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي صدر محمد وسيم خان، جنرل سيڪريٽري جام فريد لاکو سميت سمورن عهديدارن ۽ ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي ميمبرن حيدرآباد جي سينئر صحافي غلام حسين خاصخيلي جي سهري حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي فنانس سيڪريٽري جاني خاصخيلي جي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران ٽن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور (د ر) ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو موجب خيرپور پوليس منشيات جي سپلائرن خلاف بنا ڪنهن وقفي جي ڪارروايون ڪري رهي آهي. هن ٻڌايو ته سومر جي ڏينهن عبدالرحمان اٿڙ اڳوا ۽ ٽنڊومستي ٿاڻن جي حدن اندر ڪامياب ڪارروايون ڪري ڪي جوابدار غلام نبي ڪليري، سيد شهمير شاهه ۽ ظفر بلال بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: ٽرين مان ڪري زخمي ٿيل شخص کي اسپتال نيو پيو وڃي

شهدادپور لڳ ريل گاڏي مان ڪراچي واسي مسافر ڪري سخت زخمي، اسپتال داخل

شهدادپور (ن ع) شهدادپور جي شاهپور چاڪر روڊ تي قائم ريلوي ڦاٽڪ لڳ مسافر ٽرين مان ڪراچي سر شاهه سليمان روڊ عيسي نگري جو رهواسي بشير مسيح هلندڙ ٽرين تان ڪري پيو. جيڪو سخت زخمي ٿي پيو. جنهن کي علائقي واسين ڏسي ريلوي پوليس کي اطلاع ڏنو ريلوي پوليس ايمبولينس ذريعي زخمي کي سمس بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۽ پرياسي مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ ٽن عورتن سميت 13 ڄڻا زخمي ٿي اسپتال پهتا

مختلف روڊ حادثن ۾ فرقان، عارف، صائم، محمد حسين، ساجد، فائزه، غلام عباس ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

ٻن ڌرين جي جهيڙي ۾ زخمي اقبال حيدر ۽ چڱن ڪتن جي ڏاڙهڻ سبب فرحان ۽ شنڪر کي اسپتال آندو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۽ پرياسي موٽرسائيڪلن ۽ چنگچي رڪشائن جي ٽڪر ۾ فرقان، عارف، صائم، محمد حسين، ساجد، فائزه، غلام عباس، نياز علي، زاهده ۽ حسيب زخمي ٿي پيا ٻن بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ پاران عوامي آگاهي سيشن منعقد

ادارو عوام کي مفت، فوري ۽ غير جانبدارانه انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي: غلام رسول

آگاهي مهم ذريعي محروم طبقي تائين اداري جي خدمتن کي وڌيڪ قابل رسائي بڻائي پيو وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ حيدرآباد پاران گورنمينٽ مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد ۾ هڪ عوامي آگاهي سيشن جو اهتمام ڪيو ويو. ان سيشن جو مقصد شاگردن ۽ استادن کي وفاقي محتسب جي قيام جي اغراض ۽ مقصدن، ڪردار، خدمتن ۽ وفاقي ادارن جي خلاف عوامي شڪايتن جي اندراج ۽ ازالي جي طريقيڪار بابت آگاهه ڪرڻ هو. ان موقعي تي ريجنل هيڊ وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ حيدرآباد غلام رسول ايڊ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ۽ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪيو. سيشن ۾ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سڄي ٿرو ٿنهنجي بهادر سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي: اعظم خان نوحاڻي

ڏگهڙي (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ضلعي انفارميشن سيڪريٽري اعظم خان نوحاڻي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ گذريل ڏينهن بلوچستان ۾ پيش آيل دهشتگردي جي افسوسناڪ واقعن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته ملڪ دشمن عنصر پنهنجن مذموم ارادن ۾ ڪڏهن به ڪامياب نٿا ٿي سگهن. هن بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

لاهور: بسنت جي جشن جي سلسلي ۾ نوجوان وڏو انگ ۾ لغڙ خريد ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ بيواهه عورت طرفان نهڻن ۽ سڏس پاران ملڪيت ڦٻائڻ ۽ گهر تي قبضي جا الزام

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ بيواهه عورت طرفان ڏير معان ملڪيت ڦٻائڻ وارن الزامن کان پوءِ ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي آهي ان سلسلي ۾ بيواهه عورت جي پيرسن سس ڏڍي پاڙي جي رهواسڻ پيرسن عورت زبيده شيخ پنهنجي وارثن ۽ الزام هيٺ آيل پٽن دراز حسين ۽ سجاد شيخ سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي منهنجي پٽن گڏيل طور منهنجي پينشن، بنيولينٽ فنڊ جي رقم ۽ نياڻين جي پگهارن جي پئسن مان سال 1992ع ۾ چانهه جي پٽي جو ڪاروبار شروع ڪيو جنهن بعد پٽن پنهنجي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

حڪومت عوام کي بهتر صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي: ڊي سي نوابشاهه

نوابشاهه (س ر) صدر آصف علي زرداري ۽ خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري طرفان اباڻي ڳوٺ ۾ صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز حاجي علي حسن زرداري جي هدايتن تي بالو جا ڦبا ۾ اکين جي 30 هون مفت علاج ڪئمپ قائم ڪئي ڪئمپ جو افتتاح ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد عبدالصمد نظاماڻي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ طلاقيل عورت جو پيرسن امڙ سان گڏجي بااثر مائٽن جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي يار محمد ڪالوني جي رهواسڻ طلاقيل عورت پنهنجي پيرسن امڙ سان گڏجي بااثر مائٽن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي طلاقيل عورت حميره خاتون لنجواڻي پنهنجي پيرسن امڙ بادشاهه زادي لنجواڻي سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي تاريخي ورثي کي نقصان پهچائيندڙن سان ڪا به رعايت نه ڪبي: ذوالفقار

ثقافت واري صوبائي وزير ٺٽون ڪوٽ قلعي جو دورو ڪري ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو

قلعي ۾ لڳايل سي سي ٽي وي ڪيمرائن ۽ ٻين ڪمن جو جائزو وٺي سياحن سان ملاقات ڪئي

ٺٽون ڪوٽ (ن ع) صوبائي وزير ثقافت، سياحت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه جو ٺٽون ڪوٽ قلعي جو اوچتو دورو صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه قلعي ۾ لڳايل سي سي ٽي وي ڪيمرائن ۽ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ۽ اتي موجود سياحن سان ملاقات پڻ ڪئي، صوبائي وزير قلعي ۾ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

دادو تعليم کاتي جي ملازمن جو واجبن خلاف احتجاج، گهر تي قبضي جا الزام

جمن جمالي کان 61 لک روپيا هٿيا ۽ وياج سميت سمورا پيسا واپس ڪيا آهن: عبدالله ملاح ۽ بشير ميراڻي

بااثر وياجي 50 ڪروڙ جي منهنجي ذاتي ملڪيت تي قبضو ڪري ويٺل آهي: الزام

دادو (د ر) دادو تعليم کاتي جي ملازم عبدالله ملاح ۽ بشير احمد ميراڻي دادو پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته 2016 ۾ دادو جي مشهور وياجي جمن جمالي کان 61 لک روپيا هٿيا جيڪي ان وقت وياج سميت سمورا جمع ڪرائڻ بعد دادو شهر ۾ 50 ڪروڙ جي منهنجي ذاتي ملڪيت تي قبضو ڪري ويٺل آهي دادو جي وياجي جمن جمالي کي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: گند جي ڍير تان لاڏائو عورتون ڪم جون شيون ڳولهي رهيون آهن

خانپورمهر واسي قاضي برادري جي معزز ۽ تعليمدان استاد غلام ياسين قاضي لاڏاڻو ڪري ويو

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر شهر جي مهرو واهه محلي جو رهواسي قاضي برادري جي معزز شخصيت ۽ بهترين تعليمدان گورنمينٽ هائير

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سيدارجا ۾ ڪيميڪل ۽ ڊيٽرجنٽ ملايل کير وڪرو جاري، انتظاميا خاموش، رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

سيدارجا (ن ع) سيدارجا ۾ زهريلو ملاوٽ وارو کير سرعام هلڻ لڳو، انتظاميه ناڪام ڪيميڪل ۽ ڊيٽرجنٽ ملايل کير سبب معصوم ٻار عورتون ۽ بزرگ بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا، اسسٽنٽ ڪمشنر ڏري ميرواهه ۽ فوڊ انسپيڪشن عملو خاموش. تفصيلي رپورٽ موجب سيدارجا شهر اندر ڪيميڪل ۽ ڊيٽرجنٽ ملايل بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

رسول آباد جي فاطمه هاءِ اسڪول وڏڙ پوٺا ۾ سائنسي ميلو، شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران مختلف اسٽال لڳايا ويا

هنگورجا (ن ع) رسول آباد جي فاطمه هاءِ اسڪول وڏڙ پوٺا ۾ سائنسي ميلو لڳايو ويو. شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران مختلف سائنسي پروجيڪٽ جا اسٽال قائم ڪيا. اسٽالن ڏسندڙن جي رش. ٻارڙن جي محنت جي ساراهه. تفصيل موجب رسول آباد جي فاطمه هاءِ اسڪول وڏڙ پوٺا ۾ سائنسي ميلو لڳايو ويو جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران 50 کان بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

جهرڪ ويجهو زال ۽ ٻين ڌيئرن جي قتل ۽ جوابدار جي آپگهات بعد علائقي ۾ سوڳ ڇانيل

هڪ ئي گهر مان هڪ ئي گهر مان چار جنازا کڄڻ تي ماتم وارو منظر، ماحول سوڳوار بڻجي ويو

جوابدار هٿان زخمي ٿيل سنڌس 3 ڌيئرون رضيا نازيه ۽ ثريه حيدرآباد ۽ پٽ نجيب الدين ڪراچي اسپتال داخل

ڇئن فوتين جي جنازي نماز ۽ آخري رسمن ۾ ڪنهن به چونڊيل نمائندي ۽ سياسي اڳواڻ شرڪت نه ڪئي

ٿٽو (د ر) جهرڪ ويجهو ٽنڊو حافظ شاهه پرسان ڪيٽي ڪوسا واري علائقي ۾ هڪ جوابدار الهرکيو عرف رکو ڪوسو پاران پنهنجي گهرواري ۽ ٻن ڌيئرن کي بيدردي سان قتل ۽ چئن ٻارن کي زخمي ڪرڻ بعد بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: گورنر هائوس پرسان ٽريفڪ جام نظر اچي رهي آهي

خيرپور لڳ هٿيارٻندن جي فائرنگ نوجوان سخت زخمي، اسپتال منتقل

لقمان ڦاٽڪ چوڪ وٽ هٿيارٻند منير خواجه کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو

خيرپور (د ر) خيرپور لڳ لقمان ڦاٽڪ چوڪ وٽ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ موٽرسائيڪل سوار محمد منير خواجه سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان احمدپور کان خيرپور ڪورٽ حاضري تي آيو هو جيڪو واپس گهر وڃي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ چوڪيدار يرغمال، سونارن جي دڪانن مان لکين رپين جا زيور ۽ رقم ڦر

ڪورنگي جي ايريا مارڪيٽ ۾ جوابدارن هٿيارن جي زور تي چوڪيدار کي يرغمال بڻائي ورتو

ڇهن دڪانن جا تالا ٽوڙي چڙيا ۽ سون ۽ چاندي جا زيور، نقد رقم ڦر، پوليس پاران جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عوامي ڪالوني پوليس ٿاڻي جي علائقي ڪورنگي جي ايريا مارڪيٽ ۾ نامعلوم جوابدارن بندوق جي زور تي چوڪيدار کي يرغمال بڻائي ورتو ۽ ڇهن زيورن جي دڪانن جا تالا ٽوڙي چڙيا ۽ دڪانن ۾ رکيل سون ۽ چاندي جي زيور نقد رقم ۽ ڪجهه سيف چوري ڪري ويا. واقعي جي اطلاع ملڻ تي دڪاندار موقعي تي پهچي ويا ۽ فوري طور تي پوليس کي فون ڪيو جنهن تي علائقي جي پوليس موقعي تي پهچي وئي ۽ پوليس واقعي واري هنڌ تان ثبوت گڏ ڪرڻ لاءِ ڪرائم سين يونٽ کي به موقعي تي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل جي نجي بينڪ تي هٿيارٻندن جي ڪاهه، روڪ رقم ۽ سامان ڦر

هٿيارٻند هٿيارن جي زور تي 90 هزار روڪ ۽ موبائيل فونن ڦري ويا آهن: متاثر

اطلاع تي پوليس پهچي معلومات وٺڻ بعد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ناڪابندي ڪئي

پنوعاقل (ن ع) نامعلوم هٿيارٻند بينڪ ۾ داخل ٿيا ۽ پسٽولن جي زور تي عملي کي يرغمال بڻائي ڪيش ڪائونٽر تان 90 هزار رپيا روڪ رقم هٿ ڪئي، جڏهن ته عملي جي موبائل فون پڻ کسي ورتا. وارڊات دوران بينڪ ۾ موجود گراهڪن ۾ سخت خوف ۽ هراس پکڙجي ويو اطلاع ملڻ شرط پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته پرياسي وارن علائقن ۾ ناڪابندي ڪري جوابدارن جي ڳولا جاري آهي پوليس جو چوڻ آهي ته جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو.

پرياسٽي: نجي ڪي وي جي آفيس تي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پرياسٽي پرسان ڳوٺاڻن جو بنيادي مسئلن جي ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

يوسي دريا خان جلباڻي واسين وسيم، ٻيگ محمد لهراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

چيئرمين 3 سال کان ڳوٺ ۾ ٽڪي جو ڪم ناهي ڪرايو، انصاف ڪيو وڃي

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي جي يونين ڪائونسل دريا خان جلباڻي جي ڳوٺ حاجي محمد بچل لهراڻي جا رهواسي يوسي جي چيئرمين عبدالمنان بروهي جي خلاف ڳوٺاڻن ايڊوڪيٽ وسيم خان لهراڻي، بيگ محمد لهراڻي، عامر لهراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته يوسي چيئرمين ڪم ڪرڻ ته پري جي ڳالهه چيئرمين 3 سال کان ڳوٺاڻن کان حال به ناهي پڇيو سڄو ڳهوڙ تي مشتمل ڳوٺ آهي پر ڪنهن هڪ گهر ڪي به ڪا سولر پليٽ، سلائي مشين يا ڪو ٽلڪو ناهي مليو. هنن چيو ته ڳوٺ جا ڪم نه ٿيا ته احتجاجي دائرو وڌايو ويندو. بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

مانجهند تعلقي کي گئس ۽ ٻين سهولتون نه ملڻ خلاف پيادل مارچ شروع

قدرتي وسيلا جدوجهد ڪميٽي طرفان اڪي شاهه صدر کان علي آباد تائين احتجاج شروع ڪيو ويو

اٽڙيون ۽ علي آباد پرسان وڏي مقدار ۾ گئس نڪرڻ باوجود ڪنهن به ڳوٺ کي گئس نٿي ملي: اڳواڻ

مانجهند (ن ع) مانجهند تعلقي کي گئس ۽ ٻين سهولتون نه ملڻ خلاف قدرتي وسيلا جدوجهد ڪميٽي جامشورو طرفان لڪي شاهه صدر کان علي آباد تائين 5 روزه پيادل مارچ شروع ڪري ڇڏي ڪميٽي ڪنوينر ۽ ايس يو پي ضلع صدر جامشورو ايڊوڪيٽ خدا بخش ڦيهو لطيف پهنور جي يو آءِ جي مولوي سڏير احمد رند جسقمر جي اڪبر ملاح ايس ٽي پي جي غلام مصطفي ڪوسو جي اڳواڻي ۾ درگاهه لڪي شاهه صدر جي مزار تي حاضري ڀري پيادل مارچ شروع ڪيو ويو جيڪو ڳوٺ وڏا چڇر ۾ رات ترسندو ان موقعي تي ميڊيا کي اڳواڻن بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: آباد ڪار شوگر مل مان ملازمن جي برطرفي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽي ۾ ايس ٽي پي اڳواڻ ڪامريڊ عالم بروهي جي چاچي ڌل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

ٺٽو (ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي ڏرگهي جي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ عالم بروهي جي چاچي دل جو دورو پوڻ سبب 70 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري وئي مرحوم جي جنازي نماز پير تقي شاهه جيلاني واري عيدگاهه ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف مڪتبه فڪر بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

مٽياري پوليس پاران قتل ڪيس جي ٻن جوابدارن کي هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مٽياري (د ر) مٽياري پوليس جون شاندار ۽ مسلسل ڪامياب ڪارروايون قتل ڪيس جي مڪ جوابدار سميت 02 جوابدار گرفتار غير قانوني هٿيار هٿ. واضح رهي ته ٿي سلمان ملاح جي قتل جو افسوسناڪ واقعو موبائل مارڪيٽ بس اسٽاپ مٽياري جي ويجهو پيش آيو بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ڏگري بوائز ڪاليج مان واپس ايندڙ شاگرد کان هٿيارٻند موبائيل فون ڦر ڪري ويا

ڪوٽڙي (ن ع) سائيٽ ۾ ڦرلٽ جا واقعا رڪجي نه سگهيا ڏگري بوائز ڪاليج مان واپس ايندڙ شاگرد عزيز حسين کان ٻه هٿيارٻند موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واقعن ۾ ملوث عنصر برقت ڳوٺ جا رهواسي ٻڌايا وڃن ٿا. سائيٽ پوليس مبينا طور تي منشيات فروشن ۽ ڌوهاري عنصرن کان پئسا گڏ ڪرڻ ۾ مصروف آهي شهرين کي ڌاڙيلن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي

شهر ۾ قائم ميڙهن جي واڙن کي هر صورت ۾ ڪيٽل ڪالوني منتقل ڪيو ويندو: ڊي سي خيرپور

خيرپور (د ر) ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ چيو آهي ته ميڙهن جي واڙن کي هر صورت ۾ ڪيٽل ڪالوني منتقل ڪيو ويندو ان ۾ ڪابه عذر قابل قبول نه هوندو جڏهن ته شهرين جي سهولت لاءِ شهر ۾ قائم ڪوس گهرن کي فعال ڪيو ويو آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪيٽل ڪالوني ۾ سيڪنڊ فيز ۾ مالوندن کي ميڙهن جي واڙن جي منتقلي لاءِ پلاٽن جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپور ڊپٽي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر پاران مختلف علائقن جو دورو ڪري پوليو مهم ٽيمن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو

خيرپور (د ر) ڊپٽي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر جميل احمد پنهيار پوليو مهم جي سلسلي ۾ هيلٿ سينٽر پريالي ڳاڙهي موري ۽ ٽيڙهي جو تفصيلي دورو ڪيو دوري دوران هن پوليو ٽيم جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ۽ پاڻ به ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پياريا. ان موقعي تي ڊاڪٽر جميل احمد پنهيار والدين سان مخاطب ٿيندي چيو ته بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: ڳوٺ فقير محمد عباسي جي رهواسي مطالبن مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ ڪارروائي، ايراني ڊيزل سان پريل گاڏي ضبط، پيٽرول پمپ سيل

اتاترڪ ٽاور ويجهو حساس ادارن ۽ ضلعي انتظاميه سان گڏجي ڪاروائي ڪئي

پيٽرول پمپ تان 2500 ليٽر کان وڌيڪ ايراني ڊيزل سان ڀريل گاڏي هٿ ڪري ڪسٽم حوالي ڪري ڇڏي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي اتاترڪ ٽاور ويجهو حساس ادارن ۽ ضلعي انتظاميه سان گڏيل ڪاروائي ڪندي پيٽرول پمپ تان 2500 ليٽر کان وڌيڪ ايراني ڊيزل گاڏي هٿ ڪري ڪسٽم حوالي ڪري ڇڏي جڏهن ته پيٽرول پمپ کي سيل ڪيو ويو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته ٻن مزدا گاڏين مان ايراني تيل پيٽرول پمپ تي لاٿو پئي ويو ته حساس ادارن ۽ ضلعي انتظاميه اهڙي ڪاروائي ڪئي جنهن دوران اسسٽنٽ ڪمشنر راجا قريشي پيٽرول پمپ کي سيل ڪري ڇڏيو آهي ٻئي طرف ايراني ڊيزل ۽ گاڏيون وڌيڪ ڪاروائي لاءِ ڪسٽم اختيارين حوالي ڪيون ويون

نوري آباد ويجهو ٽنبو آدم واسي ڪٽنب سان حادثو، عورت ۽ ٻارڙي سميت 3 ڄڻا فوت، 6 زخمي

موٽر وي تي ڪراچي ۾ شادي تقريب ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ ڪٽنب جي وين ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي

حادثي ۾ وين جو ڊرائيور پهلوان، هڪ عورت ڏمرين ۽ ٻارڙي ابريش موقعي تي فوت ٿي ويا

ريسڪيو جون ٽيمون فوري طور واقعي واري هنڌ پهتيون، فوتين جا لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل

نوري آباد (رپورٽ: شمس پالاري) نوري آباد ويجهو موٽر وي تي ٽنبو آدم کان ڪراچي ويندڙ هڪ ڪٽنب جي وين ٽرالر سان زوردار ٽڪرائجڻ سبب دل ڏڪائيندڙ حادثو پيش آيو حادثي جي نتيجي ۾ هڪ عورت ۽ هڪ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل ٻارڙي جيڪا بعد ۾ فوت ٿي وئي

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ تيز رفتار واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ معصوم نياڻي فوت

سائيٽ ٻبر چوڪ مدينا مسجد حادثي ۾ پنج سالن جي سعيدا چانڊيو زخمي ٿي پئي

ڪيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ اسپتال آندو ويو جتي هو فوت ٿي وئي، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي ٻبر چوڪ مدينا مسجد وٽ تيز رفتار واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ 5 سالن معصوم نياڻي سعيدا ڌيءُ ضمير چانڊيو سخت زخمي ٿي پئي جنهن کي بلاول ميڊيڪل اسپتال ڪوٽڙي نيو ويو جتي هوءَ علاج دوران فوت ٿي وئي سائيٽ پوليس اهڙي رپورٽ درج ڪري ٽينڪر تحويل ۾ ورتو آهي جڏهن ته ڊرائيور فرار ٿي ويو واقعي خلاف رهواسين سخت احتجاج ڪندي چيو ته ٽينڪر وارن جي لاپرواهي جي ڪري اسان جا ڪيترا ئي ٻار فوت ٿي چڪا آهن نه انهن جي خلاف ڪو قانون بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خيرپور سينٽرل جيل جو بيمار قيدي سول اسپتال ۾ فوت

قيدي شهباز ڏنو شيخ ٽن سالن قتل ڪيس ۾ سينٽرل جيل ۾ قيد هو

طبيعت خراب ٿيڻ تي ڪيس علاج لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو فوت ٿي ويو

خيرپور (د ر) سينٽرل جيل خيرپور جو بيمار قيدي شهباز ڏنو شيخ کي علاج لاءِ جيل مان سول اسپتال خيرپور جي قيدي وارڊ ۾ منتقل ڪيو ويو هو جتي هو فوت ٿي ويو ذريعن موجب قيدي شهباز ڏنو شيخ گڏريل ٽن سالن کان ٽيٻا برادري جي شمن ٽيبو جي قتل واري ڪيس ۾ سينٽرل جيل خيرپور ۾ قيد هو. ڊگهي قيد سبب طبيعت خراب ٿي وئي. جنهن بعد ڪيس علاج لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو فوت ٿي ويو پوءِ بعد ۾ قانوني ڪاروائي مڪمل ڪرڻ بعد فوت ٿيل قيدي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي پاران ضلعي جي 7 اسڪولن ۾ فرنيچر ورهايون ويون

ميرپورماٿيلو (ن ع) سي ايس آر فنڊ (ماڙي انرجيز) تحت گورنمينٽ بوائز هائي اسڪول اوباوڙو ۾ مختلف اسڪولن کي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: ڊي سي منظور احمد ڪنراڻي فرنيچر اسڪول حوالي ڪري رهيو آهي

ڪي اين شاهه ويجهو هٿيارٻند ڳوٺاڻي کي زخمي ڪري موٽرسائيڪل ڦري ويا

خيرپورناٿن شاهه (ن ع) خيرپورناٿن شاهه ويجهو گوزو پوليس پوسٽ جي حد ڪاچي علائقي ۾ واقع بجهاءِ بند وٽ ٽن اڻڄاتل هٿيارٻندن ڳوٺاڻي سبين چنو کان هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل ڦرڪئي، جڏهن ته مزاحمت تي ڪيس پسٽل سان فائرنگ ڪري سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا، زخمي کي تعلقه اسپتال بعد ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي ريفر ڪيو ويو.

نوشهروفيروز ۾ شيخ ۽ ٻگهيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 2 ڄڻا زخمي

انصاري پاڙي ۾ جهيڙي دوران ڏنڊا لڳڻ سبب جنيد ۽ ساجد ٻگهيو زخمي ٿي پيا

زخمين کي وارثن اسپتال منتقل ڪرڻ بعد احتجاج ڪندي جوابدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو

نوشهروفيروز (ن ع) نوشهروفيروز جي انصاري پاڙي ۾ شيخ ۽ ٻگهيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو ڏنڊا ۽ سرون لڳڻ سبب ٻه ڄڻا جنيد ٻگهيو ۽ ساجد ٻگهيو زخمي ٿي پيا آهن جن کي سول اسپتال منتقل ڪيو فرسٽ ايڊ ملڻ کان زخمي پنهنجي امڙ کي ساڻ ڪري پريس ڪلب پهتا جتي احتجاج ڪندي ميڊيا اڳيان دانهيندي هنن چيو جوابدار فاروق شيخ، وحيد شيخ ۽ ٻن نامعلومن اسان مٿان لٺين جو وسڪارو لاٿي ڏنو جن کي شراب پيتل هو هنن چيو ته اسان ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي ۽ پوليس جوابدارن کي گرفتار بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ هٿيارٻند ٽينگر کان موٽرسائيڪل ڦري فرار

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل سٽي ٿاڻي جي حد چونگها چوڪ وٽان نامعلوم هٿيارٻند ڪاشف جتوئي کان 2026 ماڊل سي ڊي موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ڳوٺ عالم خان جتوئي جي معصوم ٻارڙن کان هٿيارن جي زور تي ڦورو موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پاڻي کوٽ ۽ بدامني خلاف ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻو، مين روڊ بلاڪ، ٽريفڪ معطل

جماعت اسلامي ليڊيز ونگ ۽ شهرين اوور هيڊ برج کان ريلي ڪڍي ڊپٽي ڪمشنر آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو

علائقي جا لکين ماڻهو پاڻي جي شديد کوٽ سبب اذيت ۾ مبتلا آهن ۽ امن امان جي صورتحال خراب آهي: اڳواڻ

ضلعي انتظاميا ۽ ٻيا اختيار ڌڻي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ بجاءِ ڪرپشن ۽ عياشين ۾ مصروف آهن: خطاب

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پاڻي جي شديد کوٽ ڪراچي واهه ۾ پاڻي جو ڇوڙ نه ٿيڻ ۽ بدامني خلاف جماعت اسلامي جامشورو ليڊيز ونگ پاران اوور هيڊ برج کان احتجاجي ريلي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: جماعت اسلامي پاران پاڻي جي کوٽ خلاف ڊي سي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو پيو وڃي

ڪوٽ ڏيجي ۾ اي سي ۽ فوڊ اٿارٽي ٽيم ۾ جوابدارن کي مضر صحت گوشت سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور (د ر) ڪوٽ ڏيجي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر درياخان چانڊيو ۽ فوڊ اٿارٽي جي آفيسر اعجاز ڳوپانگ گڏيل طور تي ڪارروائي ڪري 5 من مضر صحت گوشت هٿ ڪيو ۽ ٻه جوابدار گرفتار ڪيا جڏهن ته ٻه لک پنجاهه هزار روپيا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو ويو ان حوالي سان اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽ ڏيجي درياخان چانڊيو ميڊيا کي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي تعلقي ۾ مهيني کان پاڻي بند، رهواسي سخت پريشان، نوٽيس جو مطالبو

ڳوٺن ۾ تلاءَ سڪي ويا آهن ۽ شهرن ۾ پاڻي جا ذخيرا ختم ٿي چڪا آهن: رهواسي

مهيني کان پاڻي بندش انساني سان گڏ مال مويشي لاءِ به ڳنڀير مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا آهن

ڏگهڙي (ن ع) فيبروري جي شروعات ۾ بيهر پاڻي جي بندش سبب ڪڻڪ ۽ سرنهن جون فصلون بري طرح متاثر ٿيون آهن ۽ پيداوار ۾ نمايان گهٽتائي ڏٺي وئي آهي. آبادگار اڳواڻن شفيق قائم خاني، ايوب آرائين ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته آبپاشي کاتي جي ناقص رٿابندي سبب ريسٽ چمڙائو برانچ ۾ لائيننگ جو ڪم رولڙي جو شڪار رهيو جڏهن ته نارا ڪينال مقرر تاريخ 20 جنوري بدران 28 جنوري تي کوليو ويو جنهن جو سڌو اثر زراعت تي پيو آهي. ٻئي پاسي پاڻي جي ڏگهي بندش سبب تعلقو ڏگهڙي جي اٺن يونين بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

دوڙ واسي عابد لاشاري کي اين ڊي ايف پاڪستان جو ڊويزنل پرسن مقرر ڪيو ويو

دوڙ (ن ع) معذور اڳواڻ عابد لاشاري، صدر اين ڊي ايف پاڪستان کي انساني حقن لاءِ معذور ماڻهن جو فوڪل پرسن مقرر ڪيو ويو تعلقه دوڙ جي ڳوٺ محمد خان لاشاري جو رهواسي معذور اڳواڻ عابد لاشاري، صدر نيشنل ڊس ايبلٽي اينڊ ڊولپمينٽ فورم (اين ڊي ايف) پاڪستان نوابشاهه کي ڊائريڪٽوريٽ آف هيومن بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي عدالت پاران جيل سپريڊنٽ سميت 9 ڄڻن تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

ڳوٺ خواجه واسي مسمات نذيران جيل اندر پٽ جي قتل ڪرڻ خلاف عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي

برادري جي بااثرن جيل انتظاميا سان گڏجي جيل اندر پٽ ڪريم ڏنو خواجه کي قتل ڪري ڪرايو آهي: موقف

عدالت جاچ بعد اڳوڻي جيل سپريڊنٽ ارشاد علي رند سميت 9 ڄڻن مٿان ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

گرفتاري جي فيصلي بعد جوابدار ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، انصاف ڪيو وڃي

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور پرسان ڳوٺ خواجه رهواسي نوجوان کي جيل اندر قتل ڪرڻ وارو معاملو مقتول جي پيڻ جي فرياد تي خيرپور جي عدالت پاران جيل سپريڊنٽ سميت 9 ڄڻن مٿان قتل جو بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

دادو: مشائخ اتحاد تڪميل پاڪستان سنڌ جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ٽنڊوڄام ۾ رٽائرڊ ٽيچرس ڀهراڙي جو اجلاس، نئين باڊي جي چونڊ ڪئي وئي

ٽنڊوڄام (ت ر) گورنمينٽ رٽائرڊ ٽيچرس ايسوسيئيشن تعلقي حيدرآباد ڀهراڙي جو اجلاس صدر نثار احمد رڙ جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ ضلعي صدر سيف الله خاصخيلي خصوصي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ رٽائرڊ ايسوسيئيشن جي نين آيل ميمبرن عابد حسين هيسباڻي، بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز پريس ڪلب جي چونڊ، محمد يونس راڄپر بنا مقابلي صدر منتخب

نوشهروفيروز (د ر) نوشهروفيروز پريس ڪلب جي سال 2026 جون چونڊون اليڪشن ڪميٽي جي چيئرمين ممتاز سولنگي، سيڪريٽري اليڪشن ڪميٽي فقير ميهر ٻهڻ جي نگراني ۾ ٿي گذريون جنهن سمورا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا بنامقابلي چونڊجي آيل صدر محمد يونس راڄپر، سينئر نائب غلام مصطفا مسرور چانڊيو نائب صدر ڪشن راجه جنرل سيڪريٽري فقير علي نواز ناز سولنگي، بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

خانواهڻ پريس ڪلب جي چونڊ، مفتقر راءِ سان مظهر ڪلهوڙو صدر منتخب

خانواهڻ (ن ع) پريس ڪلب خانواهڻ جي سال 2026 جي باڊي چونڊ ٿي گذري جنهن ۾ صدر مظهر ڪلهوڙو جڏهن ته عاقب حاڪم ڪونڊر مفتقر راءِ سان جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويو باڊي چونڊ پريس ڪلب خانواهڻ جي سينئر صحافي سرپرست اعلى رياض پارس ملاح شهري اتحاد خانواهڻ جي صدر سيد عاشق علي شاهه ۽ ٻين جي زيرنگراني ۾ ٿي گذري جنهن ۾ مڙني صحافين وڏي انگ ۾ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: سي ڊي اي جا ملازم چيڙ هٽائڻ لاءِ ٽرڪ تان مٽي لاهي رهيا آهن

باقراڻي ٿاڻي جي لاڪپ ۾ فوت ٿيل نوجوان جي قبر ڪشائي ڪري جزا ورتا ويا

سول جج جڊيشل مئجسٽريٽ ڏوڪري جي نگرانيءَ ۾ نوجوان زبيد الله لاشاري جي قبر ڪشائي ڪرائي وئي

ڊاڪٽرن جي ٽيم فوتي نوجوان جي جسم جي مختلف حصن جا جزا ورتا ويا جيڪي ليبارٽري اماڻيا ويندا

پوليس منهنجي پٽ کي گرفتار ڪري 2 لک روپيا رشوت گهري رشوت نه ڏيڻ تي قتل ڪيو آهي: امڙ خانزادي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) باقراڻي ٿاڻي جي لاڪپ مان ڏيڍ مهينو اڳ نوجوان زبيد الله لاشاري جو لاش هٿ اچڻ واري واقعي کان پوءِ پوسٽ مارٽم نه ٿيڻ تي وارثن طرفان عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائڻ بعد سول بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو اسپتال ۾ وارڊ واسي ٻارڙي فوت، وارثن جو ڊاڪٽرن خلاف احتجاج

شيخ زيد ٻاراڻي اسپتال جي آءِ سي يو وارڊ ۾ علوسيم ڌيءُ مرتضيٰ ڏيهو فوت ٿي وئي

اسان جي نياڻي 4 ڪلاڪن تائين بيڊ نه ملڻ ۽ ڊاڪٽرن جي لاپرواهي سبب فوت ٿي آهي: وارث

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي شيخ زيد ٻاراڻي اسپتال جي آءِ سي يو وارڊ ۾ ڇاتيءَ جي مرض ۾ مبتلا وارڊ واسي ٻارڙي عليسيم ڌيءُ مرتضيٰ تنيو ٻارڙي فوت ٿي وئي، وارثن ڊاڪٽرن مٿان غفلت جو الزام لڳائيندي احتجاج ڪيو جتي هنن اسپتال انتظاميه خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي فوتي ٻارڙي جي والد غلام مرتضيٰ تنيو الزام لڳائيندي چيو ته معصوم ٻارڙي کي ڇاتيءَ جي تڪليف سبب شيخ زيد ٻاراڻي اسپتال ۾ داخل ڪرايو جتي 4 ڪلاڪن تائين بيڊ نه ملڻ ۽ ڊاڪٽرن ۽ عملي جي لاپرواهي سبب نياڻي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: چينل واهه مان پاڻي جي سپلائي واري پائپ لائن مان وڏو مقدار ۾ پاڻي ضايع ٿي رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ سانا ٽيم پاران 15 شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ اسڪالرشپ ورهائڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو ۾ سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) جي سهڪار سان سانا ٽيم اسڪالرشپ حاصل ڪندڙ ميڊيڪل جي 15 شاگردن ۽ شاگردياڻين جي حوصلا افزائي لاءِ اسڪالرشپ ورهائڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي جن کي پنجن سالن لاءِ بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام پريس ڪلب جي چونڊن ۾ صدر اظهر علي لوچي ۽ ٻيا عهديدار بنا مقابلي ڪامياب

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام پريس ڪلب جون چونڊون چيئرمين اليڪشن ڪاميٽي مظهر علي لاشاري، گل شير لوچي ۽ اعجاز علي ميمڻ جي نگراني ۾ ٿي گذريون، چونڊن ۾ صدر اظهر علي لوچي سينئر نائب صدر مير شاهنواز ڏاليين نائب صدر نواب احمد، جنرل سيڪريٽري گلزار احمد سرگاڻي جوائنٽ سيڪريٽري محسن مگسي خزانچي شفقت قادري، آفيس سيڪريٽري بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.